


# بند اکين ۾ ڪجھ يادون
# ڪجھ سپنا

طارق اشرف

Sindhica
سنڌيڪا

# بند اکين ۾
# ڪجھ يادون ڪجھ سپنا

(ڪھاڻيون)

طارق اشرف

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر
9

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 1992ع
ٻيون ڇاپو: 1999ع
ڪتاب جو نالو: بند اکين ۾ ڪجھ يادون ڪجھ سپنا
ليکڪ : طارق اشرف
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملھ: 130 رپيا

"Band Akhyun Main Kujh Yadoon Kujh Sapna"
(Sindhi Short Stories: By Tariq Ashraf)
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290

لکپڙھ ۽ وي پي ۽ ذريعي گھرائڻ لاءِ
**سنڌيڪا اڪيڊمي**
B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌاءُ

پبلشر نوٽ 5
مان ۽ پيش لفظ- طارق اشرف 7
مهاڳ- ماهتاب محبوب 11

## سونهن، پٿر ۽ پيار

ڇهڪ 31
مارڪيٽ 35
موڙ 42
هوا کي ڪير روڪي؟ 48
سونهري شام 60
جُهري پئي جندڙي 68
سونهن پٿر ۽ پيار 76

## زندگي جو تنها مسافر

او زندگي، زندگي 97
پيار جي سرحد 111
مرني آئي ياد 128
گوندر ڪيا گوڙنچ 135
ويران- اوندهو گهر 149
موٽائي ڏيو منهنجا خواب 164
روپ بهروپ 171
نفرت 179
منهن ڪارو 185
زندگيءَ جو تنها مسافر 191
ڪجهه گهڙيون 210

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

سنڌيڪا اڪيڊمي سنڌ جي برک ليکڪن ۽ اديبن جي قلمي ڪاوشن کي ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جنهن سان هڪ پاسي هيڏو سارو علمي ۽ ادبي ذخيرو محفوظ رهي ۽ ٻي طرف پڙهندڙن کي هڪ نئي جاءِ تي ان مان لاڀ پرائڻ جو موقعو ملي- اڪيڊمي جو ستون ڪتاب 'منهنجو تخليقي سفر' خيرالنساءِ جعفري جي ڪهاڻين، تقريرن، ڪتابن تي لکيل مهاڳن انٽرويوز انڊيا جي سفر ۽ ٻين لکڻين تي مشتمل انهيءَ سلسلي جي ابتدائي ڪڙي هئي. هي اڪيڊمي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ نائون ڪتاب انهيءَ سلسلي جي ٻي ڪڙي آهي، جنهن ۾ اسان سنڌ جي برک اديب ۽ ڪهاڻيڪار محترم طارق اشرف جي سمورين ڪهاڻين کي گڏي هڪ ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. محترم طارق اشرف پنهنجي انهيءَ خواهش هيٺ ڪهاڻين جي اهو مسودو سنڌيڪا اڪيڊمي جي حوالي ڪيو هو تہ اڪيڊمي جنهن نموني ٿورڙي عرصي ۾ بهترين ڪتابن آڻ جو سٺو مثال قائم ڪيو آهي، ان مطابق ڪتاب جلد ۽ خوبصورت ڇپجي پڌرو ٿئي. مرحوم جي ڪتاب ۾ دلچسپيءَ جو اهو عالم هو جو ان جا ٻئي پروف پاڻ پڙهيائين ۽ ڪتاب جو ٽائيٽل پاڻ حيدرآباد جي آرٽسٽ علي عباس کان ٺهرائي اڪيڊمي جي حوالي ڪيائين.

اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ مرحوم جي ان خواهش مطابق ڪتاب جلد ۽ خوبصورت ڪري پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچايون. ڪتاب جي باري ۾ صرف ايترو چئبو تہ ان ۾ شامل ڪهاڻين جا ڪيترا پلاٽ خود طارق اشرف جي شخصيت جي چوڌاري ڦرن ٿا. ان حوالي سان هي ڪتاب خود مرحوم جي شخصيت جي مختلف پهلوئن کان آگاهي جو ذريعو پڻ آهي. وڌيڪ ڪتاب جي باري ۾ ماهتاب محبوب جي راءِ سگهاري آهي ۽ اسان ان تي اڪتفا ڪريون ٿا.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان ۽ پيش لفظ

منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب 'سونهن، پٽر ۽ پيار' جون 1964ع ۾ ڇپيو هو. تڏهن منهنجيون ڏهه بارهن ڪهاڻيون ڇپيون هيون، ۽ پهرين ڪتاب ۾، انهن مان ست ڪهاڻيون چونڊ ڪري ڇپرايون هئم.

منهنجي پهرين ڪهاڻي 'دري' عبرت مخزن ۾ 1960ع ۾ ڇپي هئي. تڏهن جي 'عبرت' مخزن جو ايڊيٽر محترم پروانو ڀٽي هو. پر صحيح معنيٰ ۾ مونکي ادبي ميدان ۾ واقفيت محترم شمشيرالحيدري تماهي 'مهراڻ' جي وسيلي ڪرائي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ ساڳي مخزن جو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو.

1960ع ۾ مون پنهنجي دوست غلام نبي مغل سان گڏجي (بلڪ پهرين ڪتاب ۾ هڪ ٻيو دوست نظير شيخ به گڏ هو) هڪ اشاعتي ادارو 'اداره ادبِ نو' قائم ڪيو هو، جنهن هڪ ٻئي پٺيان ٽي ڪتاب ڪڍيا. 'پهريون قدمَ' ۽ 'ٻيو قدم.' انهن ڪتاب مان پهرين ۾ مختلف ليکڪن جا شعر ۽ ڪهاڻيون ۽ ٻئي ۾ فقط ڪهاڻيون هيون. ۽ ٽيون ڪتاب شمشيرالحيدريءَ جي شعرن جو پهريون ڪتاب 'لاٽ' هو. تڏهن شمشيرالحيدري صلاح ڏني ته هاڻ توهان (مان ۽ مغل) پنهنجي ڪهاڻين جا ڪتاب به ڇپرايو، نه ته هِتي ڪو ٻيو ڪونه ڇپرائيندو (ڇو ته انهن ڏينهن ۾ ذاتي اشاعتي ادارا نه هئڻ جي برابر هئا).

تڏهن جون 1964ع ۾، اسانجي قائم ڪيل اداري تحت ٻه ڪتاب — منهنجين ڪهاڻين جو ڪتاب 'سونهن، پٽر ۽ پيار،' ۽ غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جو ڪتاب 'نئون شهر،' ٻنو ڪتاب ڪري ڪڍيوسين، 'ٻنو ڪتاب' سنڌيءَ ۾ پهريون تجربو هو. هن ڪتاب کي ٻنهي پاسي ٽائيٽل هئا، هڪ پاسي 'سونهن، پٽر ۽ پيار' ٻئي پاسي 'نئون شهر'.. سنڌي ڪتابن ۾ اِها نواڻ هئي. انهيءَ ڪتاب جو مهورت محترم رسول بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجي گول بلڊنگ جي ڇت تي ڪيو هو. انهيءَ بلڊنگ ۾ انهن ڏينهن ۾ محترم مقبول صديقي رهندو هو، اِهو انتظام هِن ئي ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪتاب جي افتتاح ڪرڻ جو رواج اڃا پيو ڪونه هو. انهيءَ کان اڳ اسانجي ڪتاب 'لاٽ' جو مهورت تنوير عباسي، صدر جي هڪ هوٽل ۾ ڪيو. اِهو مهورت بہ هوٽل جي ڇت تي ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ تہ گرمين ۾ ويهڻ جو انتظام هوٽل وارا ڇت تي ڪندا هئا.

اِهو ٻڌائڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ انهن مهورتن ۾ فقط ڪجھ ليکڪ دوست شامل هئا. اهي ڪي وڏا ادبي ميڙ ڪونہ هئا.

ادي ماهتاب محبوب هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ منهنجي لاءِ لکيو آهي:
'مون کي اِهو پسند ئي ناهي تہ ڪو منهنجي مجموعي تي مهاڳ لکي.'

ادي ماهتاب منهنجا ئي لفظ ورجايا آهن. واقعي مان پنهنجي ڪتابن تي مهاڳ لکائڻ جي خلاف هئس. نہ فقط ڪهاڻين جي ڪتابن تي، بلڪ پنهنجي هر ڪتاب تي. منهنجيون جيڪي جيل جون ڊائريون، خطن جا ڪتاب، ناول ۽ خاڪن جو ڪتاب آهي، انهن مان ڪنهن هڪ تي بہ ڪنهن ليکڪ جو پيش لفظ لکيل ڪونهي؛

پر هاڻ پيش لفظ ڇو لکرايم ۽ ماهتاب محبوب کان ئي ڇو؟ انهيءَ تي پوءِ ٿو اچان، پهرين اِها ڳالھ مان پيش لفظ لکرائڻ جي خلاف ڇو هوس. مون ۾ بہ ڳالهيون آهن: هڪ پاڻ تي اعتماد، ۽ ٻيو نواڻ پسند. اِهو پاڻ تي اعتماد ئي هو تہ جڏهن شمشيرالحيدري منهنجي پهرين ڪهاڻين جي ڪتاب تي پيش لفظ لکڻ جي خواهش ظاهر ڪئي؛ ڇاڪاڻ تہ مان نئون ليکڪ هوس ۽ شمشير مون کي متعارف ڪرائڻ پئي گهريو پر مون کيس چيو: 'اهي ڪهاڻيون منهنجيون ڪهاڻيون آهن، ڪچيون ڦڪيون جهڙيون بہ آهن، مونکي پياريون آهن. منهنجي خواهش فقط اها آهي تہ پڙهندڙن کي پسند پون. مونکي ڪنهن اديب کان پيش لفظ لکرائڻو ڪونهي.'

پاڻ تي اعتماد ۽ نواڻ ئي ڪارڻ هو، جو مون پنهنجي پهرين ڪتاب تي ڪنهن وڏي ليکڪ کان پيش لفظ نہ لکرايو. جڏهن تہ هر نئين ليکڪ جي خواهش هوندي آهي تہ هن جي پهرين ڪتاب تي ڪو وڏو ليکڪ پيش لفظ لکي. مونکي يقين هو تہ پڙهندڙ ڪنهن وڏي ليکڪ جي سرٽيفڪيٽ ڪانسواءِ منهنجيون ڪهاڻيون پڙهندا. ۽ پڙهندڙن مونکي مايوس نہ ڪيو، هنن منهنجي ڪهاڻين کي پڙهيو بہ ۽ پسند بہ ڪيو، انهيءَ جو ثبوت، انهيءَ ڳالھ مان ئي ملي ٿو تہ منهنجو پهريون ڪهاڻي ڪتاب 'سونهن، پٿر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار‘ تي پيرا ڇپيو. ۽ ٻئي پيري ته ٽن هزارن جي تعداد ۾ ڇپيو. اُنهيءَ کان علاوه منهنجي ڪهاڻي ’موڙ‘ سنڌيءَ ۾ پنج پيرا، اردوءَ ۾ ٽي پيرا ۽ هڪ پيرو انگريزيءَ ۾. ڪهاڻي ’ڇهڪ‘ ڇهه پيرا سنڌيءَ ۾ ۽ پنج پيرا اردوءَ ۾ ڇپي. اهي ٻئي ڪهاڻيون منهنجيون شروعاتي ڪهاڻيون آهن.

۽ جيستائين ’نواڻ‘ جو واسطو آهي، اسانجي اداري جي پهرين ڪتاب ’پهريون قدم‘ جي سائيز اسان عام ڪتابن کان بلڪل ئي مختلف رکيسين. جڻ ڪتاب نه ورتو، تن به اسٽالن تان هن ڪتاب کي ڪٽي ڏنو ضرور.

سو اهو اعتماد هو، جنهن جي ڪري مون پنهنجي پهرين ڪتاب تي ڪنهن وڏي ليکڪ کان پيش لفظ نه لکرايو. ائين ڪيترين ننڍين لکڻين تي وڏن ليکڪن ’وڏي‘ هئڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو، پر پڙهندڙن انهن سرٽيفڪيٽن کي ڪونه قبوليو. آمر ايوب خان جو ڪتاب 'Friends not Masters' انهيءَ جو وڏو مثال آهي، جنهن جي ساراهه ۾ جيترا تبصرا، رايا ۽ پبلسٽي ڪئي وئي، پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب جي نه ڪئي وئي.

مون هميشه جيڪو ڪم ڪرڻ چاهيو آهي، انهيءَ کي چئلينج سمجهي ڪيو. جڏهن منهنجي هڪ دوست مونکي چيو، ”مخزن ڪڍي ڏيکار.“ ته مون ’سهڻي‘ ڪڍي ڏيکاري. جڏهن ساڳئي دوست چيو ته: ”سال کن ڪڍي ته مڃونس.“ ته مون نوَ سال سهڻي ڪڍي ڏيکاري، پوءِ حڪومت پابندي وڌي، جنهن ڪري سهڻي بند ٿي. پر خدا جي فضل سان سهڻي اڄ وري به نڪري رهي آهي.

مان ميان ٿو ته مونکي اڄ تائين ’ادبي انعام‘ نه مليو آهي. پر انعامن جي اصلي حقيقت ڪهڙي آهي، انهيءَ کان به هرڪو واقف آهي. منهنجي لاءِ اهو انعام ئي ڪوڙ آهي، ته پڙهندڙ مونکي عزت ڏين ٿا، پڙهن ٿا، ساراهين ٿا.

ماهتاب محبوب پنهنجي پيش لفظ ۾ لکيو آهي ته: ’(پيش لفظ لکرائڻ لاءِ) مون تي نظر ڪرم ڇو؟‘

مان مٿي لکي چڪو آهيان ته مون ۾ شروع کان اعتماد آهي، تنهنڪري مون ڪنهن ليکڪ کان، ليکڪ هئڻ يا سٺي ليکڪ هئڻ جو سرٽيفڪيٽ نه ورتو. مون اهو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيو، ۽ هنن مون کي مايوس نه ڪيو. اڄ جڏهن مون کي لکندي ايڪٽيهه سال ٿي ويا آهن. منهنجا نوَ ڏهه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، ورهين کان سهڻي ايڊٽ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهيان. پَڪَ اٿم تہ هاڻ ڪو مونکي اِهو نہ چئي سگهندو تہ ـ طارق اشرف جي سجاڳيءَ ادب ۾ ماهتاب محبوب ڪرائي آهي، يا پنهنجي سجاڳپ لاءِ ماهتاب محبوب جي پيش لفظ جو سهارو ورتو اٿس. جو تہ سمجهان ٿو تہ هاڻ بنا سهاري بہ ادبي ميدان ۾ هلڻ جهڙو ٿي ويو آهيان.

ماهتاب محبوب ڪان مون پيش لفظ ڇو لکرايو؟ حقيقت اها آهي تہ مونکي ماهتاب محبوب جا لکيل پيش لفظ ڏاڍا وڻندا آهن. اُهي پيَش لفظ بہ آهن ۽ خاڪا بہ. انهن ۾ مزاح بہ آهي ۽ طنز بہ. هيءَ طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز ۾ ڪي اوڻايون ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ بڌائي ويندي آهي. اها بہ ڳالھ آهي تہ ادي ماهتاب منهنجي اوڻائين کي نظرانداز ڪري، رڳو منهنجيون خوبيون ڳولهڻ جون ڪوشش ڪئي آهي ۽ اِها سندس مهانتا آهي، ڇاڪاڻ تہ مان سمجهان ٿو تہ مون ۾ ايتريون خوبيون آهن ئي ڪونہ، جيتريون ادي ڄاڻايون آهن.

بهرحال مان سندس ٿورائتو آهيان تہ هن نہ فقط منهنجي ڪهاڻين تي پيش لفظ لکيو پر سيئي ڪهاڻيون پڙهيون بہ. اِهو مان انهيءَ ڪري چئي سگهيو آهيان، جو هوءَ مون سان، منهنجي ڪهاڻين تي ڳالهائيندي رهي آهي.

’سونهن، پٿر ۽ پيار‘ ڪانپوءِ 1978ع ۾ منهنجي ڪهاڻين جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب ’زندگيءَ جو تنها مسافر‘ ڇپيو هو، ۽ 1982ع ۾ ٽيون ڪهاڻي ڪتاب ’درد جا ڏينهن، درد جون راتيون.‘ پهرين ڪهاڻي ڪتاب ۾ ست ڪهاڻيون هيون. ٻئي ۾ يارهن ۽ ٽئين ۾ ارڙهن. انهن ڪتابن ۾ شامل ڪهاڻين ڪان علاوه 1982 کان 1991 تائين نون سالن جي عرصي ۾ مون ڇھ ٻيون ڪهاڻيون بہ لکيون آهن، جن مان پنج مختلف مخزنن ۾ ڇپيون آهن، ۽ هڪ اڻ ڇپيل آهي. يعني ڪُل ٻائيتاليھ ڪهاڻيون، جيڪي مون ايڪٽيهن سالن ۾ لکيون آهن. اهي سموريون ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

مان پنهنجي دوست نوراحمد ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جو نہ فقط هن منهنجي خواهش تي سموريون ڪهاڻيون هڪ ڪتاب ۾ گڏ ڪري ڇپيون آهن، بلڪ ڪتاب بہ جلد ڇپيو اٿس.

22-11-1991

حيدرآباد، سنڌ.

**طارق اشرف** –



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

’سهڻي‘ جو ’ميهار‘ طارق اشرف پنهنجي سن 64 واري ڪهاڻين جي مجموعي ’سونهن، پٿر ۽ پيار‘ جي ٻئي ايڊيشن 1975ع ۾ لکي ٿو: ”مونکي اِهو پسند ئي ناهي ته ڪو مُنهنجي مجموعي تي مهاڳ لکي.“ وري پاڻ ئي وضاحت ڪندي فرمائي ٿو:

”آخر ڇو؟ ايترا سال ادب ۾ گذارڻ ڪانپوءِ ڇا اجا به ضرورت رهي آهي ته ڪو مون تي پيش لفظ لکي... ۽ انهيءَ ۾ لکي ته طارق جي ڪهاڻي ۾ هي خوبي آهي... شاهڪار آهن... ادب جو سرمايو آهن، نه مان اِهو سڀ ٻُڌڻ چاهيان ٿو... بس اِهي منهنجون ڪهاڻيون آهن، جيڪي به آهن، ڪچيون ڦڪيون، مونکي پياريون آهن... باقي مونکي ڪنهن اديب کان پيش لفظ لکرائڻو ڪونهي!“

تڏهن سوچيم ته پوءِ مون تي اِها نظرِڪرم ڇو؟ پر جي هُن مون تي اهڙي عنايت ڪئي به آهي، ته وري مسئلو ٿو اُٿي اُنهن حد بندين جو، جيڪي پيش لفظ ۾ ڄاڻايون آهن. آخر ڪهاڻيون پڙهيون ته ڪي نه ڪي چڱيون ته لڳنديون ۽ ڪو عجب ناهي ته اُهي ادب جو سرمايو يا شاهڪار به هجن، پوءِ ڇا ان جو اظهار نه ڪبو... جڏهن ته وري ايئن به چئي ٿو: ”جيڪڏهن مون تي ڪو پيش لفظ لکي ها ته پوءِ مونکي اهو ڪهاڻين جو مجموعو نه، تاريخ اِبن خلدون لڳي ها ۽ مان ڪڏهن به ان کي Own نه ڪريان ها!“

اڄ جو مان طارق جي هڪ نه پر ٽن ڪتابن تي مهاڳ لکي رهيو آهيان ته اِن جو مطلب اِهو هرگز ناهي ته سنڌس ادبي سرمايو ڦري تاريخ اِبن خلدون بنجي پيو آهي، البت ائين ضرور آهي ته حالتون سنڌي ادب ۽ اديب کي ته ڇا، سڄي سنڌي قوم کي ئي تاريخ بنائينديون پيون وڃن، پوءِ نيٺ ڪهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب آهي جو طارق مون کان هي مهاڳ لکرايو... سوچيم، ماڻهوءَ جا خيال، احساس ۽ جذبات ڦرندا گهرندا رهن ٿا. خود انسان ويچارو به هڪ روپ ۾ ڪٿي ٿو رهي، اَلائي اُن مهل ڪهڙو ريچڪ آيو هوندس يا ڪنهن تي ڏمريل هوندو جو اهڙي ڳالهه لکي ويو، اِها حقيقت آهي ته ڳالهه جا دل جي گهراين مان نڪتل هجي سا ڪهڙي به هجي پر به اُن گهڙيءَ جو سچ هوندي آهي، تنهنڪري بس هڪ ئي نقطو سمجهه ۾ آيو اٿم جيڪو اسان ٻنهي لاءِ مهاڳ لکڻ ۽ لکائڻ جو واحد سبب ٿي سگهي ٿو. هُن لکيو آهي: ”مان ڪنهن اديب کان مهاڳ نه لکرائيندس“ معنيٰ ته هو مونکي اديب نٿو سمجهي ۽ نه ئي وري ڪا مان ان خوشي فهميءَ ۾ مبتلا آهيان. باقي سو ان نتيجي تي پهچڻ ڏانهوءِ ڳالهه ڪيرئون اَچي ٿي وئي آهي ۽ مان پنهنجا ’پير پٿون‘ ڪرڻ لاءِ قلم جو ’صليب‘ گهليندي طارق اشرف جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ واري ’ٻاٻرن ڪندن‘ جي پيچرن تي هلڻ شروع ڪري ٿي ڏيان.

طارق اشرف سان منهنجي سڃاڻ بحيثيت ليکڪ جي ته ڪافي پراڻي آهي ۽ ان حوالي سان ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ٽيليفون تي به علمي، ادبي ڪچهري پئي ٿيندي هئي، پر مُکا ميلو ٻانيان ٿي سن 79 ڌاري ’سهٽي‘ پريس آڏو ٿيو، اُهو به بيٺي پير... جنهن ۾ سندس پياري اميءَ جي وفات تي تعزيت جي ٻن ٻولن کانسواءِ ڪا ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي... ڏينهن پڇاڻان هو پهريون ڀيرو هڪ ادبي گيٽ ٽوگيدر جي موقعي تي پنهنجي دل گهرئي دوست غلام نبي مغل سان گڏجي اسانجي گهر آيو. ڪنهن اڻ ڏٺي شخصيت سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ۽ روبرو ڳالهائڻ ۾ چڱو فرق ٿيندو آهي، جيسين وچي ڪو ماڻهو بي تڪلف ٿئي.

دعا سلام کان پوءِ مان ساڻس ڳالهائڻ لاءِ اڃا ڪو موضوع سوچي ئي رهي هئس جو يڪي ماٺ ڏسي پنهنجي خاص انداز سان مُرڪندي چيو هئائين، ”ادي پيلا ٽيليفون گهرايون، پوءِ ته ڳالهائيندؤ؟“ مون ان خوشگوار جملي کي اُن وقت به Enjoy ڪيو ۽ اڄ به سندس اهڙين جاندار ڳالهين ۽ دل ۾ لهي ايندڙ تحريرن جي قائل آهيان، پر اٿندي سان ئي گريٽ انڪري نه چوندي مانس، جو سندس گريٽنيس وارو مشاهدو ماڻڻ ۾ پڻ مونکي ٿوري دير لڳي. ان دير سوير جي باوجود هن لاءِ جيڪو اميج قائم ٿيو تنهن ۾ اڃا تائين ته ڪا ڦير گهير نه ڏٺي اٿم. نندڻ جي وڏين وڏين محرومين، اڪيلائين ۽ ارمانن کي، ڪنهن پياري دوست جي بي وفائين جيان دل کان ڪڏهن به ڌار نه ڪرڻ وارو طارق، اڄ به ساڳيو ئي طارق اشرف آهي... خوددار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باضمير ۽ بي باڪ، جنهن پنهنجي مقبوليت لاءِ نہ ڪنهن جا ادبي رنگ چورايا نہ ئي وري پنهنجي شخصيت مٿان ڪو خول چاڙهيو. سندس ادبي خدمتن جي عيوض، مون جنهن کيس 'باباءِ اَدب' جو لقب ڏنو هو، اُتي انتهائي ڊينجر مين بہ قرار ڏيندي مانس، جو هو اصولن جو پابند ۽ خطرناڪ حدن تائين هڪ حقيقت پسند انسانُ آهي. حقيقت ڪيڏي ئي ڪڙي يا سخت ڇو نہ هجي، هو ان کي مصلحتن کان بنهہ بي نياز ٿي جيئن جو تيئن پڌرو ڪري پيش ڪرڻ جي جرئت رکي ٿو. چاڪاڻ جو امرت جي تلاش ۾ هن زندگيءَ جي زهر کي ٽيپو ٽيپو ڪري پنهنجي اندر لاٿو آهي... اُميدن ۽ دِلاسن جي سهاري زندگي گهارڻ جي دوکي کان دور رهي، زندگي جي رُڃ پٽيان ڊوڙڻ واري روپ کي سڃاتو آهي... ان جي باوجود بہ هن پنهنجي خونِ جگر سان سچ جا ڏِيئا روشن رکيا آهن.

باريڪ بينيءَ سان لکيل افسانا هجن يا تيز تِکا سياسي ۽ ادبي مضمون... انٽرويو، ايڊيٽوريل ۽ اَڌ ملاقاتون هجن يا جيلَ جا مشاهدا... هر تحرير جو جدا، نِرالو ۽ وٽندڙ رنگ، طارق جي قلم ۽ شخصيت جي انفراديت جو مظهر آهي. مان ٿي سنيران تہ ڪنهن بہ حڪومت جي دور ۾ هن ڪو مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو قلم يا ضمير گروي رکيو هجي، نہ تہ اڄوڪي چاپلوسي واري دؤر ۾ اِهو ڪم تہ ڏاڍو عام ۽ خسيس ٿي پيو آهي. عهدو، اقتدار، پرَمٽون ۽ پلاٽَ تہ هڪ پاسي، هِن تہ اڄا ڪو ٽلهو تمغو بہ نہ ماٽيو آهي. هونءَ بہ اِهي تمغا تڙا اسان وٽ مستحق ماڻهن کي گهٽ ئي پلئہ پئجي سگهيا آهن. ڇو تہ اِهي فقط 'اعليٰ عهديدار' ماسترن کي ئي سندن 'بي لوث' ادبي خدمتن جي عيوض ملندا آيا آهن. مفت ۾ وَهڻ واري اديب جا اهڙا ڀاڳ ڪٿي جو سندن جتيءَ ۾ پير پائي سگهي... پُل ڇُڪ وچان جي ڪنهن اديب جو نالو انعام واسطي تجويز ٿيو بہ هوندو تہ 'پَرچي هولڊر' همراهہ ڪاتو ئي بدلرائي ڇڏيندا.

طارق بہ ان ڏس ۾ ڇڳيون ڇوٽون ڪاڏل آهي، پر اهڙي لڪا شايد تہ انڪري بہ نٿو پوڻ ڏي جو کيس تہ سندس بي غرض ادبي خدمتن جي ميڄتا طور پنهنجي پڙهندڙن ۽ ادبي برادريءَ وٽان محبت ۽ ميڄتا جا جيڪي ايوارڊ مليا آهن، اُهي هن جي طاقت ۽ زندگيءَ جو سرمايو آهن، جيڪي هر ڀيري کيس سگهارو بنائي مشڪلن مان پار پوڻ جو حوصلو بخشين ٿا. انهن ادبي اعزازن تي نہ ڪير آگر کڻي سگهي ٿو، نہ انڪاري ٿي سگهي ٿو، ۽ نہ ئي اِهو چوڻ جي جرئت ڪري سگهي ٿو تہ 'مستحقين' کي ڇڏي کيس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙي خوشيءَ ۾ ايوارڊ ڏنا ويا آھن... ڇو تہ ڪيس اِھي ايوارڊ تڏھن ڏنا ملندا اچن، جڏھن ايجا ملڪ ۾ شيرواني پائي، ڪنڌ جھڪائي قابل احترام صدر يا وزيراعظم ھٿان ايوارڊ وٺڻ جو رواج ڪونہ پيو ھو.

'سھڻيءَ' سان طارق جو بي انت عشق، سھڻي ميھار واري داستان جي ياد تازي ڪرايو ڇڏي. ڪيترن ئي تڪليفن ۾ جھرندڙ، مالي مشڪلاتن ۾ گھيريل ھن شخص کي، ڪوڙ سارن ڏکن کي اڪيلي سر منھن ڏيندي ڏسي، ڪي ڏينھن سمورا ڪم پاسيرو رکي آرام جو مشورو ڏنو تہ پاڻ ڪان بي نياز ٿي ھڪ عزم سان چوندو، "مان تہ چاھيان ٿو منھنجي زندگيءَ جو آخري پل بہ 'سھڻي' جي نذر ٿي وڃي، تہ ان کي ڪارائتو سمجھندس."

ھن جي ڳالھين مان لڳندو آھي تہ ھن ڪڏھن بہ پنھنجي زندگيءَ کي ڪا اھميت نہ ڏني آھي، ھو زنده آھي تہ رڳو ٻين لاءِ، اسٽريٽ فارورڊ.... ڊپلوميسين کان پاڪ... سمجھوتن کان بي نياز. زندگيءَ جي فريب ۾ رھڻ بدران ھو اھڙي پُرسڪون موت جو وڌيڪ خواھشمند آھي، جيڪو ڪيس پنھنجي قوم ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪندي ملي. بي بنياد الزامن، ھيڪاندي تھمتن ۽ اجائي شڪ گمانن کان علاوه، ھن ھر اُھا ڳالھہ سَٺي آھي، جيڪي عشق جي ميدان ۾ عاشقن کي ٻڌڻيون، پوڳڻيون ۽ سَھڻيون پونديون آھن. اھو تہ ھن جي دل ڄاڻي ٿي يا ھُو ھي، جيڪي ھن جي ويجھا آھن... جن کي عين جو اکيون آھن. بھرحال عشق رسالي سان ھجي يا انسان سان، ٻنھي حالتن ۾ طارق اشرف ڏک سَٺا آھن ۽ بھتان برداشت ڪيا آھن.

ھو واحد اديب ۽ صحافي آھي، جنھن سنڌي ادب ۾ جيئري شخصيتن تي نمبر ڪڍيو، جڻ سنڌي ادب کي ورسايو آھي. پر جيڪر 'جيئري ڪونہ پڇيو، مُئي ڏھ ڏھ ڪري رُنو' واري روايت تي ھلندي، اديبن جي مُئي پڇاڻان ويھي اُنھن جا عيب ثواب ڊراءِ ڪلين ڪرائي، ھڪ نہ ٻہ، ٻہ، ٽي ٽي نمبر بہ ڪڍي ھا، تہ ان نيڪ ڪم جو شمار فرض شناسيءَ ۾ تہ ٿئي ھا، پر ڪريڊٽ ۾ ھرگز نہ. اھا ٻي ڳالھہ آھي، تہ جيئرن تي نمبر ڪڍيءَ ھن ھر ڀيري پاڻ کي ماريو آھي ۽ مري مري ٻين کي جياريو آھي... پر جتايو ناھي، جيڪا گھڻن جي فطرت ٿيندي آھي. نہ تہ ماڻھو ڪو چڱو ڪم ڪري وٺندو تہ نيڪي کوھہ ۾ اُڇلڻ بدران پائيندو تہ 'چنا چور گرم' واري جيان چئني پاسي ھوڪا ڏياري، ھاھاڪار مچائي ڇڏي... اِن ھوڪائي ڪيفيت ۾ وقت وڃائڻ بدران، ھن ھر دور ۾، جنھن بہ نئين لکندڙ ۾ صلاحيتون ڏٺيون آھن، ان کي 'سھڻيءَ' ذريعي نہ رڳو ھمٿائي اڳتي آڻڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ضرورت پوڻ تي سندن تحرير ڪي سداريو سنواريو بہ آهي. ’سهڻي‘ جي حُسن ڪي ڏينهون ڏينهن نکاريندڙ طارق اشرف جي لاڳيتي محنت ۽ جاکوڙ جو نتيجو ئي آهي جو اَن منگرين ۾ ڇپجڻ ڪنهن بہ ليکڪ لاءِ نہ رڳو اعزاز آهي، پر هن جي لکڻين جي معيار جي بہ چڱ ضمانت آهي.

’سهڻي‘ جي ايڊيٽريءَ واري فخر ۽ ادب جي ڪيترن ئي صنفن تي ڪامياب طبع آزمائي ڪرڻ جي باوجود، ادبي اسٽيجن تي پيش پيش رهڻ بدران، گرائونڊ تي رهندي بہ هن آڪاش کي ڇُهي ڏيکاريو آهي، نہ تہ اسٽيج تي رهڻ جي چُوس اهڙي بُري بَلا آهي، جو سنئون سڌو ماڻهو بہ ان جو Adict ٿيو پئي. هو اسٽيجن تي بہ ويٺو آهي، پر اهڙي ڏيک ڪڏهن نہ ڏني اٿس، جنهن مان لڳي تہ هو سالن کان اسٽيج والاريو ويٺو آهي.

جيئن گِرجا گهر ۾ پادريءَ جي سامهون وڃي ڏوهن جو اقراري ٿبو آهي، تيئن انٽرويو ڪرڻ مهل طارق جو بہ اصول آهي تہ انٽرويوئر پنهنجي سمورن ڏوهن گناهن، ڪمزورين ڪچائين سوڌو، ’هام مان ڏوهي هان، ڏوهي هان‘ ڪندو عوامي عدالت ۾ اچي پيش پئي، اِن ڏس ۾ سندس نظريو آهي تہ عيب اوٽايون اديب جون هجن يا سياستدان جون، شخصيت جي لاڏاٽو ڪرڻ ڪانپوءِ مختلف معنائن ۾ نت نوان روپ ڪٽي ظاهر ٿين، تنهن کان بهتر آهي تہ هرڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ پاڻ Confess ڪري وٺي؛ طارق اشرف اهڙا انٽرويو وٺڻ واري جدوجهد ۾ سدائين سرگرم رهيو آهي.

هونءَ اها ڳالھ مڃڻ مراد آهي تہ سنڌي ادب ۾ طارق جا ورتل انٽرويو زبردست هوندا آهن. انٽرويو ڏيندڙ ڪيترو ئي هوشيار ۽ پنهنجي دانست ۾ انتهائي محتاط ڇونہ هجي، طارق هيٺاهين واٽ وٺندي، نهايت نهٺائيءَ مان اهڙا اهڙا چيده، ٽريپ ڪندڙ ۽ منجهائي ماريندڙ سوال پڇندو، جو ڪن حالتن ۾ تہ انٽرويو ڏيندڙ پنهنجا زرَ پاڻ ظاهر ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو، جو ڪيس اِن کانسواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ سجهندي. شايد تہ اهوئي سبب آهي، جو ڪيترائي ليکڪ نہ رڳو ڪيس Live انٽريو ڏيڻ کان اصل پڙ ڪڍي ويهندا آهن، پر لکت ۾ ڏيندي بہ پيا ڇرڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ طارق اِن مهل طارق نہ، پر اهڙو ٽاٽيدار لڳندو، جيڪو سچي ڪرائڻ کانسواءِ پَچر ئي نہ ڇڏيندو. انٽرويو مهل هن جي آڏين پُڇائن جا ڏاڍا دلچسپ مثال سامهون ايندا آهن، ڪو مُعزز سوالن جي ڪوڙڪي ۾ اهڙو تہ اچي قابو ٿيندو، جو پاڻ آجو ڪرائڻ لاءِ پنهنجون سياسي توڙي ادبي ڪچايون ڦڪايون، ڏاڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺائيءَ مان طبعيت جي ناچاڪيءَ ۽ حافظي جي ساٿ ڇڏڻ تي مڙهيندو... اُن مهي ولوڙيندڙ مائيءَ جيان، جنهن مکڻ ڪاڻڻ واري چوري پڪڙجڻ ڪانپوءِ، پنهنجي پيرسنيءَ کي ڍال بنائيندي چيو، ”پيريءَ اهي حال ڪيا آٿم جو خبر ئي نٿي پئي تہ مکڻ وات ۾ تي وجهان يا ڏکيءَ ۾ تي ڏريان!“

سياٽي ڪانءَ جيان بہ ٽنگو ڦاسڻ واري سوال تي، ڪو وري پُراڻيون پوٽيونَ پٽي، پِين ڏڪ ۾ ڏڪلين کي بہ راه گناه جو پاڻ سان گهليندو، تہ اِن پڙ ۾ هُو اَڪيلو ئي هر خطا جو ذميوار ناهي، ٻيا بہ ساڳيءَ ڪشتيءَ جا سوار آهن.

M. Q. M جي حمايتي، سنڌي وزيرن وَڙن جو تہ وري سوالن ذريعي اِهڙو مُنهن پَٽيندو، جو اِقتدار تان بُڇڙو ٿي لهڻ ڪانپوءِ، طارق اشرف سان پنهنجو اکيون ملائڻ جي سگهہ ئي نہ ساريندا ۽ ڦِٽ ڦِٽ ڪندڙ منهن سان ڪندون پيا ڳوليندا، تہ مٿان هو ڪائن اهو نہ پُڇي ويهي تہ فلاڻي حڪومت لاءِ اڳ تہ هيئن ٿي فرمايئي، هاڻ ڇا ٿو چئين؟ مون ان سلسلي ۾ طارق اشرف کي هڪ تجويز ڏني هئي تہ اقتدار ۾ رهندڙ جن سياسي شخصيتن جا هو سيٺَ پريا انٽرويو شايع ڪري چڪو آهي، هاڻ اُنهن جي اقتدار مان لهڻ ڪانپوءِ وارا انٽرويو ونئي ڏسي، تہ هو ڪيئن نہ ٿا پنهنجي ڳالهہ تان ڦري بي حيائي تہ بادشاهيءَ جو ثبوت ڏين.

ڪيس اِها صلاح وٽي تہ هئي، پر الائي ڇو عمل ۾ دير ڪئي اٿس... خير، تارازيءَ جو پڙ بہ ڪو سدائين مٿيرو نہ رهندو آهي. اوٽنيهہ ڏينهن چور جا تہ هڪڙو ڏينهن ساڌ جو بہ ضرور ايندو، ڪيس بہ نيٺ پنهنجي تيز ترار سوالن جا ڪِيتا ڏيٺا پيام جو ويجهڙائيءَ ۾ هڪ اهڙو انٽرويو ورتو اٿس، جن جي جوابن طارق اشرف جهڙي اشراف مڙس جا نہ رڳو طاق لڳائي ڇڏيا آهن، پر ڪيس منجهائي مرڳو حيران، پريشان ۽ ششدر ڪري رکيو آهي تہ هو اِهو ’سَت سَريو‘ شايع ڪري بہ تہ ڪيئن ڪري! جو ستم دَر ستم وري اِهو تہ ان ۾ سينسَر جي بہ ڪا گنجائش ڪانهي. بهرحال ان ڳالهہ ڪير انڪاري ٿيندو تہ سندس سياسي توڙي ادبي انٽرويو سنڌي ادب ۾ دَنگ جي حيثيت رکن ٿا.

مختصر ۾ وڏي ڳالهہ ڪرڻ واري طارق اشرف جا سنجيدگي، گهرائي ۽ وڏي سوچ مان لکيل ايڊيٽوريل ۽ سياسي/ ادبي مضمون پڻ اجائي لفاظيءَ بدران سدائين ڏيان ڇڪائيندڙ لڳندا آهن، پوءِ چاهي اُهي ايڊيٽوريل نوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن يا پُراڻا... جڏهن به پڙهي ڏسبا ته وقتائتا لڳندا، جن کي پڙهي ذهن جا ڪپاٽ کليو وڃن. ان ڏس ۾ ويسارو نه گيسارو، پر پنهنجي زبان تي قائم رهڻ وارو شخص لڳندو.

هن جا خيال سئو سيڪڙو پنهنجا، جن ۾ ادبي پيوندڪاريءَ جو ڪو نشان ڳوليو نه لڀندو، جيڪا وَبا اڄڪلهه ادب ۾ عام جام ٿي پئي آهي، جنهن مطابق ٻين جي لکيل مضمونن توڙي مهاڳن مان ڊِيڻاداستي پئراگرافن جا پئراگراف کڻي پنهنجي حوالي سان هلائڻ جو رواج پنڄي ويو آهي. قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙائي ڪري ئي هو پنهنجي پڙهندڙن ۽ ادبي حلقي ۾ سدائين عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو... ڪاش سنڌي قوم هن جي لفظن جي سچائي ۽ ايندڙ وقت جي تلخ حقيقتن تي ٻڌل چِتاوڻين تي سنجيدگيءَ سان غور ڪندي عمل ڪري ها ته ان مان چڱي رهنمائي حاصل ڪري پئي سگهي.

هو سياستدان ڪونهي، نه ئي ليڊر، تنهڪري سياسي جدوجهد ۾ عملي طرح حصو کڻي نه وٺي سگهيو آهي، پر هڪ اديب جي ناتي جيڪو فرض مٿس عائد ٿئي ٿو، هن انهيءَ کي هر ممڪن طور نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڏس ڏنا آهن ته ڳس ۽ واٽونَ به ڏيکاريون آهن. هو هڪ وڙائتو انسان آهي، جنهن ساڻس ڪا ذرڙي چڱائي به ڪئي هوندي ته هو ان کي وساري نه سگهندو. پر جي ڪنهن ڪيس ڏکويو به هوندو ته هو ان خلاف انتقامي ڪاروائي هرگز نه ڪندو... ۽ اهڙن مهلن تي هن سيد سڳوري جو صبر ئي اهڙو هوندو آهي، جو ضمير واري کي ڦتڪايو وجهي.

سياست لاءِ چيو ويندو آهي ته ان ۾ ٿُلهي کل وارا يا ٻين لفظن ۾ نؤد ۽ ڊيٺ قسم جا ماڻهو رهي سگهندا آهن، جيڪي هڪ ٻئي کي کليو کلايو خاندانن سوڌو گاريون ڏيندا، انتهائي ٿرڊ ڪلاس ۽ گندي زبان استعمال ڪندا، ٻيڙو ڪندا، نيگليڪٽ ڪندا، الزام هڻندا وري اُتي جو اُتي اهڙا کير کنڊ ٿي ويندا جو ڄڻ ڪا ڳالهه ئي نه هئي، پوءِ چاهي اندر ئي اندر مناقفيءَ جون ڇُريون ڇو نه هلنديون هجن. منافق ۽ بي حس ماڻهن کي ڇڏي، هونءَ ته هر انسان ٿورو ڪي گهڻو حساس هوندو آهي، پر اديب معاشري جو اِنتهائي حَساس فرد آهي... اها حساسيتَ ئي هن کي عام کان گهڻو مختلف ڪري ٿي. نوانوي پرسينٽَ ڳالهيون هُن جي فيور ۾ هجن ۽ رڳو ڪا هڪ اڌ ڳالهه ڪيس ڏکوئڻ جو باعث بنجندي ته ان آڏو ٻيون سموريون چڱيون ڳالهيون اُن دم لئه مِٽي ٿي وينديون... ادب جي گاڊ فادرز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان بہ جڏهن اديب جي پورهئي ۽ ادبي حيثيت کي لڳاتار، ڄاڻي ٻُجهي نظرانداز ڪيو ويجي تہ هو اندر ئي اندر پيو پَڇڙندو پُرندو. عجيب پُرڪشش مٽيءَ جا نهيل آهن، اِهي قلم ڪار... انهن جي جيئڻ جا پنهنجا انداز، عبادتن جا منفرد طريقا، محبتن ۽ نفرتن جا انوکا اظهار... محبت ڪندا تہ سِر گهوريندا، نفرت ڪندا تہ يا عمر منهن نہ ڏسڻ جو عهد ڪندا... پر ڪڏهن ڪڏهن ڪي رويا اهڙي عزم ۾ بہ ڏار وجهي ڇڏين... ۽ تڏهن هي ڏُکڻا، رُسڻا ۽ پُرڪشا ماڻهو، اوچتوئي اوچتو ڏاڍا سڀاجهڙا، ٻاجهارا ۽ پيار ڀريا لڳندا آهن.

طارق کي ادب ۾ جتي عزت ۽ محبتا ملي آهي، اُتي ڪيترائي ڏک ۽ ناانصافيون بہ سندس پلئہ پيا آهن. پر ٻاهران ڪنهن کي اهڙي لڪا ئي نہ پوڻ ڏيندو... ڇڻ ڪو پربت هجي، جنهن سان هر مصيبت ۽ مشڪل ٽڪرائجي پاش پاش ٿي ويندي... پر ڪير هن جي اندر ۾ جهاتي پائي اهڙن ڏکن کي شايد ئي محسوس ڪري سگهي، جيڪي نہ ڀڳو عام زندگيءَ ۾ پر ادبي زندگيءَ ۾ بہ ڪيس ڀوڳڻا پيا آهن. هن سنڌي ادب، ٻولي ۽ قوم جي جائز حقن جي گهر لاءِ جيل ڪاٽيا، قربانيون ڏنيون ۽ تڏهن ئي شاه سائين جي بيت واري سٽ تہ، 'جن لاءِ مُئس سي ڪانڌي بہ نہ ٿيا' جو مشاهدو بہ ماڻيو... اهو اِئين تہ سدا حيات نسيم کرل جي تعزيتي ميڙ ۾ صدارت لاءِ هن جو نالو چونڊيل ڏسي ڪنهن 'اديب' پاڻ وٽائڻ لاءِ ٻانگ ڏني تہ، "ان کي صدارت لاءِ نہ سڏرايو، هو جيل ڪاٽي آيو آهي."

طارق لاءِ اها ڳالھ ايئن ٿي لڳي، ڄڻ هو ڪو اهڙو خطرناڪ ڏوهاري هو، جيڪو U. B. L کي ڌاڙو هڻڻ واري سزا ڪاٽي يا خون جي ڪيس مان ڇٽي آيو هجي.

بظاهر اِهي ننڍيون ننڍيون پر حقيقت ۾ تمام وڏيون ڳالهيون ، دل دماغ کي جنهن بُري طرح متاثر ڪن ٿيون، اهي هڪ حساس ليکڪ جي سهپ کان لاشڪ تہ ٻاهر آهن.

ادب جا ڪيترائي 'گاڊ فادرز' ادب جي اوسر يا کهاڻيءَ جي فن وغيره تي ڪو مضمون لکندا تہ ڪن اديبن کي ڄاڻي نظرانداز ڪندا. ائين ڪرڻ سان اديب جي ادبي حيثيت تي تہ ڪو اثر نٿو پئي، پر انهن جي تنگ دلي، ڪوتاھ نظري ۽ مڪروح ذهنيت جو پتو پئجو وڃي تہ ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن.

هونءَ بہ اسان وٽ ادب جي تاريخ ذاتي پسند ۽ ناپسند جي حوالي سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتب ٿينديون رهيون آهن. اهڙيون تاريخون وري اُهي لکندا آهن، جن جو تخليقي ادب سان پري جو به واسطو نه هوندو آهي، جڏهن ته اهي تاريخون اهڙن دانشورن ۽ ادب جي پارکوئن کي مرتب ڪرڻ گهرجن، جن کي ليکڪن جي فني پورهئي بابت مڪمل ۽ وسيع ڄاڻ هجي. ڇو ته ذهني پورهئي ۽ نور جي محنت کي نظرانداز ڪرڻ ايترو ئي گناه آهي، جيترو ڪنهن مزور جي پورهئي جي قيمت نه ادا ڪرڻ. ڪنول ڏنڍي، يعني ٻيهه مان نڪتل ڏاڳن لاءِ به چوندا آهن ته ڪنهن نماڻيءَ نار جي ڪَتيل سَنهي سُٽَ جو قدر ظالم سَس ڪٿي نه ڪيو، پر قدرت ته سچاتو ۽ ٻيهه ۾ محفوظ ڪيو. اِهو واقعو پڻ ته ڏند ڪَٿائي چون هجي پر مقصد، حق جي پورهئي کي برباد نه ڪرڻ جو درس آهي. ان ڏس ۾ ادبي اوسر جي تاريخ مرتب ڪندڙن جو ڪردار به ظالم سَس کان مختلف نه چئبو، جن کي پنهنجو ذهن استعمال ڪرڻ جي شايد ئي ڪڏهن ضرورت پيش آئي هوندي، ڇو ته سهل پسنديءَ جو مظاهرو ڪندي، هو پراون مضمونن ۽ مهاڳن مان تت ڪڍي منٿ ۾ مضمون رهڙيو وٺن، اهڙيءَ ريت هڪ ليکڪ جي ادبي پورهئي بابت ڪا صحيح ڄاڻ سامهون اچڻ کان رهيو وڃي. مثال طور سنڌي ادب ۾ عورتن جو حِصو واري هڪ مضمون کي ئي وٺو، جيڪو سالن کان ساڳي عنوان هيٺ، پر مختلف نالن سان اَدوگابري ۽ ڪِل ڏياريندڙ تحقيق جي آڌار تي سنڌي توڙي اردو اخبارن يا رسالن ۾ ڦِر ڦِر سونٽي جيان هلندو اچي. ساڳي روايت تي هلندي، ڪِن ته طارق اشرف جي ڪتابن تي مهاڳ نه ڏسي، ڪيس ته مرڳو ڪهاڻيڪار ئي نه سمجهيو، ۽ جنهن زندگيءَ ۾ ڪا ڪهاڻي نه لکي، رڳو ترجما ڪيا يا تحقيقي توڙي غيرتحقيقي مقالا وغيره لکيا ۽ گڏجاڻين ۾ پڙهيا، اُنهن کي ڪهاڻيڪار جو درجو ڏنو. اهڙي انڌير تي احتجاج ڪندي، 'لِکي لکانو، پڙهي اَلانو' جهڙي هڪ همراه بابت طارق ٻڌايو ته، هو توڙي جو سنڌس ڪهاڻيڪار هئڻ واري حيثيت کان چڱي ريت واقف آهي. پوءِ به ادبي تاريخ لکڻ مهل ڪيس نظرانداز ڪري ويو. طارق جي پڇا ڪرڻ تي مُنهن جي پڪائيءَ مان وراڻيائين، "تنهنجو ذڪر نه ڪيم جو توسان ناراض هئس."

"ڀلا غلام نبي مغل کي ڪهڙي ڏوهه ۾ نظرانداز ڪيو اٿو؟"

"انڪري جو هو به ته تنهنجو دوست آهي."

طارق کان اها ڳالهه ٻڌي مونکي بگهڙ ۽ ڇيلي واري لوڪ ڪهاڻي ڏاڍي ياد آئي. اِنَ ڏس ۾ هڪ ادبي ڊاڪٽر ته اصل ڇيهه ڪري ڇڏيا. جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغليہ تاريخ مرتب ڪندي ناپسنديدگيءَ بُنياد تي هُن اورنگزيب جو وجود ئي تاريخ مان مٽائي ڇڏيو ته ادب جي تاريخ مرتب ڪندي وڏي نسيم کرل جهڙي ٻوليءَ جي بادشاهه ۽ ڏنڏڪ ڪهاڻيڪار کي نظراندازيءَ جي نذر ڪيو.

ڪوبہ فن چاهي ادب هجي يا آرٽ، ساز هجي يا سُر، اهو منجمد ٿي رهڻ بدران سدائين وڌندو ويجهندو رهي ٿو. طارق هڪ اديب آهي، وقت سان گڏ سندس ادبي پورهيو به نکرندو رهيو آهي، هن پنهنجي سگهاري اظهار سان ايڊيٽوريل ذريعي صحافت کي به جڻ فنون لطيف جي زمري ۾ آڻي بيهاريو آهي. سندس لکيل ايڊيٽوريل پڙهي اڪثر حسرت مان سوچيندي آهيان ته مان ائين ۽ اهڙو ڇو نٿي لکي سگهان... پر پاڻ ئي اِن جو جواب به ملي ويندو آٿم ته آخر مان ڪيئن ٿي هن جيان لکي سگهان، هو به ته مون جهڙو لکي نہ سگهندو.

کيس ان لحاظ کان آفرين ملڻ گهرجي ته هن پاڻ کي رڳو ڪهاڻين تائين محدود نہ رکيو، پر ذميدار صحافيءَ جي حيثيت ۾ پڻ ادب جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي. هونءَ اها ڳالهہ به ميڻ جوڳي ڇئبي ته صحافت جي ميدان ۾ اچڻ ڪري ئي سندس ڪهاڻيڪار واري حيثيت گهٽ ته نہ، پر ڪجھ پس پرده ضرور هلي وئي آهي، جڏهن ته بنيادي طرح هو پهريائين ڪهاڻيڪار آهي. پوءِ ڪهاڻيون هجن، ايڊيٽوريل يا مضمون وغيره بهرحال، هن سدائين حق لاءِ جنگ جوٽي آهي.

شروع شروع ۾ طارق اشرف جون ايڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻيون نظر مان گذريون هئم، جن ۾ هر ٻيءَ مِينهن جو ذڪر پڙهي بيزاري ٿيڻ لڳي. ڪو بدذوق ئي هوندو جنهن کي مينهن جي منڊ نہ وڻندي هجي. مان بدذوق ته هرگز نہ هئس، پر مينهن سانده وسندو رهي ته ڇوڏاري گپ، ڪِچڻ ۽ مَڪرات سڄو مزو ئي وڃايو ڇڏي.

طارق جي ڪهاڻين واري مينهن ته وَسڻ سان پوريون ڪري ڇڏيون، نہ آڏي نہ مانجهي جڏهن ڏس تڏهن وڏ ڦُڙي جا وسڪارا... نہ ته به مغز ۾ ٽُنگ ڪرڻ جهڙي سَنهي ٽِپ ٽِپ ته هلي هلندي، پوءِ نيٺ ته ماٿو ٽپندو. ان صورران ڪافي عرصي تائين سندس ڪهاڻيون ئي پڙهڻ ڇڏي ڏنم، جو جاتم ٿي ته نہ ڪڏهن مينهن بند ٿيندو ۽ نہ ئي اِن موضوع مان جند ڇٽندي. هونءَ به مونکي نفسياتي پس منظر ۾ لکيل احساساتي، شوخ، سٽائيريڪل ۽ هيومر واريون تيز ترار لکڻيون، رومينٽڪ يا دقيق ڪهاڻين کان وڌيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپيلنگ لڳنديون آهن.

ڪافي عرصي کانپوءِ نيٺ هڪ وقت اهڙو به آيو جنهن ۾ موں سندس ڪهاڻين جو هڪ مجموعو 'زندگيءَ جو تنها مسافر' پڙهي پورو ڪيو. تڏهن کي ڪهاڻيون واقعي مونکي ڏاڍيون چڱيون لڳيون ۽ هاڻ تازو جڏهن سندس ٽيئي مَجموعا پڙهي چڪي آهيان، تڏهن ڪيترين ئي ڪهاڻيون مونکي اڳ کان به وڌيڪ وڻيون. مون کيس چيو ته وقت سان گڏ انسان جي سوچ سمجهه جي انداز ۾ پڻ تبديليون اچن ٿيون، ۽ هو تحرير جي گهرائيءَ کي وڌيڪ بهتر طور سمجهي سگهي ٿو.

مان سمجهان ٿي ڪيترين ئي سُٺين ڳالهين جي شروعات ڪندڙ طارق، هن ڳالهه ۾ به ڳوءِ کٽي ويو ته هو واحد اديب آهي، جنهن سنڌ ۾ مونولاگ ٽيڪنڪ ۾ ڪهاڻيون لکڻ جي پيڙهه وڌي. سندس اهڙيون ڪجهه ڪهاڻيون منهنجي نظرن مان گذريون آهن جن ۾ مُک ڪردار هو پاڻ آهي. زندگيءَ جا ڏک ڊائڪ روپ جيڪي هن ڏٺا ۽ سٺا آهن، اُنهن جو اظهار ڪنهن نه ڪنهن نموني شعوري يا لاشعوري طور سندس ڪهاڻين ۾ ملندو. ڪهاڻيءَ ۾ هن جون داخلي ڪيفيتون، سوچون، خيال يا اظهار جا طريقا کيس پڙهندڙ آڏو ائين ٿا آڻي بيهارين، جيئن هو اندر ۾ آهي. جو ته هڪ حسَاس، ليکڪ جي اندر واري دنيا ٻاهرين دنيا کان بنهه مختلف ٿئي ٿي. ان اعتبار کان هو مون کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڏاڍو اڪيلو شخص لڳو، جَنهن جي اوسي پاسي ايڏا قرب وندبيندڙ هجن، پر هو انهن پيارن جي وچ ۾ به چڻ تنها تنها... اِها اڪيلائپ، ويڳاڻائپ هن جي نَنڍپڻ جي محرومين ۽ تلخين جو حصو آهي.

ڪهاڻيون ڪردارن ۽ معاشري مان جنم وٺن ٿيون، طارق اهو ڪردار پاڻ مان چونڊيو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ به ان ئي معاشري جو فرد آهي ۽ جن حسرتن، محرومين، ناڪامين، اڪيلائين ۽ ڏکن سان هن جو واسطو پيو آهي، اُنهن کي ڪو ٻيو ظاهر ڪري، اُن کان وڌيڪ بهتر هو پاڻ ڪري سگهي ٿو. پنهنجي ڪردار جي ترجماني ڪرڻ ائين آهي جيئن ڪو فنڪار پنهنجي تصوير آئيني ۾ ڏسي ناهي تيار ڪري. طارق جيئن آهي، جهڙو آهي، تيئن بنا رک رکاءُ جي پاڻ کي پيش ڪيو اٿس. پنهنجي ڪمزورين، ڪوتاهين، محرومين، خواهشن، نفرتن، محبتن، مطلب ته ڪنهن به شيءِ تي ڪو پردو ناهي وڌو ۽ زندگي جو ڪتاب پڙهندڙن آڏو کولي رکيو آهي.

'پيار جي سرحد' هن جي انتهائي خوبصورت ۽ جاندار ڪهاڻي آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا پڙهندڙ جو ذهن جهونجهاڙي، حيرتن جي سمنڊ ۾ ٽٻي ڏياريو ڇڏي... شايد تہ اِن جانداريءَ کان متاثر ٿي ڪن سنڌي ليکڪن ساڳي موضوع تي ٽي- وي ڊراما بہ لکيا تہ سچوئيشن ۽ ماحول بہ ساڳيو ڏيکاريو. جنهن مان اهڙو اندازو لڳائيندي دير نہ ٿي تہ اُنهن ديناداستي هيءَ ڪهاڻي چورائي آهي يا پوءِ پرايا خيال لاشعوري طور کونئر جيان ذهن ۾ چنبڙي پوڻ واري 'ٿيوري' مطابق ڪين اِهو قدم کڻو پيو. مان پڪ سان ٿي چوان تہ اج جيڪر طارق اشرف جي اِها ڪهاڻي ڊراماٽائيز ڪري ٽي- وي تي هلائجي تہ چوڏاري ٽاڪوڙو پئجي ويندو تہ هن اِهو ڊرامو فلاڻي فلاڻي مهان ليکڪ جي ڊرامي کان متاثر ٿي لکيو آهي.

ڪهاڻي 'سونهن، پٿر ۽ پيار' بہ 'پيار جي سرحد' جي ڪنٽنيوٽي تي لکي ۽ بئي ڪهاڻيون پڙهندڙ تي ساڳيءَ ريت گهرو اثر ڇڏين ٿيون. طارق جڻ انسان جي اَندر ۾ لهي ان جي جذبن ۽ نَفسيات جي تمام سهڻي نموني عڪاسي ڪئي آهي. ڊائلاگ رومينٽڪ هجن يا عام رواجي، انهن جي اظهار ۾ نہ رڳو ڪشش آهي، پر احساسن تي ڇانئجي وڃڻ جي سگهہ بہ اهڙي، جو پڙهندڙ هر احساس سان سهمت ڪندو ٿو هلي.

ڪهاڻي 'درد جا ڏينهن درد جون راتيون،' پنهن لاءِ زنده رهڻ واري انتهائي خوددار، قوم، تعليم ۽ ادب جي هڏ ڏوکي، سونهن جي شيدائي، ابدي چاهت جي ڳولائو، پر زندگيءَ جي آسائشن کان محروم، اونڌاين جي عادي ان شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو اُميدن جو هلڪو شعاع ڏسي خوش ٿئي ٿو، اِهو ڄاڻندي بہ تہ روشنيون هن جي مقدر ۾ ئي ناهن. ننڍيون ننڍيون خوشيون، خواب ۽ زندگيءَ جون حقيقتون ڪٺي هلندڙ هي ڪهاڻي، جڻ طارق جي اَتم ڪهاڻيءَ جو حِصو آهي. هونءَ بہ سندس ڪهاڻيون گهڻو ڪري ذاتي نوعيت جون آهن ۽ جذهن شخصيت ڄاڻل سڃاڻل هجي تہ پوءِ اهڙين لکڻين کي وڌيڪ تجسس ۽ چاهہ مان پڙهيو وڃي ٿو.

سٽائيريڪل نوع ۾ لکيل ڪهاڻي 'هاڻ مينهن نہ پوندو' ۾ طارق پنهنجو نقاد پاڻ بڻجندي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو نہ رڳو پنهنجي اندر جي عڪاسي ڪري ڄاڻي، پر ٻين جي احساسن ۽ اندر جي گهُٽ کي بہ ڀرپور نموني ۽ ڏاڍي چٽائيءَ مان محسوس ڪري سگهي ٿو. اِن ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي خاص طور سان ڏاڍي وڻندڙ لڳي.

سنڌي ادب جي ڪورٽ ۾ ادبين ۽ پارکوئن آڏو دليل بازين کانپوءِ فحاشت جي الزام مان آجي ٿيڻ واري ڪهاڻي 'نفرت' هڪ نفيس طبع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان جي انتهائي حساس ۽ فطري رحجانن جي ترجمان، نفسياتي ۽ احساساتي ڪهاڻي آهي. جنهن وٽ دلي محبتن ۽ چاهتن بنا، اڻ وٽندڙ اوپري شخصيت سان زندگي گذارڻ جو تصور ئي ناهي، تڏهن به هو اهڙي زندگي گذاري پيو. بظاهر ننڍيون ننڍيون پر تمام اهم ڳالهيون، جيئن گهريلو زندگي گذارڻ لاءِ Base جي حيثيت رکن ٿيون، انهن جو ڏاڍي حساسيت سان تجزيو ڪيل آهي. اهڙا ڪيس اسانجي معاشري ۾ گهٽتي آهن، پر گهٽ ماڻهو ان حساسيت کي محسوس ڪري سگهن ٿا.

ڪهاڻي 'نفرت' ۽ 'ڪجهه گهڙيون' موضوع، ٽريٽمينٽ ۽ ڪردارنگاريءَ جي اعتبار کان هڪ ئي نظرئي جون حامي آهن، ته زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جون ترجمان به... پر جيئن اميچئرز مائينڊ لاءِ 'بولڊ' فلمون ڏسڻ مناسب نه سمجهيون وينديون آهن، تيئن انهن ڪهاڻين کي پڙهڻ لاءِ پڻ هڪ صحيح ايج لمٽ جي ضرورت آهي ته جيئن ذهني عياشيءَ بدران In-depth، تلخين ۾ به لهي سگهجي.

ڪهاڻيون 'مينهن ۾ باهه' 'ضدي خاندان جو فرد' ۽ 'موڙ' پڻ 'نفرت' ۽ 'ڪجهه گهڙيون' جو اُلٽو آهن. انهن مڙني ڪهاڻين ۾ ليکڪ پڙهندڙ کي محسوس ڪرايو آهي ته نفيس طبع ماڻهو رڳو سونهن جا ئي شيدائي ناهن ٿيندا، پر گڏ محبت جا به قائل ٿين... محبت جي صدقي، محبوب جي بدصورتي به ڪين اکين تي... ان جو خوبصورت ۽ ڀرپور اظهار هن پنهنجي ڊرامائي انداز ۾ لکيل نفسياتي ڪهاڻي 'هوا کي ڪير روڪي' ۾ ڪيو آهي، ته جڏهن محبت روح ۾ لهي وڃي، تڏهن ظاهريت ڪا معنيٰ نٿي رکي... پوءِ چاهي حادثاتي طور اهو خوبصورت چهرو ڪيڏو ئي بدصورت ۽ ڀيانڪ ڇو نه بڻجي وڃي. 'موڙ' ۾ ليکڪ نفرتن ۽ نظراندازين جي شڪار عورت جي پيڙائن، اُڏمن، لُڙڪن، سڏڪن، خدمتن ۽ انتظاريءَ جو جنهن باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو آهي ان لاءِ لاشڪ ته هو جس لهڻي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سن 60 ۾ هيءَ ڪهاڻي لکي، طارق جڻ پنهنجي تقدير جو پاڻ ڪاتب بڻيو آهي، جنهن جا حقيقي مشاهدا هن 64 ۾ ماڻيا ... طارق جون ڪهاڻيون Live آهن. Self centerd هردور ۾ زنده رهڻ واريون. 'يادن جا گل چڻيا' انتهائي دردناڪ ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڙهندي پڙهندي لُڙڪ اکين جا بند ڀڃي، سڏڪا بنجي گلي ۾ اٽڪيو پون. لفظ لفظ جڻ رت ڦڙا... جيڪي انساني پيڙائن، وڇوڙن، بيوسين ۽ اڪيلائين جا واحد ترجمان هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي نه عذاب لڳندي آهي تڏهن زندگي، جيڪا هڪڙن کي خوشيون، بي فڪريون، تحفظ ۽ پيار ڏي ته ٻين لاءِ محروميون، تنهائين ۽ ڏکن ڳڻتين جا جهول ڀريو آٿي... تڏهن سوچبو آهي ته اُنهن اهڙي زندگيءَ جي تمنا ته نه ڪئي هئي، پوءِ نيٺ ڇو قدرت اهڙا عذاب ڀوڳائڻ لاءِ کين پيدا ڪيو، جو هو اِن جهنم مان نڪرڻ جهڙو ڪو 'جرم' به نٿا ڪري سگهن... زندگي جي ِتتل ڪوري ۾ ڪيئن نه ڦتڪندا جلندا ۽ جَلي، جَلي رک ٿيندا ٿا رهن.

'دري'، 'ڇهڪ'، 'مارڪيٽ'، 'اُها'، 'اُهو'، 'قتل'، 'ڪارڻ' ۽ ان نموني جون ٻيون مختصر لکڻيون، طارق جون شروعاتي ڪهاڻيون آهن، جن مان ڪي ٽيڪنڪ ۽ موضوع جي لحاظ کان ڪمزور هوندي به مقصد ۽ معنيٰ جي حوالي سان اثرائتيون آهن.

'ڪلپنا جي اَسِپرا' تاڙو نظرن جي ترجمان ڪهاڻي آهي، جيڪي ريل ۾ هجن يا رڪشا ۾، موٽر ۾ هجن يا اسڪوٽر تي، ڪنهن چڱي صورت کي تاڙڻ تاڪڻ جڻ اُنهن جي وندر آهي، پر ڪو هڙ حاصل ٿيڻ بدران اکيون ڇنيندا رهجي ويندا آهن. اهڙا وِسڪڻا روح ۽ لُنڊا ساهه معاشري ۾ ڇوڙيير پکڙيل آهن، خاص ڪري قاسم آباد ۽ نسيم نگر جهڙن علائقن ۾ ته چپي چپي، چوُنڪ چوُنڪ ۽ مانڊڻي مانڊڻيءَ تي اکين ۾ سُرمي جي لپَ وجهو، 'تاڪي او تاڪي' ڪرڻ لاءِ اصل ماندا ۽ واندا ملندا.

'زندگيءَ جو تنها مسافر' پاسٽ ۽ پريزنٽ جي سنگم سان نئين ٽيڪنڪ ۾ لکيل وٽندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا گانن، ڪيسٽن، سنگرس ۽ فلمن بابت بحث مباحثي دوران اڳتي وڌندي رهي ٿي. طارق کي نه رڳو مردن جي پر عورت جي نفسيات بابت به چڱي ڄاڻ آهي، جنهن جا ڪيترائي مثال سندس ڪهاڻين ۾ ملندا.

زندگي جي هڻ هٽان ۾ سرگردان 'زندگي او زندگي' قدرت جي مذاق جو شڪار ٿيل ان نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو ڀاڳ کليو يا خوشيون مليون به تَہ محروميون ۽ ناڪاميون جو ڪارو ويس پائي.

'گوندر گوُنج ڪديا،' 'سونهري شام'، 'جهري پئي جندڙي' ۽ هندستان جي پس منظر ۾ لکيل اهڙيون ڪجھ ٻيون ڪهاڻيون طارق اشرف جي يادن جا جڻ انڊلٺ رنگ آهن. ڪهاڻي 'ويران اونداهو گهر' جي سموري سونهن ان جي سپينس ۾ آهي ۽ ان سسپينس ڪري ئي پڙهندڙ جي دلچسپي آخر تائين قائم ٿي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيءَ ’چا ڪريان‘ ڪپهي ته ليپي ڪونهي ليپي ته ڪپهي ڪونه وارو مامرو لڳي، جنهن جي پڄاڻيءَ واري ڇرڪائيندڙ مرحلي تي اچي نه رڳو ڪهاڻي جي نائيڪا فيصلو ڪرڻ ۾ مُنجهي مُئي آهي، پر ليکڪ به ڪو گهٽ ظلم نه ڪيو، جو پڙهندڙن کي مُعمي جيءَ مُنهن ۾ اُڇلي، پاڻ شايد ته مولويءَ سڳورن جي دپ ڪري ڪا فتوا ڏيڻ کان لنوائي ويو آهي.

طارق اشرف جون ڪهاڻيون زندگيءَ جون ڪهاڻيون آهن... زندگيءَ جي ڏکن ۽ دردن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واريون ڪهاڻيون آهن... پوءِ اُها تحرير احساسن جي شدت مان لکيل هجي يا طنزيه انداز ۾ ڪنهن ننڍي واقعي يا وڏي طوفان جو ذڪر هجي، ڪيس ان لکڻيءَ جي سونهن برقرار رکڻ جو ڏانءُ آهي ته سليقو به... يادن تي مشتمل ڊائلاگ فارم ۾ لکيل، ’بازي‘ سندس مختصر پر خوبصورت ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪردار جي زباني ادا ڪيل بظاهر ننڍا ننڍا جملا پنهنجي اندر جيڪو درد رکن ٿا ان کي هر اُها دل محسوس ڪري سگهي ٿي، جنهن پنهنجي ڪنهن پياري کي وڃايو هجي، خاص ڪري پڄاڻيءَ واري سٽ ته ’ڪاش آپا تون...‘ اصل هانءُ نپوڙيو ڇڏي، پر اتي پهچي اهو اعتراض به ٿيو ته ڪاش ليکڪ پنهنجي ان ڪردار لاءِ ادي جهڙي مِٺي لفظ کي ڇڏي، آپا جهڙو اوپرو لفظ نه استعمال ڪري ها.

بازي جهڙي احساساتي ڪهاڻيءَ جي بر عڪس، نئين موضوع واري ’اُڻ تُڻ‘، ڏاڍي شوخ ۽ دلچسپ تحرير لڳي، جنهن ۾ پڙهندڙ، جڻ نظر جي پروجيڪٽر سان، ڪتاب جي اسڪرين تي، ڪنهن گهر جي ڪهاڻي ڏسي رهيو هجي. ان ڪهاڻي ۾ ڪردارنگاري ذريعي ليکڪ اندر جي ’اُڻ تُڻ‘ کي اجاگر ڪرڻ ۾ ايتري قدر ڪامياب ويو آهي، جو پڄاڻيءَ تائين پڙهندڙ کي به ان سسپينس جي ڪوڙڪي ۾ قابو رکيو اٿس. طارق جي ڪهاڻين جي اِها نمايان خوبي چئبي ته هو ڪردارن کي به ايڪشن ۾ رکي ٿو. سندس ڪردار اکين اڳيان ائين پيا ڦرندا گهرندا، جڻ اُهي جيئرا جاڳندا ڏسندا هجون.

حساس ماڻهن جي سوچ جو عڪس پسائيندڙ ڪهاڻي ’خاموش چپ آهين‘ حساسيت جو سچ آهي. هڪ دوست جو ٻئي دوست جي روين کي گهرائيءَ مان محسوس ڪرڻ ۽ ٻنهي جو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پاڻ کي صحيح سمجهڻ، ته هو ننڍين ننڍين ڳالهين جي ڪڙي سان ڪڙي ملائيندي ان کي ڪيئن ٿا محسوس ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق اشرف پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي موضوعن سان گڏ سياسي ۽ قومي موضوعن تي بہ سُٺيون ۽ بامقصد ڪهاڻيون لکيون آهن. اڄڪلھ جي حالتن ۾ تہ اهڙي سجاڳي پيدا ڪندڙ ڪهاڻين جي تهائين وڌيڪ ضرورت آهي، تہ جيئن انهن مان ڪجھ پرائي سگهجي.

هونءَ تہ طارق ايڊيٽوريل ذريعي اڄ سوڌو پنهنجا قومي فرض پورا ڪندو اچي، پر 'روپ بهروپ'، 'منهن ڪارو'، 'غندا' ۽ 'ڦرلٽ' جهڙين ڪهاڻين ۾ بہ هِن اِهو فرض خوشي اسلوبي ۽ سچائي سان نڀايو آهي.

قومي حقن لاءِ نوجوانن جي جدوجهد جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي 'منهن ڪارو' ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجين هڪ ٻئي لاءِ پيچ حسي ۽ ٻي وسيءَ واري ڪيفيت کي ٿورن لفظن ۾ فنڪاراڻي انداز سان ظاهر ڪيو آهي. جڏهن تہ طنز جي زهر ۾ ٻڏل تخليق 'روپ بهروپ' وري هڪ تلخ حقيقت آهي جيڪا قومي رهبريءَ جو نيڪو ڪٽندڙ هٿرادو 'هيروز' جا چهرا بنا Mask جي چٽا ۽ واضح ڪري ڏيکاري ٿي تہ سندن قول ۽ فعل ۾ ڪيڏو نہ تضاد آهي... ۽ تڏهن هيءَ ڪهاڻي پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ڇڏي ٿي تہ عملي زندگيءَ ۾ پنهنجي چوگرد پکڙيل جدوجهد ۽ مزاحمت جي دعويدارن مان ڪنهن تي اعتماد ڪري، ڪنهن تي نہ...

'غندا' موضوع جي اعتبار کان منفرد ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ پنهنجي غندن تي هٿ رکڻ وارو فارمولو ڪجھ ڪجھ دل سان لڳو، پر الائي ڇو اهو بہ سچ ٿو لڳي تہ پِل اسانجي سچي قوم ئي ڇو نہ ڪٽي پنهنجي بچاءَ ۾ 'غندي' ٿي وڃي، اسين هارايل جواريءَ جيان ئي رهڻ تي هِرندا پيا وڃون.

'ڦرلٽ' سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ واري فسادن ۽ سازش جي پَس منظر ۾ لکيل، اُها دل ڏاريندڙ ڪهاڻي آهي، جنهن تي طارق پنهنجي قومي ذميداري کي نڀائيندي، سنڌي ادب ۾ سڀ کان پهرين قلم کنيو. توڙي جو اها ڪهاڻي سن 77 ڌاري ڇپي هئي، پر اڄ جڏهن اسين 92 ۾ قدم رکڻ تي آهيون، تہ بہ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سِنڌين سان ساڳيا ڪيس ڪلور، نت 'نئين ترميمن' سان جاري آهن ۽ اسان ويچارا 'اَزلي اَمن پسند' پنهنجي ڪالھ جي ڪيل چڱاين جا اڄ سوڌو فرمانبرداريءَ سان ڪيتا پيا پوڳيون.

خوبصورت، روان ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيل ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ مرڪزي خيال جي ريپيٽيشن جي باوجود بہ پڙهندڙ جي دلچسپي قائم رهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هن جون ڪهاڻيون زندگيءَ جي مسئلن جو گهرو مشاهدو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفسياتي تجربن جو سهڻو مثال آهن، جيڪي انساني زندگيءَ جي ڳجهن خانن ۾ ڪندڙن نائين رسڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.

طارق اشرف جي اڻ لڀ ڪتابن جي نئين جنم تي مان ڪيس دلي ٻڌائي، 'سنڌيڪا اڪيڊمي' وارن کي پڻ آفرين چوندس، جن جو نهٺ عرصي اندر سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ ڪري اڄڪلهه ادبي دنيا ۾ چڱو چوکنڀول مچايو آهي. مان اُميد ٿي ڪريان ته وڏن ادبين جي لکڻين کي شايع ڪرڻ سان گڏ، سنڌيڪا اڪيڊمي نئين ٽهيءَ جي باصلاحيت ليکڪن کي به ساڳئي مانَ سان شايع ڪندي هڪ سهڻي روايت جي پيڙهه وجهندي.

حيدرآباد سنڌ
12.11.91

— ماهتاب محبوب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سونھن پٽ ۾ پيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چهڪ

پالش ڪندي ڪندي موچيءَ جا هٿ گهڙيءَ ڪن لاءِ رڪجي ويا. هن جون نظرون سامهون ميرن بوٽن تي ڄڻ ڄمي ويون. هڪ گهڙيءَ سندس دل ۾ خوشيءَ جي لهر آئي. هن سُٽ ئي پڇيو، "پالش ڪريان؟" ۽ پوءِ نظرون مٿي ڪنيائين.

سامهون ٿلهيل هٿ اچا ٻه اڳيان وڌي آيو، "هڪڙو پيسو."

موچيءَ جي دل ۾ آيل گهڙيءَ ڪن جي خوشي موٽي وئي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، "هل هل، پيسو ڪپيس. هتي ته سڪل موچڙا اٿئي- ڪپنئي؟"

هڪ ڪلارڪ جي اڳيان فقير هٿ ڦهلايو، جنهنجا اٽيا وار پيشانيءَ تي پريشان هئا:

"صبح کان بکيو آهيان، پر مانين جو سوال آهي."

ڪلارڪ جي سُڪل چپن تي مرڪ پکڙجي وئي- هڪ ڪڙي ۽ کساري مرڪ.

"شل سدائين سکيو رهين... ڏاڍي بک لڳي اٿم." فقير وري ٻاڏايو، ڪلارڪ وري مرڪيو ۽ مرڪندي اڳيان وڌي ويو.

فقير صبح کان بکيو هو ۽ ڪلارڪ ڪله کان.

فقير وري اڳيان وڌيو ۽ هڪ پوڙهيءَ اڳيان هٿ ٽنگيائين، "امڙ، جيئن: ٻچن شل تنهنجا ٻچا، انهن جي صدقي ۾ هڪ آنو ڏئي ڇڏ."

پوڙهي هلندي هلندي بيهي رهي، "ٻچا" هنجا چپ ڏڪڻ لڳا ۽ هوءَ اڳيان وڌي وئي. فقير جون نظرون گهٽي دير تائين پوڙهيءَ کي ويندي ڏسنديون رهيون. ڪيس رکي رکي پوڙهيءَ جي اکين جو خيال پئي آيو، جن ۾ 'ٻچن' جو ٻڌي ڳوڙها تري آيا هئا، ۽ چهري تي ڏک ڇانئجي ويو هو. فقير سوچيو: 'جا پوڙهيءَ کي ڪوبه ٻار ڪونهي.'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو فقير جي نظر موٽر ۾ ويٺل هڪ ٿلهي سيٺ تي پئي. هو اوڏانهن وڌيو. "هڪ پائليءَ جو سوال آهي، بابا."

"هل ڙي هل،" سيٺ ڪاوڙجي چيو، "هڪ ته پيٽ ۾ سور ڪري پچائي آهي، مٿان هي سوئر نازل ٿيو آهي." ۽ موٽر هلي وئي.

'سيٺ جي پيٽ ۾ سور' فقير سوچيو، 'سور ته مونکي به آهي، پر...' هنجي بک تيئن وڌيڪ ٿيڻ لڳي. ڪافي دير تائين فقير اتي ٿي بيٺو رهيو، ۽ پوءِ سامهون واريءَ هوٽل ڏانهن وڌيو.

هوٽل جو مالڪ ڪائونٽر تي پيسن ڳڻڻ ۾ مشغول هو، فقير دريءَ وٽ بيهي ڪجھ دير ڪيس ڏسندو رهيو ۽ پوءِ تمام نرمائيءَ سان چيائين، "صبح کان بکايل آهيان، ڊٻيءَ جي نانءَ تي ماني ڪارائيندين؟"

پيسا ڳڻيندي ڳڻيندي هوٽل جي مالڪ جا هٿ رڪجي ويا، هن نفرت منجهان فقير ڪي گهوريو، هن جو دريءَ مان فقط چهرو نظر آيو پئي. هوٽل جو مالڪ بڪ شڪ ڪندي وري پيسا ڳڻڻ لڳو، "ڏٺا مُنا، بيشرمائيءَ سان اچيو ٿا هٿ ٽنگين. ڪم جو چئو ته ٻرو چڙهيو وڃين."

نوٽن جا بنڊل ميز جي خانن ۾ وجهندي وري چيائين، "حرام نه کاءُ محنت ڪر. هتي ٻاروالي ڪندين؟"

فقير خاموشيءَ سان دريءَ وٽان هٽي ويو. هوٽل جي مالڪ ڪاوڙ منجهان چيو: نوڪري لاءِ چئو ته موت ٿو اچي... حرامخور."

فقير هوٽل وٽان هٽي رستي تي آيو. کيس هوٽل واري تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. ڪاوڙ منجھ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو، پر ڪجھ وقت کان پوءِ سندس ڪاوڙ ڍري ٿي ويئي ۽ هن جي چپن تي ڦڪي مرڪ ظاهر ٿي. اهڙي مرڪ، جنهن ۾ بيوسي ۽ رنج سمايل هو: 'ڏٺو مُنو آهيان، محنت نٿو ڪريان!' هو پاڻ ئي پاڻ تي کلڻ لڳو. هن جون نظرون پنهنجي ڏٻري جسم ۽ ڪاٻيءَ ٻانهن تي پيون، جنهن جون آڱريون ۽ ڪرائي وڍجي چڪي هئي. هن جو ڏيان ساڄيءَ ٽنگ ڏانهن کڄي ويو، جتي ناسور ڪري گند سدائين پيو وهندو هو. فقير سوچيو: 'ڀلا هوٽل جي مالڪ کي ڪهڙي خبر؟'

هاڻ کيس وڌيڪ ٿڪُ محسوس ٿيڻ لڳو ۽ بک جي شدت به وڌي وئي.

هو هڪ بند ٿيل دڪان تي ويهي رهيو. سوچيائين: 'صبح کان بکايل آهيان، ڪله به ڏيڍ ڏينهن کان پوءِ ماني ڳڀو مليو هو.' وري کيس ياد آيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون... الله جي عبادت ڪرين ٿو... پر سنس ناليءَ تي هڪڙو پيسو به نٿو ڏين!' هن سوچيو: 'الله جي ناليءَ تي ڏيڻ سندس بندا پسند نٿا ڪن، انهن جو خيال آهي ته وٽن جيڪي ڪجھ آهي، سو فقط سندن محنت جو ڦل آهي.' فقير خيال ڪيو، هن ڪي ڪوبه ڪجھ ڏيڻ پسند نه ڪندو- ڀلا پنهنجي محنت جي ڪمائي هو ڇو ڪنهن کي ڏين؟

فقير اڳيان وڌيو. هن جي نظر بجليءَ جي ٿنڀي هيٺ ويٺل فقير تي پئي، هن جا قدم اُتي ئي ڄمي ويا ۽ اکيون فقير جي اڳيان رکيل ڪچڪول ۾ کپي ويون، جنهن ۾ پلاهُ پيل هو. هن سوچيو: 'هاڻ محنت ڪرڻي پوندي. الله جي ناليءَ تي ڪير ڪونه ڏيندو، ڇو نه هي ڪچڪول کڻي ڀڄي وڃان. اوچتو خيال آيس ته ٽنگ ۾ سور ڪري ڊوڙي به نه سگهندو. پر وري دل کي تسلي ڏنائين ته فقير جي سامهون ڪاٺ جي گهوڙي رکيل آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته هو منڊو آهي. سندس پيڇو نه ڪري سگهندو. رات به ڪافي ٿي چڪي آهي، رستي تي ڪوبه ماڻهو ڪونهي. اهو سوچي هو اڳتي وڌيو. هن جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، ساهه پرچي آيس، پر جڏهن هن ڏٺو ته فقير ميرن ڪپڙن سان هٿ اگهي پلاهه ڪائڻ شروع ڪيو ته هن جي جسم ۾ ڦڙتي اچي وئي، هو وڌي هن جي پرسان آيو. اڃا جهڪي ڪچڪول کڻيائين ٿي ته فقير چيو، ''اچ ڀائو، بسم الله ڪر.''

هن جو جسم ڏڪي ويو.. ڪيس ائين لڳو ته ڄڻ ڪنهن سندس ناسور کي ڇهڪ ڏئي ڇيري ڇڏيو آهي.

هن ڏڪندڙ زبان سان چيو، ''ڪاءَ بابا.'' ۽ اڳتي وڌي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن صبح فجر جو، جڏهن اُهي مارڪيٽ مان پاڇيون وٺي موٽيا ته انهن اتي هڪ نئون ماڻهو ڏٺو. نئون ماڻهو ٽانگي واري ڪان اتي پاڇيون رکرائي رهيو هو. سڀ عجب مان ڪيس ڏسي رهيا هئا. ۽ تڏهن انهن جو تعجب وڌي ويو، جڏهن هو پاڇين جو دڪان هٽي ويهي رهيو.

سڀ ڪيس اچرج مان ڏسي رهيا هئا، پر هو سينئي کا بيبياز پاڇين کي پاٽيءَ ۾ پسائڻ ۾ مشغول هو. هو سيئي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. نيٺ انهن فيصلو ڪيو ته هو نئين پاڇيءَ واري کي هتي ويهڻ نه ڏيندا. هن جي ويهڻ سان انهن جي ڌنڌي کي ڌڪ لڳندو. هو سڀ ميڙ ڪري هن وٽ ويا.

"تون هتي ڇو ويٺو آهين؟" وڏي ياءَ رُعب سان پڇيو.

"ڇو!؟" هن حيران ٿيندي ۽ نه سمجهندي پڇيو.

"تون هتي نه ويهه." ننڍي ياءُ چيو.

"پر مان ته اوهان جي جاءِ کان هٽي ويٺو آهيان." هن انتهائي عاجزيءَ سان چيو.

"پر اسين توکي هتي نه ويهڻ ڏينداسين." ماسيءَ فيصلو ڪندي چيو.

"مان هتي ضرور ويهندس. هيءَ جاءِ اوهان جي خريد ڪيل نه آهي." هن پهريون ڀيرو ڪاوڙجي چيو.

هو اڪيلو هو، ۽ هي پنج، چڙهي ويس. ۽ جڏهن سج چڙهيو، هنن هن جا ٽپڙ ٻڌائي ڇڏيا. هو ايترو جلدي ته ٽپڙ نه ٻڌي ها، پر پر وارن دڪاندارن به انهن پنجن جو طرف ورتو ۽ ميونسپل جي پنگيءَ به اَٺ آنا ملڻ جي ڪري، انهن جي مدد ڪئي. اٺڻ لاءِ ته هو اٿي ويو، پر اندر ۾ باهه پئي ٻريس. هڪ ته نقصان، ٻي بي عزتي. هو ٻه ٽي ڏينهن ته ماٺ ڪري ويٺو رهيو. پوءِ هڪ دوست جي صلاح تي ميونسپل چيف آفيسر کي درخواست لکرائي موڪليائين ته: 'فلاڻي مارڪيٽ جي سامهون، ڪي پاڇيءَ وارا ميونسپل جي بنا اجازت ويٺا آهن. ۽ انهن ناجائز اڏاوت به ڪئي آهي. انهن جي ڪري نه فقط رستي روڪ ٿئي ٿي، پر اُهي گندگي به ڦهلائي رهيا آهن.'

رپورٽ ڪرڻ جي هفتي کن کان پوءِ، هڪ ڏينهن چيف آفيسر، سپرنٽينڊنٽ ۽ انسپيڪٽر موقعي تي پهچي ويا. ۽ انهن فيصلو ڪيو ته واقعي هي بنا اجازت ويٺا آهن، ۽ ناجائز قبضو ڪيو اٿن، انهن جي ڪري رستي روڪ پئي ٿئي. انهيءَ ڪري انهن کي يڪدم هتان هٽايو وڃي. اوڏيءَ مهل ئي ميونسپل جا پنگي ۽ مزور اچي ويا ۽ ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ئي هنن جا ٽپڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيائون. ڀاڄي وارن گهٽيون ئي مٿون ڪيون، پر ڪنهن هڪ ٻه نه ٻڌي. انهن ٻي جاءِ جي گهر ڪئي ته چيف صاحب درخواست ڪرڻ لاءِ چين.

ٻئي ڏينهن گڏجي سيني درخواست ڪئي. مهيني تائين انتظار ڪيائون پر جواب نه آيو. ٻئي مهيني ٻي درخواست ڪيائون. نيٺ ٽين درخواست قبول پئي. چيف صاحب انهن کي پاڻ وٽ گهرايو، پوءِ مارڪيٽ جي پٺيان ڪمپائونڊ ۾ وهڻ لاءِ چيائين. جتي فقط ڪاسائي پيشاب ڪندا ۽ ڀنگي گند جا ڍيا ۽ ٻهاريون رکندا هئا.

ڀاڄي وارن گهٽو ئي چيف صاحب کي ستايو.

"سائين، اها جاءِ بلڪل اندر آهي، هتي ته ڪير ٻه نه ايندو."

"پوءِ ڇا ڪريان. ماڻ اچان؟"

"سائين ٻي ڪا جاءِ ڏيو." سيني گڏجي چيو.

"مٿو نه کائو." چيف صاحب ڪاوڙجي ويو.

"سائين..."

"Next" چيف صاحب رڙ ڪئي.

ٻئي ڏينهن، انهن ڀنگين کي پيسا ڏيئي اُهو ڪمپائونڊ صاف ڪرايو ۽ اتي دڪان هٽي ويهي رهيا.

هيءَ نئين جاءِ مارڪيٽ جي بلڪل پٺيان هئي. ٻاهر رستي تان نه ڪنهن کي هو ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ نه ڪنهن کي خبر ئي پوندي هئي. انهيءَ ڪري انهن جي ڪمائي گهٽي گهٽجي وئي، پر مجبور هئا، حڪومت سان وڙهي به نٿي سگهيا.

ميونسپالٽيءَ شهر ۾ سدارا آٽڻ لاءِ ڪي رٿون رٿيون. وڏا وڏا پروگرام ٺهيا، ۽ پروگرامن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ نوان نوان ٽيڪس وڌائون. نون ٽيڪس ۾ هڪڙو ٽيڪس هو 'پڙي ٽيڪس' جيڪو پهرين بند ٿي ويو هو. ميونسپالٽيءَ فيصلو ڪيو ته رستن تان ڪيبن هٽائي ڇڏجن ۽ هيٺ جيڪي 'پڙي' ناهي ويهن، انهن کان ڏهن چورس فوٽن جا ٻه آنا روز جي حساب سان ورتا وڃن.

ٽيڪس وٺڻ لاءِ نوان ٺيڪيدار رکيا ويا. انهن کي شهر جا الڳ الڳ، حصا ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ ورهائي ڏنا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن مارڪيٽ ڏانهن جيڪو ٽيپدار وصولي ڪرڻ ويندو هو، تنهن کي نه اُهي پاڇيءَ وارا ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ نه ڪا خبر هئس. هو فقط ٻاهران وصولي ڪري ويندو هو. هڪ ڏينهن نه ڄاڻ ڪهڙي خيال اچڻ ڪري، هو مارڪيٽ جي پٺئين حصي ۾ لنگهي ويو. جڏهن هن جي نظر انهن پاڇي وارن تي پئي ته سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ چپن تي مرڪ ڦهلجي ويس.

"تون ڪڏهن کان وٺو آهين؟" هن وڏي پاءُ کان پڇيو.

"جڏهن کان ٻيا وٺا آهن." هن بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو.

"ٻيا ڪڏهن کان وٺل آهن؟" ٽيپدار چڙي پيو.

پاڇيءَ واري ڪنڌ مٿي ڪري، ڪجھ ٽڪو ٽي پڇيو، "تنهنجو مطلب."

"مان پڙي ٽيپدار آهيان."

"منشي!" هن حيرت مان پڇيو.

"ها." ٽيپدار جو ڪنڌ فخر کان مٿي کڄي ويو.

"سائين، ٻه ٽي مهينا ٿيا آهن." ننڍو پاءُ، جيڪو ٽيپدار جي پرسان بيٺو هو، تنهن چيو.

"هون... توهان سڀني کي ٻن ٻن مهينن جو ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو."

"پر سائين، ٽيڪس ته معاف ٿي ويو."

"معاف هو. پر هاڻي نه. ٻاهر مان ٻن مهينن کان وصول ڪريان پيو."

"سائين ٻاهر ته ڪمائي به آهي. هتي ڇا آهي. جي اوهين اسان کي ٻاهر ويهڻ جي اجازت وٺي ڏيو، ته اسين ٻه چار ڇئن مهينن جا پيسا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون."

"مان ڇا اوهان جو دلال آهيان،" ٽيپدار ڪاوڙجي چيو، "جلدي ڪريو، ڪٽيو مسواڙ، نه ته ڪريان ٿو چالان. پوءِ پرجو پنجويھ رپيا ڏنڊ."

"سائين، اسين تمام غريب آهيون... ڪجھ ته رحم ڪريو." پاڻيچيءَ هٿ ٻڌي چيو.

"مان مجبور آهيان." ٽيپدار ڪجھ نرمائيءَ سان چيو. "ڏسو، هي منهنجي نوڪري آهي، مان ته اوهان کي ڇڏي ڏيان، پر ميونسپالٽي مون کي نه ڇڏيندي. مس مس سفارشون ڪرائي ته نوڪري ملي آهي."

"پر سائين..."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان مجبور آهيان."

"سائين..."

"ڪڏهن ست رپيا اٺ آنا." انهيءَ کان اڳ، جو هو ٻيو ڪجهه چوي، ٽيپدار سيٺ جون رسيدون ڪڍي انهن جي هٿن ۾ جهلائي ڇڏيون.

"جلدي ڪريو، مون کي دير پئي ٿئي." هن واچ ۾ ٽائيم ڏسندي چيو.

"ڪجهه ته خيال ڪريو ها. اڄ اربع آهي. ڪلهه به گوشت بند هو ۽ اڄ به. هتي ماٺهو گوشت وٺڻ ايندا آهن، ته اسان کان ڀاڄيون به وٺندا آهن، انهن ٻن ڏينهن ۾ ڏنڊو ٿئي ڪونه."

"مان مجبور آهيان." ٽيپدار ڪٽو جواب ڏنو.

ٽيپدار سيٺ جي روئنڊز اکين، ڏڪندڙ هٿن مان پيسا ڪسي ورتا ۽ اهي ڏسندا ئي رهجي ويا.

ٽيپدار ٻنپهرن جو آيو هو، ۽ هينئر شام ٿي وئي هئي. پر انهي وٿ، انهن عرصي ۾ ڪوبه گراهڪ نه آيو هو. وڏي ڀاءُ وٽ اوڏيءَ مهل فقط ٽي آنا، ننڍي وٽ ست آنا ۽ ٽي نوان پيسا، ماسيءَ وٽ چوڏهن نوان پيسا، ڀاٽيجيءَ وٽ پندرهن آنا ۽ پوڙهيءَ وٽ ڪجهه به نه هو.

هو سڀ ڏاڍا اُداس هئا. هر روز هن وقت هو پاڻ ۾ ڀوڳ چرچا ڪندا هئا، پر اڄ سيٺ جي وات کي تالو لڳل هو. ننڍو ڀاءُ ڀاڄيون پاٽيءَ ۾ پسائي رهيو هو، وڏو ڀاءُ ٽيپدار جي ڏنل رسيد کي هٿ ۾ جهلي شايد دل ۾ هن کي گاريون ڏئي رهيو هو. ماسي چوڏهن نون پيسن جي حساب ۾ مُنجهي پئي هئي. ڀاٽيجي پٽاٽن جا سڙيل ٽڪر ڪپ سان وڍي رهي هئي، ۽ پوڙهي ننڍ جي جهوٽي ۾ هئي.

اوچتو ننڍي ڀاءُ رڙ ڪئي، "هيڏانهن اچ."

سڀ هوشيار ٿي گهٽيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳا. هڪ پوڙهو گهٽيءَ مان آيو پئي. جڏهن هو ڪمپائونڊ ۾ داخل ٿيو ته وڏي ڀاءُ چيو، "هيڏانهن اچو."

"چئين ڇا ٿو؟ گراهڪ منهنجو آهي." ننڍي ڀاءُ احتجاج ڪيو.

"هام پٺين وٽان آندو اٿئي.... ادا، او ڀائو، هيڏانهن اچ."

"اڙي هيڏانهن اچ. هن وٽ ڪلهوڪو مال آهي." ننڍي، وڏي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"بڪواس بند ڪر. سڙيل مال تون وڪڻندو آهين." وڏي ڀاءُ چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ابا هيڏانهن اچ.“ ماسيءَ پائرن جي جهيڙي مان فائدو ورتو.
”چاچا، هي ڏس بلڪل تازيون پاڇيون آهن.“ پاٽيجيءَ چيو.
پوڙهيءَ جنهن جهوتا پئي کاڌا. تنهن رڙ ڪئي، ”هي واڳڻ وٺي وڃ. تازا، سٺا ۽ سهانگا آهن.“
”۽ ڪني پاٽيءَ جا ٻه.“ ماسيءَ جلديءَ سان چيو.
”آئي تو وٽ ڪهڙي سٺي پاٽيءَ جون پاڇيون آهن.“ ۽ هو ٻئي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳيون.
وڏي پاءُ سوچيو ته: هاڻ سانجهيءَ جو وقت ٿي ويو آهي، هاٽي ڪو گراهڪ مشڪل ايندو، انهيءَ ڪري هن گراهڪ کي هٿان نه وڃڻ ڏجي. اهو سوچي هن وڃي پوڙهي جي ٻانهن جهلي. ”اچ توکي سٺي پاڇي ڏيان.“
ننڍو پاءُ دڪان تان لهي آيو.
”واه ڙي واه، گراهڪ منهنجو، ڦٻائين تون ٿو.“
”چگو بس ڪر بس.“ وڏي چيو.
”بس ڇو ڪريان.“
”چگو ڇا ڪندين؟“ وڏي پڇيو.
”۽ تون ڇا ڪندين؟“ ننڍي پڇيو.
”مان هن کي پاڇي ڏيندس.“
”مان اڃا جيئرو آهيان.“ ننڍي چڙ ۾ چيو.
ماسي ۽ پوڙهي اڃا تائين وڙهي رهيون هيون. هوڏانهن ٻئي پائر هڪٻئي کي مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا هئا. پوڙهو وڏي پاٽيجيءَ وٽ آيو. هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي، هن جلديءَ مان پڇيو، ”چاچا ڇا ڏيان؟“ هن ساهمي ۽ وَٽ سيرائي پاڻ وٽ ڪيا.
”هي ڪدو ڪيئن ٿي ڏين؟“
”چاچا هي...“
”خبردار، هي منهنجو گراهڪ آهي.“ ننڍي چيو.
”نه منهنجو آهي.“ وڏي چيو.
”بابا پٽ وڙهو ڇو ٿا؟“ پوڙهي نرمائيءَ سان چيو.
”چاچا، پهرين مون توکي ڏٺو هو. تون منهنجو گراهڪ آهين.“
”تو ڏٺو ته ڇا تنهنجي ڇاپ لڳي وئي؟“ وڏي پڇيس.
”چاچا، تون مونکان پاڇي وٺ.“ پاٽيجيءَ چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ مونکان.“ وڏي ڀاءُ چيو.

”نہ مونکان.“

”نہ مونکان.“

”نہ مونکان.“

”مونکان؟“ سيني رڙيون ڪيون.

”بابا، مان ڀاڄي وٺڻ ڪونہ آيون آهيان. منهنجو پوٽو مهانگيون ڀاڄيون آڻيندو آهي، سوچيم تہ وڃي اگهہ پڇي اچان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موڙ

اڄ وري گهر جو هڪڙوئي مَٽُ ڀڳو. اڄ وري گهر جي گهٻَ ڀيل جست جي ٿانون ڪيو، نون گهبن لاءِ اگهڻ ۾ اڇلايو ويو. اڄ واري شور ٿيو، وري گوڙ متو. اڄ واري پاڙي واري پيٽ سان لڳل ڪٽ تان بيهي جهاتي پاتي، پاڙي جي ٻارن در مان ليئو پاتو، ۽ ڪي ڪي ڪري ڪليا. اڄ وري پوليس وارو پٽ تي زور زور سان پير هڻندو گهر مان نڪتو. بيڊوهي ننڍڙي جي ڳل تي اڄ به ماٽس زور سان چماٽ هنئي، ۽ هو زور زور سان روئڻ لڳو. اڄ به پوليس واري جي ويڄڻ کان پوءِ جوٽس پار ڪڍي رُني ۽ سڄو ڏينهن کُني نه چڙهي.

اها ڪا نئين ڳالھ نه هئي. زرينه جي شادي مظفر سان ٿئي ڏھ سال گذري چڪا هئا. ڪجھ وقت تائين اهڙو اتفاق سالن ڪان پوءِ ٿيندو هو. پوءِ مهينن ۾، ان کان پوءِ هفتن ۾، ۽ هاڻ ته اهڙا اتفاق هفتي ۾ ڪئين ڀيرا ٿيڻ لڳا. شور ۽ گوڙ کان شروع، پٽ پار تي ختم.

مظفر کي انهيءَ ڪري زرينه سان نفرت نه هئي ته هوءَ ڪا بدلچٽي هئي. اها ڳالھ به نه هئي ته هوءَ بدشڪل هئي. زال سان نه پوڻ جو سبب فقط ناپسند جي شادي هئي. مظفر کي اهو سنگ بلڪل پسند نه هو. پر ماٽس کي ڪيئن نه پسند اچي- ڀاٽيجي هيس. ڀاٽيجيءَ کي ڪيئن نه ننهن بڻائي. سو به اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن ڀيڻ مرڻ وقت ڌيءَ جو هٿ سندس هٿ ۾ ڏيئي وئي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيئن ڀاٽيجيءَ کي ڇڏي ٿي سگهي؟ ڪو عيب هجي ها ته ڪٿي ڇڏيس به ها. سدا ملوڪ، چنڊ جهڙي هئي، آخر ڇو ڇڏي. اِهو ته الله مٿس فضل ڪيو هو، ڪٿي ڇڏيس به ها. سدا ملوڪ، چنڊ جهڙي هئي، آخر ڇو ڇڏي. اهو ته الله مٿس فضل ڪيو هو، جو زرينه جهڙي ننهن ٿي مليس. زرينه جو پيءُ جيئرو هجي ها ته ڪيس ملي به ها ڇا اهو سنگ. ۽ وري پٽ هو به وري ڪهڙو آئينو، جو نخرا ٿي ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوليس وارو ئي نه هو. سڄو ڏينهن گاڏين موٽرن لاءِ رستي تي هٿ ٽنگيو بيٺو هوندو هو.

پٽ لاءِ ڀاڻيجي پرڻائي ته آئي، پر پٽ جي دل ۾ ڀاڻيجيءَ لاءِ جاءِ نه ڪڍي سگهي، ۽ اهو وس ۾ به نه هوس، نه ته جيڪر ائين به ڪري ها. هن کي ڀاڻيجي تمام گهٽي وڻندي هئي. مظفر، ماءُ جي تمام گهڻي اصرار ۽ ڌمڪين کان لاچار ٿي، زرينه سان شادي ته ڪئي، پر هن کي زال واري حيثيت نه ڏنائين. زرينه سان ڳالهائڻ ته وڏي ڳالهه، ڏانهس اک کڻي ڏسڻ به پسند نه ڪندو هو. ماني گهرٽي هونديس ته ماءُ کان گهرندو هو. ٻي ڪنهن شيءِ جي ضرورت پئي ته ان لاءِ به ماءُ کي چوندو هو. شادي جي اٺين ڏهين مهيني، سهڻ به ماٽس جي ڪمري ۾ لڳو. ماٽس گهڻوئي سمجهايو، پر نه مڙيو. مجبور ڪيائينس، ته گهر ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏنائينس. اها ڌمڪي اثر ڪري ويئي، ۽ وري ماٽس نه چيو.

مظفر صبح جو سوير ڊيوٽيءَ تي هليو ويندو هو، ۽ رات جو چرڪو موٽندو هو. ماٽس سمهي رهندي هئي، پر زرينه مڙس جي انتظار ۾ جاڳندي رهندي هئي. هن جا ڪن گهنٽيءَ ۾ لڳا رهندا هئا. ۽ جڏهن رات جو خاموشيءَ ۾ پري کان ٻري بوٽن جو آواز ويجهو اچڻ لڳندو هو، ته هوءَ جلدي جلدي اُٿي در جو ڪڙو لاهي، سس کي جاڳائي، چله ۾، چار جي اندر پوريل ٽاندا ڪڍي، ماني ڪوسي ڪرڻ ويهندي هئي. مظفر سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ هليو ويندو هو. زرينه ماني ڪوسي ڪري، سس جي ڪمري جي ٻاهران، سس کي سڏ ڪري ڏيندي هئي. ماءُ، پٽ کي ماني کارائي، جوٺا ٿانو ننهن کي ڏئي ويندي هئي ۽ زرينه، ڳوڙها ڳاڙيندي، اوڏيءَ مهل ئي ٿانوَ ڌوئي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ائين به ٿيندو هو، ته رات جي خاموشيءَ منجهه مظفر جي ٻري بوٽن جو آواز پري کان ٻڌڻ ۾ ايندو هو، زرينه يڪدم ماني ڪوسي ڪرڻ ويهي رهندي هئي. آواز ويجهو پيو ٿيندو هو، ۽ گهر وٽان ٿي، پري ٿيندو ويندو هو، هي مظفر نه، ڪو ٻيو پوليس وارو پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ هوندو هو. هڪ ٻه ڀيرا ائين به ٿيو جو بوٽن جو آواز اچڻ لڳو، زرينه ماني ڪوسي ڪرڻ ويٺي، مظفر گهر تائين آيو، پر در تي ڪو دوست ملي ويس ۽ ان سان گڏ ويو هليو، هوءَ انتظار ۾ بورچيخاني ۾ ئي ويٺي رهندي هئي، ۽ اک اوڏيءَ مهل پٽبي هيس، جڏهن سندس سس صبح جو نماز لاءِ اُٿندي هئي.

شاديءَ کان پوءِ زرينه کي پهرين خوشي تڏهن نصيب ٿي، جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ جي يارهين مهيني ڪيس پٽ چاڙهيو. ڏاڏي ته پوٽي تان قربان پئي وئي، پر مظفر ائين الڳ ٿلڳ رهيو، ڄڻ پٽ سندس نه هو.

نني‍ڙو جڏهن اڍائي سالن جو ٿيو، تڏهن ڏاڏيس وڃي الله کي پياري ٿي. جڏهن زرينه جي ماءُ مئي هئي، ان وقت به زرينه چڱي خاصي جوان هئي. ان وقت رني به هئي، پر ائين اوچتو اوچنگارون ڏيئي نه جيئن سس جي مرڻ تي. اهائي ته هن کي پرڏائي آئي هئي، اُهائي ته هن جو سهارو هئي، اڄ اهو سهارو به ٽٽي پيو، پوءِ ڀلا ڪيئن نه اوچنگارون ڏئي ها؟ سس، جا نه فقط هن جي ماسي هئي، پر هن لاءِ ماءُ به هئي، ان جي مرڻ تي زرينه واقعي ڏکي ٿي. هوءَ هن لاءِ ڍال مثال هئي، پر اها به نه رهي.

سس کي مئي يارهون ڏينهن هو. سڄو گهر پنهنجين ۽ پراين زالن سان ڀريل هو. انهن سڀني جي هوندي، هڪ معمولي ڳالهه تي مڙس بگڙيو، جهلي ڏاڍي مار ڪڍيائينس، هٿي سٽي وڌائينس. ويٺل زالون ڊوڙي آيون، پر مظفر به رهيل سهيل ڪسرون ڪڍي ڇڏيون. ۽ پوءِ، اهڙا اتفاق سالن ۾، مهينن ۽ هفتن ڪان پوءِ، هاڻ ته هفتي ۾ ڪيترائي ڀيرا ٿيڻ لڳا هئا. شادي ٿئي ڏهه سال لنگهي ويا، پر زرينه مار کائيندي پئي آئي. مظفر کي جڏهن به ڪاوڙ چڙهندي هئي، پهرين اُها مَٿَ تي لهندي هئي، جست جا ٿانو، جيڪي ڀيري ڀيري سان اڇلڻ ڪري عجيب غريب شڪل جا ٿي ويا هئا، سي هڪ دفعو وري شڪل مٽائڻ تي مجبور ٿيندا هئا. گوڙ تي پاڙي جا ٻار در مان جهاتيون پائيندا هئا، ۽ زرينه کي مار کائيندي ڏسي کلندا هئا. پاڙي واري جلديءَ سان اُپيءَ کٽ تي چڙهي جهاتي پائيندي هئي. جڏهن مظفر ڳرن بوٽن جي ٺپ ٺپ ڪندو ٻاهر هليو ويندو هو، تڏهن زرينه نني‍ڙي کي، جيڪو اڳ ۾ ئي روئي رهيو هوندو هو، اُتي ڳل تي زور سان چماٽ هڻندي هئي. ۽ جڏهن هو رڙيون ڪري روئڻ لڳندو هو، تڏهن پاڻ به ويهي پار ڪڍندي هئي.

اڄ به اهوئي سڀ ڪجھ ٿيو، جيڪو سدائين ٿيندو هو. پار ڪڍي ڪڍي زرينه جي اک لڳي ويئي، ۽ جڏهن اک کليس، اُسن جا پٽ چڙهي ويا هئا. هن نني‍ڙي ڏانهن ڏٺو، هو روئي روئي پٽ تي ئي سمهي رهيو هو. هن جي ڳلن تي ڳوڙهن جا ميرا ليڪا صاف نظر آيا پئي. هن پوٽيءَ سان نني‍ڙي جو منهن اگهيو. کيس کٽ تي ليٽائي، پاڻ بورچيخاني ۾ وئي. سڄي بورچيخاني جو جهاڙو ورتائين، پر کائڻ لاءِ گهر ۾ ڪجھ ڪونه هو. پوءِ هن کي ياد آيو ته اڄ هيءَ واويلا متي ئي انهيءَ ڪري هئي، هن مظفر کي چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو: ”اٿو، مصالحا، گيهه سڀ ختم ٿي ويا آهن.“ ۽ مظفر کيس گاريون ڏيندي چيو هو: ”سڀڪجهه ختم ٿي ويو آهي، پر تون ختم نٿي ٿين.“ ۽ گارين کان پوءِ- مار.

زرينه کي جيئن جيئن ڳالهيون ياد پئي آيون، تيئن تيئن کيس ڪاوڙ پئي چڙهي. اڄ وڏيڪ ڪاوڙ انهيءَ ڪري به آيس، جو هن کيس ماءُ تي گار ڏني هئي. مئل ماسيءَ جو حيا به نه ڪيائين. اڄ گارين ۽ مار کان علاوه ڌمڪيون به ڏيئي ويو هوس. ويندي وقت چئي ويو، ”مان هن گهر تي ٿُڪان ٿو. مان هاڻ هن گهر ۾ پير نه پائيندس. ٻي شادي ڪري رهيو آهيان، توکي ٽي طلاقون ڏيو پيو وڃان، هاڻ جتي وڻيئي، وڃي منهن ڪارو ڪر. ڪپيئي ته ٻيو حق ڪر.“

عورت سڀڪجهه برداشت ڪري سگهي ٿي، پر پنهنجي جائز مڙس جي واتان اهڙا اکر ٻڌڻ يا ٻڌي برداشت ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه نه آهي. عورت، طلاق مليل کان بيوه سڏائڻ وڌيڪ پسند ڪندي. اهوئي سبب هو جو زرينه مڙس جي سامهون پهريون ڀيرو زبان کولي هئي، ٿيس گار سان گار ڏنائين، ۽ وڃڻ کان پوءِ دل کولي پٽيائينس ته: ”نه تون جيئرو رهين، نه ٻي شادي ڪري مون کي طلاق ڏين.“

ٻپهرن کان شام، ۽ شام کان هاڻي رات ٿي چڪي هئي. نه گهر ۾ ڪجهه رڌو هو، ۽ نه ئي تيل هو، جو بتي ٻري. ڪجهه پراڻا دٻا ۽ ٻاٽليون وڪڻي، هن ننڍڙي چو ته پيٽ ڀريو، پر پاڻ لنگهڻ تي رهي. ڏک ۾ هوءَ سدائين ماضيءَ کي ياد ڪندي هئي، پر اڄ پهريون ڀيرو هن مستقبل بابت سوچيو. مڙس جيڪڏهن ٻي شادي ڪئي، ته سندس ڇا ٿيندو؟ هو ضرور طلاق ڏيندو... ۽ سندس ۽ ننڍڙي جو ڇا ٿيندو؟

هاڻ هوءَ مڙس سان گڏ سس کي به پٽڻ لڳي، جنهن کيس هن دوزخ ۾ وڌو هو. رات جي انڌيرن وڌي، جڏهن هوءَ ننڍڙي جي ڪٽ سان ٽيڪ ڏيو مستقبل بابت سوچي رهي هئي، ته در تي ڪَڙو ڪڙڪيو. زرينه جا هٿ پير ڪاوڙ ۾ ڏڪڻ لڳا. مڙس ته ٽي طلاقون ڏيئي ويو هو، هاڻ اچڻ جو ڪهڙو ڪم اٿس؟ هن فيصلو ڪري ورتو ته هاڻ هوءَ مڙس جي منهن تي ٿڪندي به نه، جنهن سندس ايڏي بيعزتي ڪئي. هوءَ ڪاوڙ ۾ سوچيندي رهي. ڪڙو ٻيهر ڪڙڪيو، ۽ جڏهن ٽيون ڀيرو مسلسل ڪڙڪڻ لڳو، تڏهن هوءَ ڪاوڙ منجهه اٿي ۽ رڙ ڪري چيائين، ”هاڻ ڇو آيو آهين؟ تون ته مون کي ٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طاقون ڏيئي ويو هئين. شادي نہ ٿي سگھيئي ڇا؟“ ۽ در ڪولي ڇڏيائين.

”ننڍڙي جي ماءُ ننڍڙي جي ماءُ... ننڍڙي جو پيءُ موٽر جي هيٺان چپجي پيو آهي. ماڻهو هن کي اسپتال کڻائي ويا آهن.“ پاڙيسري ڇوڪري، جيترو جلدي اها خبر ٻڌائي، ايترو جلدي پڇي ڀڄي ويو.

پر زرينہ اتي جو اتي ويٺي رهي. هن جي سوچڻ سمجھڻ جي قوت جواب ڏيئي چڪي هئي. نجاڻ ھوءَ کھڙيءَ طرح ڪمري ۾ واپس موٽي. جتي پھرين ويٺي هئي، اتي ئي ويهي رهي. نہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، نہ منهن تي ڏک جا ڪي آثار. رات جو پوئين پهر مظفر جو لاش اسپتال مان آندو ويو، تڏهن بہ هوءَ خاموش ويٺي هئي.

مظفر ڊيوٽي ڏيندي، موٽر جي هيٺان چپجي مئو هو، انهيءَ ڪري ڪفن دفن جو سارو انتظام پوليس ڪيو هو. صبح جو ڏهين وڳي جنازو پوليس جي اعزاز سان کنيو ويو. جڏهن اسپتال مان لاش آيو هو، تڏهن مڙس جو چچريل لاش ڏسي بہ زرينہ جي اکين ۾ ڳوڙها نہ آيا، ۽ جڏهن جنازو ويو ٿي، اوڏي مهل پاڙي وارن جون اکيون بہ آليون ٿي پيون هيون، پر زرينہ تڏهن بہ ماٺ ۾ رهي، جڻ ڪجھ بہ نہ ٿيو آهي. ”ويچاريءَ کي سڪتو (ماٺ جو مرض) ٿي پيو آهي. ڀلا اوچتو جو هيءُ مصيبت جو جبل اچي مٿانئس ڪريو آهي.“

پر اهڙي ڪابہ ڳالھ نہ هئي. زرينہ کي سڪتو نہ ٿيو هو. رهي مصيبت جي جبل واري ڳالھ، تہ مظفر زندگي ۾ ڪيس کھڙا سک ڏنا هئا، جن کي ياد ڪري هوءَ روئي؟ سڄي عمر پنهنجيءَ نااهليت سببان پوليس واري جو پوليس وارو رهيو، ڪابہ ترقي نہ ڪيائين. اجا ڪلهوڪي تہ ڳالھ آهي- وڙهي پئي ويو هو: ’تي طلاقون ڏيو پيو وڃئين، وٺيئي تہ وڃي ڀيو حق ڪر. مان تہ ڀي شادي ڪري رهيو آهيان.‘ زرينہ پٽيندي چيو هو: ’خدا ڪندو، موٽر جي هيٺان ايندين- نہ جيئرو رهندين، نہ مون کي طلاق ڏيندين.‘ ۽ هاڻ جڏهن سندس دعا قبول ٿي، مظفر موٽر جي هيٺان آيو، تڏهن هوءَ ڪهڙي منهن سان روئي، ۽ ڇو روئي؟ کلڻ جو وقت نہ هو، روئڻ هن کي آيو نٿي، انهيءَ ڪري هوءَ ماٺ هئي. هن کي مڙس جي مرڻ جو ڪو ڏک ڪونہ هو.

مظفر جي مرڻ جي ٻئي ڏينهن شام جو، پوليس جو ’ڊي- آءِ- جي‘ مظفر جي گهر آيو. پردي جي پٺيان ويٺل زرينہ سان عذرخواهي ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام رنج سان چيائين، ”پيئڻ، تنهنجو مڙس پنهنجو فرض ادا ڪندي، هن دنيا مان ويو آهي. اسان کي سندس موت تي رنج ۽ اوهان سان همدردي آهي.“

’همدردي!‘ زرينه دل ۾ سوچيو، ’مون سان هُنَ ڪڏهن همدردي نه ڪئي، مئو ته ڪجھ ڇڏي نه ويو، جو مان يا پٽ ڏکيو سکيو گذر ڪري سگھون. هاڻ هيءَ هن سان همدردي جتائي رهيو آهي، جنهن سان مون کي ڪا همدردي ڪانهي.‘ پر هو ڪجھ به چئي نه سگھي.

”پيئڻ، اسان کي پورو پورو احساس آهي ته هاڻ اوهان جي زندگي ڪيئن گذرندي. اوهان جو هن دنيا ۾ ڪو سهارو ڪونهي، ۽ ٻار اڃا ننڍو آهي. اوهان جو مڙس پنهنجي ڊيوٽي ڏيندي فوت ٿيو آهي، انهيءَ ڪري پوليس جي طرفان اوهان کي ٽي سؤ رپيا ڏنا ٿا وڃن، ۽ پنجويهه رپيا هر مهيني پينشن به پئي ملندي.“ ڊي- آءِ- جي ٽن سون رپين جا نوٽ پردي جي اندر ويٺل زرينه جي هٿ تي رکيا.

نوٽ ملندي ئي ڳوڙها زرينه جي اکين مان وهي آيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوا کي ڪير روڪي؟

## گل چنڻ منع آهي

”سائين معاف ڪجو.“

هن ڪنڌ ورائي پٺيان ڏٺو، مالهي بيٺو هو.

”معاف ڪجو سائين، شايد اوهان سامهون لڳل بورڊ نه پڙهيو آهي.“
مالهيءَ بورڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

هن بورڊ ڏانهن ڏٺو، لکيل هو- ’گل چنڻ جي سخت منع آهي.‘

هن چنل گل ڏانهن ڏٺو ۽ وري اُن ٻوٽي کي ڏٺائين، جنهن مان هن اهو گل چنيو هو.

ٻوٽي ۾ اهو اڪيلو گل هو، جيڪو هن چنيو هو. باقي ٻوٽي جي هيٺان ۽ چوطرف ڪئين ڪومايل گل پيا هئا. هن مرڪي مالهيءَ ڏانهن ڏٺو. اجا ڪجھ چوڻ تي هو ته مالهيءَ چيو، ”سائين اهو ڪم هوا جو آهي، رات واچ لڳي هئي، ڏاڍو نقصان ڪيائين، ڪيترائي ٻوٽا پاڙون پٽي ڇڏيائين، گل ته سڀ زيان ٿي ويا.“

هن فقط ايترو چيو، ”ها، هوا پڙهي نٿي سگهي.“ هن چنل گل ٻوٽي ڏانهن اڇلائي ڇڏيو، ۽ وڏا وڏا قدم کڻندو باغ کان ٻاهر نڪري ويو.

باغ مان ٻاهر نڪري، هن جي رفتار وري ڍري ٿي وئي. هو ڪنڌ جهڪائي ننڍا ننڍا قدم کڻڻ لڳو. سڄيءَ واٽ تي سڪل ۽ ڪومائل گل ۽ پن پکڙيل هئا. هن جا قدم آهستي آهستي انهن تي پئجي رهيا هئا.

سڪل گلن ۽ پنن تي جڏهن هن جا قدم ٿي پيا ته اهي چيپاٽجي ٿي پيا. چيپاٽجڻ سان انهن مان اهڙو آواز ٿي نڪتو، ڄڻ گل روئي رهيا آهن ۽ چون پيا، ’هوا ته انڌي آهي، پر تون... توکي ته اکيون آهن.‘

ڄڻ هن گلن ۽ پنن جو آواز ٻڌي ورتو ۽ هو اُهو رستو ڇڏي، پاسو ڏيئي هلڻ لڳو، ته جيئن ڪو گل ۽ پن سندس پيرن هيٺان نه اچي. هن ڪنڌ ورائي پٺيان ڏٺو. رستي تي هر طرف گل ۽ پن پکڙيل هئا، سڪل ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪومايل. اهڙا، جهڙيون سندس آرزوئون ۽ اميدون سڪي ۽ ڪومائجي ويون هيون. ننڍيان نهارڻ سان هن کي ننڍيون، ماضيءَ جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون.

اڙي،... هي! هن کي هتي ڪنهن رکيو آهي؟" عائشه نفرت سان هڪ گُڏو کنيو ۽ ڪٽي اڇلائي ڇڏيائين.

"ڇو عائشه تو هي گُڏو اڇلائي ڇڏيو؟" سعيد معصوميت سان پڇيو.

"انڌو آهي." عائشه ساڳيءَ نفرت منجهان چيو.

"انڌو آهي؟ انڌو آهي ته ڇا ٿيو، تون هن سان راند ته ڪيڏي سگهين ٿي!"

"انڌي گُڏي سان راند ڪيئن ڪبي؟ مان انڌي گُڏي سان پنهنجيءَ گُڏيءَ جو وهانءُ ڪيئن ڪنديس؟ منهنجي گُڏي ڪاوڙجي نه پوندي؟ مون وٽ ٻيو به ته گُڏو آهي، انڌي گُڏي کي ڇا ڪريان، مون کي انڌا اصل ڪونه وڻن." عائشه ٻئي گُڏي جا ڪپڙا بدلائڻ لڳي. سعيد اُٿي گُڏو کنيو. ڪافور جو سهڻو گُڏو هو، پر ويچاري جون ٻئي اکيون نڪري ويون هيون. سعيد کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن سوچيو: 'عائشه هاڻي هن سان ڪڏهن به راند نه ڪندي، ۽ نه ئي هن ويچاري جو وهانءُ ٿيندو!' هن جون اکيون پُرجي آيون. سندس دل ۾ گُڏي لاءِ ٻي انتها همدردي جاڳي پئي. هو گُڏو کڻي عائشه جي ويجهو آيو ۽ چيائين، "عائشه، هيءُ گُڏو مون کي ڏيندينءَ؟"

"هي؟.... انڌو گُڏو!" عائشه حيران ٿي پڇيو. "توکي مان ٻيو سٺو گُڏو ٿي ڏيان."

"نه مونکي اهوئي گُڏو گهرجي."

"تنهنجي مرضي، ڀلي کڻ."

## پَرين جي شهزادي

عائشه کي گلن سان ڏاڍي محبت هئي. پٽس کي ڇٽي بنگلي ۾ پنهنجي لاءِ هڪ باغ ڏار هٽايو هئائين. هن جي باغ ۾ ڪائنس ۽ سعيد کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به وڃڻ جي اجازت نه هئي. عائشه کي گلن سان نرالي محبت هئي، هوءَ نه پاڻ، ۽ نه ٻئي ڪنهن کي گل ڇنڻ ڏيندي هئي.

عائشه ۽ سعيد هڪڙي ئي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا. رستي ۾ هڪڙو باغ پوندو هو. عائشه صبح شام جڏهن به اُتان لنگهندي هئي، باغ وٽ بيهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي پيار سان ڳلن کي ڏسندي هئي.

”سعيد، هي ڳل ته ڏس، ڪھڙو نه سھڻو آهي!“

”ڇنانس؟“ سعيد شوخيءَ سان چيو.

”نه نه... توکي خبر آهي ته مونکي ڳل چنڊ نه وڻندا آهن. تاريءَ مان چنڊ سان ويچارن کي ڪيڏو نه سور ٿيندو هوندو. تاريءَ ۾ هي ڪھڙا نه ٿڙيل هوندا آهن، ۽ چنڊ کان پوءِ ويچارا ڪومائجي ويندا آهن. هي مکڙيون ته ڏس، ڪھڙيون نه وڻندڙ آهن... الائي ڪيڏيءَ مھل ٽڙنديون!“

”رات جو.“ سعيد چيو.

”رات جو ڇو؟ خدا ڪري پاڻ اسڪول، مان موٽون ته ٽڙيل هجن.“

”مکڙيون فقط رات جو ٽڙنديون آهن.“

”ڇو ڀلا؟“

”انھيءَ ڪري جو رات جو پرين جي شھزادي ايندي آهي، ۽ هوءَ اچي مکڙين کي چُمندي آهي، تڏهن مکڙيون ٽڙي پونديون آهن.“ سعيد پنھنجي ڏاڏيءَ کان ٻڌل ڳالھ چئي.

”الا، پاڻ جيڪر پرين جي شھزاديءَ کي ڏسون!“

”پاڻ ڪيئن ڏسي سگھنداسين؟ پرين جي شھزادي ته رات جو ايندي آهي.“

”ڇو، ڏينھن جو نٿي اچي؟“ عائشہ پڇيو.

”ڇو ته هوءَ تمام شرميلي ۽ تمام نازڪ آهي، ڏينھن جو جيڪر اچي ته اُس ۾ سندس پَرَ سڙي جلي ويندا.“

اوچتو عائشہ جي نظر پريان ايندڙ انڌي تي پئجي ويئي، ”انڌو!“ عائشہ ڪرهت سان منھن ڦيري اسڪول ڏانھن هلڻ لڳي. پر سعيد اتي ئي بيٺو رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ اُهو انڌو فقير نه هو، پر سندس ساٿي گڏو هو- اهو گڏو، جنھن کي عائشہ نفرت سان اڪيلائي ڇڏيو هو، ۽ جنھن جو وهانءُ نه ٿي سگھيو هو. سعيد سوچيو: ’هن فقير جي ٻه شادي نه ٿي هوندي،‘ ”ويچارو!“ هن کي فقير تي ڏاڍو ڪياس آيو. هن کيسي مان پنھنجي خرچيءَ جا چارئي آنا ڪڍي فقير کي ڏيئي ڇڏيا.

## اختلاف

عائشہ ۽ سعيد پاڻ ۾ سوٽ هئا. ٻنھي جا بنگلا گڏوگڏ هئا، ۽ ٻنھي کي ننڍي هوندي کان پاڻ ۾ محبت هئي. اسڪول ۾ گڏ پڙهيا، گڏ رانديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائون، ۽ وڏي ٿيڻ تي به هڪ ئي ڪاليج ۾ داخلا ورتائون. ننڍپڻ جي محبت وڏي ٿيڻ تي وڌيڪ گهري ٿي وئي. ٻنهي کي هڪ ٻئي سان تمام گهڻي محبت هئي، پر سندن طبيعت ۾ اختلاف هو. انهيءَ اختلاف سبب ڪڏهن منجهن لفظي تڪرار به ٿي پوندو هو.

هڪ اختلاف هو 'گل چنڻ.' عائشه گلن چنڻ جي سخت مخالف هئي. هن جو چوڻ هو ته: 'گل جيترا پنهنجي ٻوٽي ۾ سونهن ٿا، اوترا گلدستي ۾ نٿا سونهن.' پر سعيد جو نظريو ان جي ابتڙ هو. هن جو چوڻ هو ته: 'گل سونهن لاءِ ٿين ٿا ۽ جتي لڳائڻ سان سونهن وڌيڪ ٿئي ٿي، اُتي گل ضرور لڳائجن. پوءِ ڀل اهي ڪنهن حسينه جي ڪارن وارن ۾ هجن، يا گلدستي ۾ سينگاريل.'

بنگلي ۾، عائشه جي باغ ۾، طرح طرح جا گل هئا، پر انهن کي چنڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه هئي. عائشه انهيءَ لاءِ هڪ وڏو بورڊ هڻائي ڇڏيو هو- 'گل چنڻ جي سخت منع آهي.' تنهن هوندي به سعيد هن کي ستائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن گل چني وٺندو هو. سعيد جي انهيءَ حرڪت تي عائشه روئي ڏيندي هئي ۽ سعيد کي اهو روئڻ ڏاڍو وڻندو هو. هو چاهيندو هو ته عائشه هميشه سندس سامهون ويٺي روئيندي رهي، ۽ هو ڪيس پرچائي. عائشه جي وڏين ڪارين اکين مان جڏهن شفاف ڳوڙها نڪري، هن جي ڳلن تان وهڻ لڳندا هئا، ته سعيد کي ائين لڳندو هو ڄڻ گلاب جي پنکڙين تان اجا موتي پيا ترڪن.

ٻيو اختلاف هو: 'انڌا.' عائشه کي ننڍي هوندي کان ئي انڌن کان نفرت هئي. هن کي انڌين اکين کان ڀؤ لڳندو هو. انڌيون اکيون هن کي ائين لڳنديون هيون، جيئن ڪو سُڪل اونهو کوهه، جنهن جي اندر فقط تاريڪي هوندي آهي.

انڌن سان سندس نفرت پهريون ڀيرو تڏهن ٿي، جڏهن نه ڄاڻ ڪٿان هڪ ٻلي اچي عائشه جي گهر ۾ رهي. شايد ڪنهن بيماريءَ ڪري، يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري، هن جون ٻئي اکيون نڪري ويون هيون. اکين جي جاءِ تي ٻه کڏا هئا، جن مان سدائين گند پيو وهندو هو، اکين جي چوڌاري پچيون هونديون هيون ۽ اکين جي اندر اهڙي ڳاڙهاڻ هئي، جهڙا ٽانڊا. عائشه ننڍڙي هئي، ڪچڙو ذهن هو، هوءَ ائين به تمام نفيس طبيعت جي هئي، هن جڏهن اهڙيون ڪرهت جهڙيون اکيون ڏٺيون ته هن کي انهن اکين کان ڏاڍو ڏپ ۽ ڪراهت ٿيڻ لڳي، ۽ پوءِ نفرت هن جي ننڍڙي دل ۾ دماغ ۾ ائين گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري وئي، جو وري نہ نڪتي.

۽ انهيءَ جي برخلاف، سعيد کي انڌن سان همدردي هئي. انهيءَ جو سبب سندس ماءُ هئي، جنهن کيس هميشہ اها نصيحت ڪئي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن سان نفرت نہ ڪجي. سڀني کي خدا خلقيو آهي، انسانن کي ڪو حق ڪونهي تہ هو خدا جي خلقيل شيءِ سان نفرت ڪن. ۽ جيڪو ٻين جي عيبن تي کلندو، الله سائين کيس بہ اهڙو ئي ڪندو. هر ڪنهن مظلوم تي رحم ۽ هر ڪنهن سان محبت ۽ نرمائيءَ سان پيش اچجي، خدا کي اهڙا بندا پيارا آهن.

سعيد کي عائشہ جي انڌن سان نفرت نہ وڻندي هئي. ڪيترائي ڀيرا هن عائشہ کي چيو بہ هو تہ: تون انڌن سان نفرت نہ ڪندي ڪر، پر اهو عائشہ جي وس ۾ نہ هو. جڏهن سعيد پڇيو، ”ڀلا عائشہ توکي انڌن کان ڇو ٿي ايتري ڪرهت ٿئي، ڇو تون ڊپ لڳئي؟“ تہ هوءَ سعيد کي مطمئن ڪري نہ سگهي، فقط ايترو چيائين، ”انهن جون بي نور اکيون. ڪن جي اکين ۾ ڇڪندڙ ڪڏا هوندا آهن، ڪن مان پاڻي پيو ڳڙندو آهي، ۽ ڪي اکيون تہ اهڙيون جهڙا ڦٽ.“ ايتري چوڻ سان عائشہ جي منهن تي ٻُجان ۽ گهٻراهٽ ڇانئجي ويئي.

## جواب

”مون کي تمام گهڻو افسوس آهي.“ سعيد چيو.

عائشہ خاموش رهي.

”چُ چُ... هوا ڪيڏي نہ ظالم آهي. قياس تہ اچيس ئي ڪونہ ٿو، ڪچڙين مُکڙين تي بہ رحم نہ آيس.“ سعيد همدرديءَ جي لفظن ۾ طنز ڪئي. ”هوا کي ڇا... هوا تہ انڌي آهي، تہ پوءِ هن بورڊ لڳائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تون اسان کي روڪي سگهين ٿي، پر هوا کي ڪير روڪيندو؟ رات واچ لڳي، تنهنجا سڀ گل زيان ڪري ڇڏيائين، تون ان کي ڇا ٿي ڪري سگهين؟ عائشہ، گل ٿيندا ئي انهيءَ لاءِ آهن تہ انهن کي ڇنجي، انهن سان سونهن وڌائجي. تون نہ ڇنيدينءَ تہ هوا ڇني ڇڏيندي، جي هوا نہ ڇنا تہ اهي پاڻمرادو ئي ڇڻي پوندا.“

”ايڏي وڏي ليڪچر جو مطلب؟“ عائشہ خفي ٿي چيو.

”مطلب؟- ’گل ترڻ ٿا ڇڻي پوڻ لاءِ!‘“ تون انهن جي رکوال نہ آهين. جڏهين هڪڙا گل ڪومائجي ڪري پون ٿا، تڏهين ٻيا گل ٽڙي انهن جي جاءِ ڀرين ٿا. نئين سونهن نٿين سگهندا. تون انهيءَ سرشتي کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيرائڻ جو اختيار نٿي رکين. جڏهن گل ٽڙن، ته انهن کي سونهن جي جاءِ تي سينگارجي. اهي ڪومائجي ويندا، ته ٻيا نوان گل ٽڙيا، انهيءَ هنڌ تائين پهچڻ جا منتظر هوندا. توکي هميشه انهيءَ ڳالهه سان اختلاف رهيو آهي. توکي ته انڌن کان به نفرت آهي. حالانڪ سڄيءَ دنيا کي انڌن لاءِ ڪھڪاءُ ۽ همدردي آهي. انڌا به ته خدا جا بندا آهن، پوءِ توکي خدا جي بندن سان نفرت جو ڪهڙو حق آهي."

"پنهنجي پنهنجي طبيعت آهي. مان نفرت ڪا ڄاڻي واڻي ته نٿي ڪريان."

"ٺيڪ آهي، پنهنجي پنهنجي طبيعت آهي. تون انڌن سان نفرت ٿي ڪرين، توکي انهن کان ڪرهت ٿي ٿئي، ڇو ته هو بدصورت ٿا لڳن. تون ظاهري حسن پسند ڪرين ٿي، پر اهو حسن ته رڳو نظر جو دوکو آهي، اصلي حسن ته ظاهري ڏيک کان بلند آهي. تون ڪڏهين ڪنهن انڌي جي دل کي پرکي ڏس."

"تنهنجو ليڪچر ڪڏهين ختم ٿيندو پلا؟" عائشه بيزار ٿيندي چيو.

"تون سڄيءَ ڳالهه تي ڪاوڙجين ٿي. جيڪڏهن سڀاڻي تنهنجو ڪنهن انڌي سان واسطو پئجي وڃي ته پوءِ؟"

"واسطو ڇو پوندو؟"

"زندگيءَ ۾ ڪئين اتفاق ٿيندا آهن، عائشه. مثال طور، ... توکي ته مون سان محبت آهي نه؟... ۽ جيڪڏهين آءٌ انڌو ٿي پوان ته پوءِ.... ڇا تون مون کي به ڇڏي ڏيندين؟ مون سان به نفرت ڪندينءَ؟"

"بس بس، مهرباني ڪري مون سان اهڙيون ڳالهيون نه ڪندو ڪر."

"ڇو؟ ٻڌاءِ، پوءِ تون ڇا ڪندينءَ؟"

"مان نه ٻڌائيندديس."

سعيد عائشه جي ٻانهن جهلي ورتي. "عائشه توکي ضرور ٻڌائڻو پوندو. جيڪڏهن آءٌ به انڌو ٿي پوان ته تون ڇا ڪندينءَ؟"

عائشه هٿ ڇڏائيندي، چڙ وچان چيو. "ته مان توکي به ڇڏي ڏينديس." ائين چئي هوءَ هلي وئي.

## سوچ

تنهن ڏينهن عائشه ڪاوڙجي يا شايد جند ڇڏائڻ لاءِ سعيد کي چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو ته 'جيڪڏهن تون انڌو ٿي پوين ته مان توکي به ڇڏي ڏينديس.' پر سعيد انهيءَ ڳالھ تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳو. هن کي اها اميد نه هئي ته ڪو عائشه اهڙو جواب ڏيندي. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. هن سوچيو: 'جيڪڏهن عائشه کي مون سان سچي محبت هجي ها، ته هوءَ جيڪر ائين نه چوي ها. محبت اکين جي روشنيءَ سان نه ڪبي آهي، محبت لاءِ ته دل جي روشني گهرجي.' هن سوچيو: 'عائشه کي هن سان نه، بلڪ هن جي صورت سان محبت آهي. اها ته ظاهري محبت چئبي. جيڪڏهن اتفاق سان آءٌ انڌو ٿي پوان ته ڇا سچ پچ عائشه مونکي ڇڏي ڏيندي؟ ڇا هوءَ ڪنهن ٻئي...' هو انهيءَ کان اڳتي ڪجھ نٿي سوچي سگهيو. عائشه جي اها ڳالھ هن جي دل ۾ اينٽريقدر ته گهر ڪري ويئي، جو اٿندي ويهندي رڳو ان بابت ئي پيو سوچيندو هو. اها سوچ پوءِ اينتري ته وڌي ويئي، جو هو رستي تي هلندي به اڪثر بي خياليءَ هلڻ لڳو. ڪيترا ڀيرا انهيءَ بي خياليءَ ۾ هو گاڏين موٽرن هيٺان ايندي ايندي بچيو.

## حادثو

عائشه جڏهن اوچتو ٻڌو ته: سعيد کي حادثو پيش آيو آهي، ته هوءَ مٿي ۾ پيرين اگهاڙي ڪمري مان ڊوڙي ٻاهر نڪتي. اوڏيءَ مهل ئي سپ اسپتال ويا. سعيد پلنگ تي ليٽيو پيو هو. هن جي مٿي، پيشانيءَ، اکين ۽ ٻانهن تي پٽيون ٻڌل هيون. عائشه ڏسي ڏڪي وئي. لُڙڪ سندس اکين مان وهي آيا، پر هن جلديءَ سان اُهي اُگهي ورتا ته متان ڪو ڪو ڏسي نه وٺي.

سعيد ٻه ڏينهن اسپتال ۾ رهيو، پر ٽئين ڏينهن عائشه ضد ڪري سعيد کي انجي گهر ڪٺائي آئي. هوءَ نرس کي هٽائي پاڻ تيمارداري ڪرڻ لڳي. عائشه سعيد لاءِ سڄيون سڄيون راتيون جاڳندي رهي. ڪجھ وقت کان پوءِ ڦٽ ڇٽڻ لڳا. سڀ کان پهرين مٿي وارو ڦٽُ ڇٽو، پوءِ ٻانهن ۽ پيشانيءَ جو، ۽ سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ اکين جي پرسان آيل ڦٽَ. پر جڏهن اکين تان پٽي کُلي، ته ڊاڪٽر اِها افسوسناڪ خبر ٻڌائي ته سعيد تمام گهڻي رت وهڻ، ۽ اکين وٽ ڦٽُ ٿيڻ ڪري نظر وڃائي چڪو آهي.

سعيد جي انڌي ٿيڻ جو سيني کي تمام گهڻو ڏک هو. ڏک ته عائشه کي سيني کان گهڻو هو، پر هن ڪجھ وقت کان پوءِ سعيد جي تيمارداري ڪرڻ ڇڏي ڏني، هن جي دلچسپي ڇو گهٽجي ويئي. انهيءَ ڪري جو سعيد انڌو هو، ۽ عائشه کي انڌن کان نفرت هئي، هن کي انڌن کان ڪراهت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس. ڏاڪڻ تان بولاٽيون کائيندي اچي پٽ تي پيئي. سخت زخمجي پيئي. بيهوشيءَ جي حالت ۾ اسپتال کڻائي ويس.

سعيد ٻئي ڏينهن گھر وارن سان گڏ اسپتال ويو. گھڙيءَ گھڙيءَ ٻين کان پئي عائشہ جي حالت پڇيائين، ٻڌايائونس تہ عائشہ جو مٿو، منهن، ٻانهون ۽ ٽنگون زخمجي چيٿيون آهن. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ جڏهن عائشہ کي ڪجھ هوش آيو، تہ پتو پيس هوءَ اسپتال ۾ آهي، ضد ڪري پاڻ کي گھر کڻائي آئي. چو تہ سندس منهن، هٿ پير، مٿو سڀ پٽين سان ٻڌل هئا، جنهن ڪري ڏاڍي ٻُجھ محسوس ٿيندي هئي، ۽ جڏهن هن اهو سوچيو ٿي تہ: ٻيا ماڻهو ڪيس ڏسي ڇا خيال ڪندا، ۽ هوءَ انهن کي ڪهڙي نہ بيچڙي ڏسڻ ۾ ايندي هوندي. ۽ هن نٿي چاهيو تہ دنيا ۾ ڪو ماڻهو ڪائنس نفرت ڪري ۽ ڪيس بدشڪل سمجهي.

ڊاڪٽر، عائشہ جي پيءُ کي جلد هيءَ بدخبر ٻڌائي تہ: گھڻن زخمن ڪري نہ فقط عائشہ بدشڪل ٿي وئي آهي. پر هڪ اک بہ ضايع ٿي وئي اٿس. اها ڳالھ عائشہ کان بہ ڳجھي نہ هئي. پنهنجي جسم جي زخمن کان ڀلا هوءَ ڪيئن بيخبر هوندي. پر هن ائين ظاهر نٿي ڪيو تہ هوءَ اک وڃائي چڪي آهي. هن ۾ ايتري همت نہ هئي جو ڪنهن کي ٻڌائي سگھي- ۽ ٻڌائي بہ ڪيئن؟

عائشہ جي خوبصورت چهري ۾ هڪ اک جي وڃڻ تي ئي سندس ماءُ پيءُ روئي رهيا هئا، تہ پٽين کلڻ تي ڊاڪٽر ٻڌايو تہ: 'عائشہ پنهنجي ٻي اک بہ وڃائي چڪي آهي،' هن جا ماءُ پيءُ تڙپي پيا، پر اهي ڪري ڪجھ نٿي سگھيا.

ڪجھ وقت کان پوءِ ڦٽَ تہ چٽي ويا، پر هميشہ لاءِ نشان ڇڏي ويا. عائشہ کي هميشہ سهڻي شڪل وڻندي هئي، انڌن کان ڪيس سدائين نفرت هئي، انهيءَ ڳالھ جي سيني کي خبر هئي، سيني سمجهيو تہ عائشہ چري ٿي پوندي، يا چيڙاڪ. پر ٻنهي مان ڪا بہ ڳالھ نہ ٿي، هن کي ڀڪي ماٺ وٺي ويئي، اتفاق سان ئي ڪنهن سان ڳالهائيندي هئي. سندس ڪمري ۾ ماءُ، پيءُ ۽ ڊاڪٽر کان سواءِ فقط چاچو (سعيد جو پيءُ) چاچي، يا ڪڏهن سعيد ويندو هو. ڪوبہ ڀلجي اهو ذڪر نہ ڪندو هو تہ عائشہ ڪا بدصورت ۽ انڌي آهي، پر عائشہ سڀ ڄاتو ٿي، اکيون تہ ظاهر هيون، ۽ هٿ لائڻ سان منهن جو پتو بہ پئجي ٿي ويس. پر ڪهڙي منهن سان شڪايت ڪري؟ ڪيئن تڪليف جو اظهار ڪري؟ سعيد فقط زباني همدردي ئي ڪندو هو. عائشہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سونهن ۽ اکين وچائي ڏيڍ مهينو کن ٿي ويو. هڪ ڏينهن، سعيد نوڪر سان گڏجي عائشه جي گهر ويو. اتفاق سان سيئي پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ رُڌل هئا. نوڪر سعيد کي عائشه جي ڪمري ۾ ڇڏي ويو. ڪجھ دير خاموش رهڻ کان پوءِ سعيد آهستي سان چيو:

”عائشه.“

”ڪير!“ عائشه چرڪي.

”مان آهيان، سعيد.“

”او_“

”مونکي ڏاڍو افسوس آهي، عائشه تنهنجون...“

”ڇا جو افسوس؟“ عائشه ڳالھ وچ ۾ ڪٽي چيو.

”اکين جو؟“

”توکي افسوس نه ٿيڻ گهرجي.“

”ڇو؟“

”ان ڪري جو مونکي افسوس نه آهي. مون کي انڌن کان نفرت هئي نه... ان جي سزا ملي اٿم، هاڻي پاڻ انڌي آهيان. اڳي مون کي انڌن کان ڪراهت ٿيندي هئي، هاڻي ٻيا مون کي ڏسي ڪرهت ڪندا. تون ٺيڪ چوندو هئين، ڪنهن کان نفرت ڪرڻ جو ٻئي کي ڪهڙو حق آهي. پر مون ٻين کان نفرت ڪئي، ۽ ٻين کي حق آهي ته اُهي به مون کان نفرت ڪن.“

”تنهنجو خيال غلط آهي عائشه ماڻهن کي انڌن کان نفرت نه، بلڪ انهن سان همدردي ٿيندي آهي.“

”پر مون سان ڪير همدردي ڪندو؟ تنهنجي انڌي ٿيڻ تي مون توسان ڪابه همدردي ڪانه ڪئي هئي. هاڻي توکي يا ٻين کي مون سان ڪهڙي همدردي ٿيندي؟“

”تو مون سان ڪا همدردي ڪانه ڪئي، تون پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ هُئين ۽ انهيءَ ۾ تنهنجو قصور به ڪونه هو، تنهنجي طبيعت ئي اهڙي آهي. پر مونکي توسان تمام گهڻي همدردي آهي، عائشه.“

”ٿي سگهي ٿو، پر مان سمجهان ٿي ته هاڻي ڪوبه ماڻهو مون ڏانهن ڏسڻ به پسند نه ڪندو.“

”ڇو ڀلا؟“

”توکي اکيون ڪونهن، سعيد. تنهن ڪري توکي مون سان همدردي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پر جيڪڏهن ڏسي سگهين ها ته توکي مون کان نفرت ٿي وڃي ها، ڇو ته مان نه فقط انڌي، بلڪ تمام گهڻي بدصورت به ٿي ويئي آهيان.“

”اها ته ڪا اهڙي ڳالھ ڪانهي، جنهن جي ڪري مونکي توکان نفرت ٿيڻ لڳي.“

عائشہ ڦِڪي مُرڪ مُرڪندي چيو، ”جيڪڏهن توکي اکيون هجن ها ته پوءِ خبر پوي ها.“

”اهو تنهنجو خيال آهي، عائشہ. مون کي توسان محبت هئي، ۽ سدائين رهندي. محبت لاءِ سونهن جو هجڻ ضروري ڪونهي. ظاهري سونهن کي ته ڪا اهميت ڪانهي. تون جيئن به آهين، مون لاءِ حسين آهين. آءٌ توسان محبت ڪريان ٿو، تنهنجي شڪل سان نه. مان توسان شادي ڪندس.“

”پُڌ، مان نه فقط انڌي آهيان، پر منهنجو سڄو چهرو داغ داغ آهي، هڪ ٻانهن پيگل اٿم ۽ ٽنگ ۾ نقص آهي. مون وانگر تون به ڏسي نٿو سگهين، نه ته مون سان شادي ڪرڻ ته پري رهيو، منهنجي ڀرسان ويهڻ به پسند نه ڪرين ها.“

”ته تون به ٻڌ،“ سعيد چيو، ”مون ٻڌائڻ نٿي چاهيو، پر تون ٻڌائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي... آءٌ انڌو نه آهيان عائشہ.“

”ڇا! تون انڌو ناهين؟“ عائشہ کان رڙ نڪري ويئي.

”نه، مان انڌو نه آهيان. مون فقط تنهنجي محبت کي آزمائڻ ٿي گهريو.“

”پر اُهو حادثو؟“

”ها، اُهو حادثو ٿيو هو. حادثي کان پوءِ جڏهن مونکي هوش آيو ته اها ترڪيب سُجهي آيم. مون امان، ڊاڪٽر ۽ نوڪرن کي پاڻ سان ملائي ورتو هو. خير، ڇڏ انهيءَ ڳالھ کي... آءٌ توکي ٻڌائي چڪو آهيان ته آءٌ ظاهري حسن کي اهميت نه ڏيندو آهيان. مونکي توسان ساڳي ئي محبت آهي. آءٌ اڄ ئي امان کي چئي شاديءَ جو بندوبست ڪريان ٿو.“

هوا پڙهي نٿي سگهي

اوچتو پٿرن تان ٺاپي ڪائڻ ڪري سعيد جي خيالن جو وسيع سلسلو ٽٽي پيو. هن ڏٺو، هو عائشہ جي بنگلي جي سامهون بيٺو آهي- انهيءَ بنگلي جي سامهون، جنهن ۾ عائشہ جو باغ آهي، عائشہ جا گلَ آهن، عائشہ جا ماءُ پيءُ آهن- پر عائشہ نه آهي.

انهيءَ ڏينهن سعيد عائشہ کي چئي ويو ته هو ماءُ کي چئي شاديءَ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تياريون ٿـو ڪرائي. انهيءَ رات، عائشہ ڪڏ تان ٽپ ڏيئي خودڪشي ڪري ورتي. ڪمري ۾ ڦڏن سڏن اکرن ۾ هڪ خط مليو.

’پيارا سعيد، تون شاديءَ جي تيارين ۾ آهين. تون شادي ڪرڻ ٿو چاهين_ هڪ انڌي، بدصورت، ٽُونٽيءَ سان_ انهيءَ ڇري جو توکي مون سان محبت آهي. ڇـو تہ تون ظاهري حسن جو قائل ناهين. مان اها ڳالھ پسند نٿي ڪيان، تہ تون مون جهڙي اپاهج سان شادي ڪري، پنهنجي عمر وڃائين. مونکي انڌن ۽ بدصورتن کان نفرت هئي، انهن کان ڪراهت ٿي پئي آهي... تون بيشڪ مون سان نفرت نہ ڪندين، پر سارو جڳ تہ ڪندو. مان اهو پسند نہ ڪندس تہ ڪو مون سان نفرت ڪري، مون ۾ ايتري جرئت ڪانهي جو مان اهو سڀڪجھ برداشت ڪري وٺان. مان ماڻهن جي نفرت کان پاڻ کي بچائي نٿي سگهان_

’بدنصيب عائشہ.‘

سعيد، ننڍا ننڍا قدم کڻندو، عائشہ جي بنگلي ۾ آيو. عائشہ جي باغ وٽ پهچي ڏٺائين، مالهيءَ ٻوٽن کي صاف پٽي ڪيو.

سعيد پڇيو، ”ڇا پيو ڪرين، مالهي؟“

”سائين، رات ڏاڍي هوا لڳي، گُل سڀ ڇڻي ويا آهن، ڪن ٻوٽن کي بہ نقصان رسيو آهي.“

”هي بورڊ لاهي ڇڏ مالهي_ ’گل ڇنڻ سخت منع آهي.‘“

”ڇو، سائين؟ هي عائشہ بيبيءَ پاڻ هتي هڻايو هو.“

”ها مالهي، پر هوا تي ان جو اثر نٿو ٿئي. هوءَ تہ انڌي آهي، پڙهي نٿي سگهي. ماڻهن کي تہ گلن ڇنڻ کان روڪي سگهبو، پر هوا کي ڪير روڪيندو؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سونهري شام

چون ٿا ته بمبئيءَ ۾ سيءُ ڪونه پوي. شايد ائين هجي، پر اڄ، اڄ ڇا ڪافي ڏينهن کان هتي چڱو سيءُ پيو پوي. اها ئي ڳالهه آهي، جو هن وقت شام جو اپالو بندر تي ماٺ لڳي پئي آهي، نه ته ايڏي مهل اپالو تي ڏاڍو ڇهچٽو هوندو آهي. ڪا به بينچ خالي نه هوندي آهي، پر اڄ سيءَ سببان اتفاق سان ئي ڪنهن بينچ تي ڪو جوڙو ويٺل ڏسجي پيو، سو به هڪ ٻئي سان ڇهڻل. ڪي گهاٽي ذات جا مزور گيٽ آف انڊيا جي اندر، ميريون چادرون مٿان ڪيو ستا پيا آهن، ۽ انهن جي پرسان سينگ ۽ چنا ٻڻاٽا (منگ ڦريون ۽ پڳڙا) وڪڻندڙ ڇوڪرا پنهنجا ڇٻا رکيو گيٽ جي پٽين کي ٽيڪ ڏيو ويٺا آهن.

سمنڊ ۾ ڪئين جهاز، ڪجهه هندستان جا ۽ ڪجهه ٻاهريان، لنگر هنيون بيٺا آهن. ڪناري وٽ هميشه وانگر لانچون ۽ ٻيڙيون بيٺيون آهن. پر سيءُ سبب اتفاق سان ئي ڪي ماڻهو گهمڻ جي سَڌ ڪن پيا. اپالو بندر جي سامهون سمنڊ ۾ جيڪي جبل آهن، سي شام جو چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر اڄ سيءَ سبب سمنڊ تي هيٺئر کان ئي ڪوهيڙو ڇانئجي ويو آهي، انهيءَ ڪري جبل ڌڙا ڌڙا پيا ڏسجن. سج، تاج محل هوٽل جي قبي پٺيان لڪي ويو آهي، سج جي جهڪي روشنيءَ سمنڊ جي نيري پاڻيءَ کي ميرانجهڙو بڻائي ڇڏيو آهي.

هاڻي سيءُ وڌندو پيو وڃي، ڪي جوڙا ته هڪ ٻئي کي سهارو ڏيو وڃن پيا. هاڻ فقط هڪ اڌ بينچ تي ماڻهو ويٺا آهن، ٻيا سڀ ئي بينچ خالي ٿي ويا آهن. هوا زور زور سان پئي هلي، پري پري پيل ڪکَ پن ۽ ڦاٽل ڪاغذ هوا اڏائي منهنجي بينچ هيٺان پهچائي ڇڏيا آهن. منهنجا اٽيا وار هوا ۾ اُڏامن پيا. مون پنهنجي ڪوٽ جا ٻٽڻ بند ڪري ۽ ڪالر مٿي ڪري ڇڏيا آهن، پر اهڙي سيءَ ۾ به اٿڻ تي دل نٿي چوي. هوا هاڻ ٻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رخ کان هلڻ لڳي آهي، بينچ جي هيٺان جمع ٿيل ڪکن پن، وري موٽ
کاڌي ۽ هوا وري انهن کي پٺيان ڏڪي وئي.

نو ڏهه مهينا اڳ، هڪ اهڙي ئي ٿڌي شام هئي، سچ لهڻ وارو هو.
سامهون پاڻيءَ ۾ هوا لهرون پئي پيدا ڪيون. اهو پاڻي سمنڊ جو نه هو،
سامهون گيٽ آف انڊيا نه هو، بلڪ سامهون محبت جو لافاني يادگار تاج
محل هو، ۽ اهو پاڻي جنهن کي هوا ڏڪائي رهي هئي، سو هو تاج محل جي
تلاءُ جو شيشي وانگر اڇو اُجرو پاڻي.
مون سان گڏ منهنجو دوست 'هري' هو. اسان کي تاج محل ۾ آئي چار
پنج ڪلاڪ ٿي ويا هئا، پر موٽڻ تي دل نه پئي ٿي. هري گهڻائي ڀيرا اٿڻ
تي زور ڪيو هو، پر مون اجا به ڪجھ دير ترسڻ ٿي چاهيو. هريءَ جي دل
ڀريل هئي، هو ڪيئين ڀيرا تاج محل ڏسي چڪو هو. سڀ کان وڏي ڳالھ،
تاج محل سندس ديس ۾ هو، هو ڪڏهن به ڏسي ٿي سگهيو. پر مان ائين
نٿي ڪري سگهيس، مان اڄ کان پوءِ تاج محل کي فقط خيالن ۾ يا خوابن
۾ ڏسي ٿي سگهيس، ڇو ته مان ٻئي ديس جو آهيان. اهائي ڳالھ هئي، جو
مون تاج محل کي ڇڏڻ جي نه پئي ڪئي. پر هري مون کي زوري اٿاريو،
سج ڪجھ دير ۾ لهڻ وارو هو، ۽ اسان کي رات واري گاڏيءَ ۾ دهلي موٽي
وڃڻو هو. منهنجا قدم اڳيان وڌيو پٺتي موٽيا ٿي. اهو لافاني يادگار، اها
وڻندڙ جاءِ شايد زندگيءَ ۾ وري نه ڏسي سگهان، اهو سوچي وري ڏسڻ ٿي
لڳس. اُهي آسمان سان ڳالهائيندڙ ستارا، اُهو عرش تائين پهتل قبي جو
ڪلس، اهي سَرو جا خوبصورت وڻ، موتين جيان جرڪندڙ پاڻي، پوتر جمنا
جي ٻئي ڪناري تي لهندڙ ڳاڙهو سج. انهن سڀني چڪ ٿي ڪئي ۽
منهنجا قدم بهي ٿي ويا. نيٺ دل تي پٿر رکي، فيصلو ڪيم ته هاڻ فقط
هڪ ڀيرو دل ڀري تاج محل کي ڏسي ٿو وڃان، وري نه ڏسندس، نه ته جي
ائين ئي ڏسندو رهيس، ته پوءِ دهلي وڃڻ ڇڏيو. وري تاج محل ڏانهن منهن
ڪري بيهي رهيس. نظرون تاج محل جي لسي پٿر تان ترڪيو ترڪيو پئي
ويون. هيڏانهن ڏسيو هوڏانهن پٺتي ڏٺم، پر دل ڀرجي ئي نه. اکيون کٽي بند
ڪيم، پر بند اکين به تاج محل کي چڱيءَ طرح پئي ڏٺو. لاچار تاج محل
کان منهن موڙي اڳيان وڌيس. ٻه قدم ئي مس کنيا هوندم، جو ڪنهن
ٻانهن کان جهليو، مُڙي ڏٺم ته هڪ پوڙهو بيٺو هو. آگري ۾ مونکي ڪو
سڃاڻي ڪونه، هن پوڙهي جي ٻانهن جهلڻ تي حيران ٿيس. هن کان اڳ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪائنس ڪجھ پڇان، هن منهنجي هٿ ۾ هڪ ڪئميرا جهلائيندي چيو، "ڇا اوهين ڪجھ تصويرون لاهڻ ۾ مدد ڪندا؟"

"اوهان جون؟" مون حيرانگيءَ مان پڇيو.

"نه.... منهنجي مالڪياڻيءَ جون." هن پنيان اشارو ڪندي آهستگيءَ سان چيو.

مون ڪنڌ ورائي پنيان ڏٺو، ڪاري برقعي ۾ سترهن ارڙهن سالن جي ڇوڪري ويڙهي سيڙهي بيٺي هئي. فقط سندس منهن کليل هو، ۽ اهڙو ئي اڇو هو، جهڙو تاج محل. مونکان انڪار نه ٿيو، چيم، "اڇو."

هوءَ خاموشيءَ سان منهنجي پنيان هلي آئي. سندس نوڪر هنجي پنيان هو ۽ هري پريان چپر تي ويهي رهيو. مون ڪئميرا جي رول کي ٺيڪ ڪري، نمبر تي بيهاري چيو، "ڇا برقعي سان تصوير ڪيرائيندا؟"

"ها." هن ڪنڌ جهڪائي آهستگيءَ سان جواب ڏنو.

"جيڪر.... برقعو لاهي تصويرون ڪيرايو ته تصويرون وڌيڪ سهڻيون ايندي يون."

"پر..." هو ڪجھ چوندي چوندي رڪجي وئي.

"اوهانجي مرضي،" مون جواب ڏنو. "برقعي ۾ تصوير سٺي نه ايندي آهي."

"اوهان جي ڳالھ ٺيڪ آهي، پر اسان ۾ تمام گهٽو پردو آهي، گهران نڪرڻ ئي نه ڏيندا آهن. اڄ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ائين عام جڳھ تي سيني جي سامهون نقاب ڪنيو اٿم."

"جڏهن نقاب ڪنيو اٿوَ، ته برقعو به لاهي ڇڏيو." مون مُرڪي چيو.

هنجي هٿن يڪدم برقعي کي قابو جهلي ورتو، ڇڻ مون زوري ئي سندس برقعو لاٿو. مون کلي ڏٺو، "اوهين ڊڄو نه، مان زوري اوهان جو برقعو نه لاهيندس.... شايد اوهان نوڪر کان ڊڄو پيا؟"

"نه نه، اها ڳالھ ڪانهي." هن جلديءَ سان چيو.

"ته پوءِ ڪهڙي ڳالھ آهي؟ اوهان پنهنجو منهن ته مونکي ڏيکاري ڇڏيو آهي، باقي..." مان خاموش ٿي ويس.

هن ۾ خود اعتمادي اچي وئي ۽ هن برقعو لاهي، نوڪر جي حوالي ڪري ڇڏيو، ۽ هاڻ هوءَ منهنجي سامهون بنا برقعي جي، سرو جي خوبصورت وڻ جيان بيٺي هئي. هنجو ڪنڌ جهڪي ويو، ۽ شرم وچان ڳلن تي ڳاڙهاڻ اچي وئي. مون پڇيو، "اوهان جي تصوير تاج محل سان گڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيان يا الڳ؟"
"الڳ ڇو؟ تاج محل کان سواءِ هتي تصوير ڪيرايم ته منهنجي تصوير جي اهميت ڪهڙي ٿيندي؟"
"ڇو؟ ڇا اوهين پاڻ کا اهميت نٿا رکو؟"
"تاج محل جي سامهون ته منهنجي ڪا به اهميت ڪانهي."
"ته پوءِ اوهين پليل آهيو. ڇا اوهان کي خبر ڪانهي ته تاج محل هڪ عورت لاءِ ٺهيو هو، عورت تاج محل لاءِ نه ٺهي هئي. اڄ جيڪا سونهن اوهين تاج محل ۾ ڏسو پيا، اُها فقط عورت جي ئي ڪري هن کي ملي آهي. عورت کي جيڪا سونهن خدا ڏني آهي، سا هڪ تاج محل ته ڇا، هزار تاج محل بڻائجن ته به عورت جو مَٽ نٿا ٿي سگهن."
"اوهين شاعر آهيو ڇا؟" هن مرڪي پڇيو.
"ڇو؟ مون اهڙيون خراب ڳالهيون ڪيون آهن ڇا؟" مون به مرڪندي پڇيو.
"ته ڇا شاعر خراب ڳالهيون ڪندا آهن؟"
"اها ڳالهه ڪانهي، پر مونکي شاعري نه ايندي آهي، ۽ جيڪا ڳالهه نه اچي انهيءَ جو سٺو هئڻ ڇا، خراب هئڻ ڇا."
"اوهين آهيو دلچسپ ماڻهو." هن کلندي چيو.
"اوهان جي مهرباني، هاڻ هيڏانهن ٿي بيهو ته مان اوهان جون تصويرون جلدي لاهي وٺان، روشني ته ائين به جهڪي ٿي چڪي آهي."
هوءَ ڪپڙا درست ڪري بيهي رهي، مون ڪئميرا جي شيشي ۾ ڏسندي چيو، "ٿورو ڪابي ڏانهن ٿيو، نه ته تاج محل تصوير ۾ نه ايندو." پر هو ڪابي پاسي جي بدران ساڄي پاسي ڏانهن هٽي وئي.
"هي ڇا ٿا ڪريو؟" مون چيو، "ڪابي پاسي ڏانهن ٿيو، ساڄي پاسي نه."
پر هوءَ اڃا به ساڄي پاسي هٽي وئي. مون اک تان ڪئميرا هٽائيندي چيو، "هي ڇا؟ مان چوان ڪابي پاسي ۽ اوهين ساڄي پاسي پيا هَٽو."
"مان نٿي چاهيان ته مونسان گڏ تصوير ۾ تاج محل به اچي."
"پر ڇو؟" مون اچرج ۾ پڇيو.
"انهيءَ ڪري جو تاج محل کان وڌيڪ منهنجي شخصيت اهم آهي." هن شرمائيندي چيو.
"واقعي،" مون کان رڙ نڪري وئي، "اوهان يڪدم پنهنجي اهميت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاڳي ورتي، مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. منهنجو ته اهو عقيدو آهي ته خدا جيڪي شيون خلقيون آهن، انهن جي اهميت انسان جي خلقيل شين کان وڌيڪ آهي.“

”اوهين بلڪل صحيح ٿا چئو، مونکي اوهان جا خيال ڏاڍا وڻيا. پر اوهين منهنجيون تصويرون جلدي ڪڍي وٺو، نه ته سج لهي ويندو.“

مون سندس مختلف پوز جون اٺ تصويرون ڪڍيون، ۽ چار تاج محل جون الڳ، تصويرون ڪڍي مون ڪئميرا بند ڪري سندس هٿ ۾ ڏني. هوءَ نوڪر کان برقعو وٺي پائڻ لڳي. مون چيو، ”جا هينئر برقعو پائڻ ضروري آهي. هتي اوهان ڪي ڪير سڃاڻي ڪونه، نوڪر جي سامهون اوهين برقعو لاهي چڪا آهيو.“ هن ڪلي ڏنو ۽ برقعو وري نوڪر کي ڏئي ڇڏيائين.

اسين تاج محل مان آهستي آهستي نڪرڻ لڳاسين. سج لهي چڪو هو. آسمان تي ڳاڙهاڻ سان گڏ ٿوري ٿوري اونداهه به ڦهلجي ٿي وئي. اسين ٻئي خاموش هئاسين. نوڪر پٺيان برقعو کنيو آيو پئي ۽ منهنجو دوست هري اڳيان اڳيان هلي رهيو هو. هلندي هلندي مون چيو، ”ٻڌو.“

”چئو؟“ هن مختصر جواب ڏنو.

”توهين مون سان گڏ چانهن پيئڻ پسند ڪندا؟“

هن جواب نه ڏنو.

وري چيم، ”شايد اوهين اهو پسند نٿا ڪريو ته هڪ غير ماڻهوءَ سان گڏ چانهه پيو؟“

هنجي نازڪ گلابي چپن تي مُرڪ ڦهلجي وئي. چيائين، ”غير ماڻهو.... غير ماڻهوءَ جي سامهون برقعو لاهي ٿي سگهان، ڪانئس تصويرون ڪڍرائي ٿي سگهان. ۽ هاڻ ان سان چانهه پيئڻ ناپسند ڪنديس؟ هلو پياريو چانهه.“

مون کي ائين لڳو، ڄڻ هن مون سان گڏ چانهه پيئڻ نه قبوليو آهي، بلڪ زندگي ڀر ساٿ ڏيڻ قبوليو آهي. اسين تاج محل جي ٻاهران ڪمپائونڊ ۾ ٺهيل هوٽل ۾ اچي ويٺاسين. منهنجي پرواري ڪرسيءَ تي هوءَ ويٺي، نوڪر ٻي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو، ۽ هري ساڳي ميز تي ته ويٺو، پر ڪرسي سيري اخبار ڪڍي پڙهڻ ويهي رهيو. مون ڪانئس پڇيو، ”اوهين آگري ۾ رهندا آهيو؟“

”نه، مان ڪويت ۾ رهندي آهيان. منهنجو پيءُ اتي انجنيئر آهي.“

”ته اوهين پنهنجي پيءُ سان گڏ هندستان آيا آهيو؟“

”نه“ هن جواب ڏنو، ”منهنجو پيءُ ڪويت ۾ آهي. مان پنهنجي ماءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ بمبئي آئي هيس، هينئر دهليءَ کان بمبئي ويندي، خيال آيم ته آگري لهي تاج محل به ڏسندي وڃان.“

”اوهان جي ماءُ دهلي نه وئي ڇا؟“

”نه، انهن ڏينهن ۾ هوءَ بيمار هئي. هاڻ ڪجھ ٺيڪ آهي.

بمبئي پهچندي ئي اسين ڪويت واپس هليا ويندا سين.“

”ڪويت ۾ اوهان جو ٻيو ڪير آهي؟“

”ڪويت ۾ منهنجي ماءُ- پيءُ کان سواءِ فقط مان ۽ هي پوڙهو نوڪر آهي.“

”بس ٻيو ڪو به عزيز نه اٿوَ اُتي؟“

”نه، پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ منهنجو سؤٽ، جيڪو هن وقت لنڊن ۾ آهي، سو به اچي ويندو.“

”شايد اتي نوڪري ملي هوندس.“

”نه، اها ڳالھ ڪانهي....“

”ڪهڙي ڳالھ آهي؟“ مون پڇيو.

پر هوءَ خاموشي رهي.

”ڇا راز جي ڳالھ آهي؟“

”نه...“ هوءَ شرمائجي وئي.

”ته ٻڌايو ڇو نٿا؟“

”منهنجي هن سان شادي...“ اڳتي هوءَ ڪجھ نه چئي سگھي.

”اوهان جي هن سان شادي ٿي رهي آهي؟“

هن ڳالهايو ڪونه، ڪنڌ لوڏي ’ها‘ ڪيائين.

اهو ڄاڻيندي به ته هوءَ مون سان زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو ملي آهي، اسين ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اڄ به، ۽ هميشه هميشه لاءِ به اجنبي رهنداسين، اسان جون راهون الڳ الڳ آهن، اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪوبه سٻنڌ ڪونهي ۽ نه ئي ٿيندو، پوءِ به مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. نه ڄاڻ ڇو ڪجھ دير اڳ تائين مون کي ائين پئي لڳو ته هوءَ منهنجي ئي مڱ آهي، پر هاڻ ائين محسوس ٿيم ته ڄڻ هنکي مون کان ڪنهن ڪسي ورتو آهي. مون نٿي چاهيو ته هن جي ڪنهن ٻئي سان شادي ٿئي، يا هوءَ اهڙي ڳالھ چئي. گهڙي کن رکي پڇيومانس، ”ڇا هو اوهان کي پسند آهي؟“

هن وري ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي.

”تمام گهڻو پسند اٿوَ؟“ مون بيقرار ٿيندي پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري به هن ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي.

”ڇا هو به اوهان کي تمام گهڻو پسند ڪري ٿو؟“

هن ساڳيءَ طرح جواب ڏنو.

مان خاموش ٿي ويس، هاڻ ڪنهن به سوال پڇڻ جي مون ۾ همت نه هئي. مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ هن منهنجي محبت ٺڪرائي آهي. هن مون سان دوکو ڪيو آهي. نه ڄاڻ ڇو ڪجھ وقت اڳ مون اهوئي پئي سوچيو ته هوءَ منهنجي آهي، منهنجي ڪري ئي هتي آئي آهي، هنجي محبت فقط مون لاءِ ئي آهي.

مون کي ائين خاموش ڏسي هن پڇيو، ”اوهين خاموش ڇو ٿي ويا؟“

”جي.... ائين ئي.“ مان ڇرڪيس، ڄڻ منهنجي دل جي ڳالھ جي هن کي خبر پئجي وئي هجي.

”ڇا اوهان جي شادي ٿي وئي آهي؟“ هن پڇيو.

”نه.“ مون مختصر جواب ڏنو.

”ٿيڻ واري ته هوندي؟“

”ها.“

”ڇا، اوهان پنهنجي ڪنوار ڏٺي آهي؟“

۽ انهيءَ کان اڳ جو مان ڪيس جواب ڏيان، هن ٻيو به سوال پڇيو.

”ڇا اوهان کي پنهنجي ڪنوار پسند آهي؟“

”منهنجي ماءُ کي پسند آهي.“

هوءَ خاموش ٿي وئي. شايد هن وٽ به ڳالهائڻ لاءِ ڪجھ نه رهيو هو. ڪافي دير کان پوءِ هن ڳالهايو: ”اوهين پنهنجو نالو ٻڌائيندا ۽ اهو به ته اوهين ڪٿي رهندا آهيو؟“

”مان سنڌ ۾ رهندو آهيان ۽ پارٽ ۾ پنهنجي دوست هريءَ سان ملڻ آيو هوس، پر پنهنجو نالو ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان.“

”ڇو؟“

”ڇاڪاڻ ته اوهين منهنجي لاءِ اجنبي آهيو، ۽ مان اوهان جي لاءِ اجنبي آهيان. پنهنجي ملاقات اتفاق سان ٿي آهي ۽ هاڻ اسين هن زندگيءَ ۾ شايد وري ڪڏهن به نه ملي سگهون. اوهين ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڪويت ويندا، ۽ مان موٽي پنهنجي وطن سنڌ. پاڻ ٻنهي ۾ جيڪا اجنبيت آهي، سا قائم رهڻ گهرجي، ڇو جو انهيءَ کي دور ڪرڻ سان نه اوهان کي ڪو فائدو رسندو، ۽ نه مون کي.“ مان خاموش ٿي ويس. هو اچرج مان مون کي ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، هن کي منهنجيون ڳالهيون سمجھ ۾ نہ پئي آيون.

جڏهن ڪافي دير گذرڻ کان پوءِ بہ مون نہ ڳالهايو تہ هن **خاموشي** ٽوڙيندي چيو، ”هاڻ هلڻ گهرجي.“

ڪجھ دير رکي چيم، ”اوهين ڀل هلو، منهنجيون راهون الڳ الڳ آهن. پاڻ کي اتان ئي الڳ الڳ، پنهنجي راھ تي هلڻ گهرجي.“

هوءَ حيران هئي تہ مون کي ڇا ٿي ويو آهي. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي، ۽ ڪجھ دير مون کي ڏسندي رهي، تہ شايد مان ڪيس ڪجھ چوان يا وري ساڻس گڏ هلان، پر جڏهن مايوس ٿي وئي تہ نوڪر کان برقعو وٺي پاتائين، ۽ هوٽل مان ٻاهر نڪري وئي. هوءَ آهستي آهستي اڳيان وڌندي پئي وئي. مونکي اميد هئي تہ هوءَ اڳيان وڃي ضرور پٺيان مڙي مون کي ڏسندي، پر هن مڙي نہ ڏٺو، ۽ اونداھ ۾ غائب ٿي وئي. هاڻ هوا ٿڌي ٿي وئي هئي، ۽ زور سان پئي هلي، هريءَ جي هٿ ۾ جهليل اخبار جا پنا بہ اڏامي رهيا هئا.

ڪجھ دير کان پوءِ هوا رخ مٽايو ۽ هاڻ اڳئين رخ ڏانهن هلڻ لڳي. جيڪي ڪک ۽ پن هوا پٺيان اڏائي وئي هئي، سي وري اُڏامي بينچ جي هيٺان اچي پيا.

هاٽي سيئي بينچ خالي ٿي ويون آهن، اَپالو بندر تي بتيون ٻري ويون آهن. بتين جي روشنيءَ ۾ سمنڊ جو پاڻي ميرانجهڙو پيو لڳي. سمنڊ ۾ بيٺل جهازن جون بتيون ٻرن پيون. سمنڊ ۾ پري جيڪي جبل آهن، سي اونداھ سبب هاڻ نہ پيا ڏسجن. ائين پيو لڳي تہ اڄ شام آئي ئي ڪونہ هئي. ٻن پهرن کان پوءِ يڪدم رات اچي وئي، ڪاري رات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهري پئي جنڊڙي

هاڻ اُها رات بمبئيءَ جي ڏاڍي وڻندڙ رات هئي، ٿڌڙي هوا جسم کي گهڙي گهڙي ڇُهي ٿي وئي، ۽ انهيءَ ڇهاءُ جسم ۾ نئين زندگي، تازگي ۽ آرام ٿي آڻي ڇڏيو. انهيءَ رات منهنجي هڪ دوست 'جوهري' منهنجي ماني ڪئي هئي، پر جڏهن جوهري مونکي، پنڪج، دليپ ۽ شنڪر کي گهر وٺي آيو ته خبر پئي، جوهريءَ جي پتني، طبيعت ٺيڪ نه هئڻ ڪري ماني نه ڪئي هئي. شايد جوهريءَ کي پهرين ئي انهيءَ ڳالهه جي پڪ هئي، تنهن ڪري ئي هو اسان کي مٿي پنهنجي سهڻي فليٽ ۾ نه وٺي هليو هو، بلڪ هيٺ ئي پنهنجي ننڍڙي موٽر ۾ ويهاري ويو هو. جوهري افسوس ڏيکاريو، پر مون کلي ڳالهه ٽاري ڇڏي. جوهري اسان کي پنهنجي ننڍڙي موٽر ۾ بمبئيءَ جي وڻندڙ 'هينگنگ گارڊن' ۾ وٺي آيو، ۽ کملا پارڪ واري حصي ۾ ٺهيل 'ناز هوٽل' ۾ ويهاريائين.

بمبئيءَ جي اُها رات ٻين راتين کان وڌيڪ ٿڌي هئي. رکي رکي هوا جا جهوٽا جسم کي ڏڪائي ٿي ويا. پر ٿڌڙي ۽ گلن جي مست سرهاڻ ۾ ٻُڏل هوا دل کي سڪون ۽ تازگي بخشي ٿي وئي. هيٺ چوپاٽيءَ جي ميدان تي پيل پوري وارن جي گاڏن تي رکيل پيٽروميڪس (گولا) ائين ٿي لڳا، ڄڻ ته ڪا مالها ٽُٽي پئي آهي، ۽ انهيءَ جا اڇا اُجرا موتي واريءَ ۾ ترڙي پکڙي ويا آهن. چوپاٽيءَ کان اڳيان ميرئن ڊرائيو جون سهڻيون ۽ هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ بلڊنگن جون قطارون هيون، جيڪي چوپاٽيءَ کان تمام پري 'نريمان پوائنٽ' تي اڌ گول جي شڪل ۾ ختم ٿيون ٿي. انهيءَ ساري رستي تي اڇيون، کير جهڙيون بتيون ٻه ٻه ٻريون پئي. پريان اهي اڌ گول رستي ۾ لڳل بتيون، ڪنهن نيڪليس جيئن لڳيون ٿي. ۽ ائين پئي محسوس ٿيو ته اهي بتيون نه آهن، پر ڪنهن حسينه جي ڳچيءَ جو هار آهي، ۽ اهي جرڪندڙ، چلڪندڙ هيرا آهن، جيڪي جرڪي جرڪي انهيءَ حسينه جي حُسن ۾ وڌيڪ اضافو پيا ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرئن ڊرائيو جي بتين جي روشني سمنڊ جي تيز پاڻي ۾ پئي پئي ۽ ڪناري سان ٽڪرائيندڙ لهرون ڪناري وٽ ڇلڪو ڪائي، وري اُونداهي سمنڊ ۾ گم ٿي ٿي ويون. پريان ريل جي پُل تي مؤونگ لائيٽس (Moveinglights) ۾ نوان نوان اشتهار اکرن جي شڪل ۾ اچيو هليا ٿي ويا. سيئي نظاري مان ايترو ته مزو ماڻي رهيا هئا، جو هڪ ٻئي ڪي، بلڪ پاڻ کي به وساري ويٺا هئا. پر هوا جي هڪ ٿڌڙي جهوٽي سيني کي ڏڪائي هوش ۾ آڻي ڇڏيو. دليپ پڇيو، ”ڪيئن، وٽي بمبئيءَ جي رات؟“

چيومانس، ”ها، بس اهائي هڪ رات اهڙي ٿڌي ۽ اهڙي وڻندڙ آهي، جنهن ڪن پل لاءِ حيدرآباد جي رات به وساري ڇڏي. اها خوبصورت رات. انهيءَ رات کي جيڪر مان چاهيان ته به وساري نه سگهندس.“

دليپ پنهنجو نقلي ٿهڪ ڏيندي چيو: ”پر اسين ڪيترا نه بدقسمت آهيون، جو اتي رهندي به اهڙين راتين جو مزو نه ماڻي سگهندا آهيون. جڏهن ۾ ڪو تو جهڙو خوش قسمت دوست ايندو آهي، ته انهيءَ جي صدقي اسين به ٿوري دير لاءِ پاڻ وساري انهيءَ جي خوشيءَ ۾ حصيدار بڻجي ويندا آهيون، نه ته بمبئي جي مشيني زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ايتري فرصت هوندي، جيڪو هتي اچي مزا ماڻي... شايد جوهري اهڙو خوش قسمت هجي. ڇو ته هي جواهرات جو ڪاروبار ڪندو آهي. مان ته آهيان آرڪيٽيڪٽ (Architect) سرن ۽ پٿر جو ڪم ڪندڙ. اهي باغ ۽ حسين ڏيک اسان لاءِ پيڳوان نه بڻايا آهن.“

جوهريءَ، دليپ جي طنز محسوس نه ڪئي ۽ ماني کائيندي کائيندي، ڪنڌ مٿي ڪري چيائين، ”ڀائي، مان ته ٻئي ٽئي ڏينهن پنهنجي پتنيءَ سان اتي ايندو آهيان.“ سيني رشڪ ڀري نظرن سان جوهريءَ کي ڏٺو، جيڪو اها ڳالھ ڪري وري ماني کائڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو. سيئي اجا هنکي تکي رهيا هئا، مونکي انهن جي نظرن ۾ رشڪ سان گڏ هلڪو هلڪو حسد به نظر آيو پئي. شايد انهن جي وس هجي ها ته هو جوهريءَ کان سندس خوشيون کسي، پاڻ جهڙو ڪري ڇڏين ها، جنهن روز اهڙي وڻندڙ جاءِ تي اچي مزا ٿي ماڻيا. وري خاموشي ڇانئجي وئي، سيئي ماني کائڻ ۾ مشغول هئا، ۽ شايد انهيءَ سوچ ۾ ٻه، جنهنجي ڳالھ هينئر هلي ختم ٿي چڪي هئي، پر دل اُڏما ڪائي رهي هئي.

مانيءَ کان پوءِ چانهن ۽ ڪافيءَ جو دور هليو. دليپ شنڪر ۽ پنڪج چيو، ”ڀائي اسين ته آهيون ليکڪ، اسين ڪافي پيئنداسين.“ مون ۽ جوهريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانهن گهرائي، حالانڪ اسين ٻئي ٻہ ليکڪ آهيون. نہ ڄاڻ ڇو ڪي ليکڪ، پاڻ کي، ليکڪ ظاهر ڪرڻ لاءِ اُهي روايتون دهرائيندا رهندا آهن، جيڪي ليکڪن لاءِ مشهور آهن. حالانڪ مون ڏٺو پئي تہ شنڪر ڪافيءَ کي ڏاڍي بيچان واري نظر سان ڏسي رهيو هو، ۽ جڏهن بہ هن ڪافيءَ جو ڍُڪ ٿي پريو، تہ ائين پئي لڳو، ڄڻ اجها ٿو اُلٽي اچيس. پر جڏهن مون پڇيو، ”شنڪر، ڪافي ڪيئن لڳي؟“ تہ ڇپن تي زبردستي مُرڪ آڻي چيائين، ”تمام سٺي آهي، مُوڊ بنائي ڇڏيائين. جيڪر فرصت هجي تہ هتي روز ڪافي پيئڻ اچان.“ ۽ ڪجھ دير کان پوءِ منهن بيڇڙو ڪري بچيل ڪافي بہ پي ويو.

چانهن ۽ ڪافي کان پوءِ، مونکان ۽ شنڪر کان سواءِ باقين پنهنجا سگريٽ دکايا. پهرين شعر بازي ٿي ۽ پوءِ لطيفا ٻڌايا ويا. جڏهن بہ دوستن ۾ شعربازي ٿيندي آهي، تہ مونکي پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي آهي. مون کي الله سائين سخاوت کان ڪم ونندي، ڪا ايتري ويسر بخشي ڇڏي آهي، جو ڪڏهن بہ ڪنهن جو شعر ياد نہ رکي سگهيو آهيان، ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪو لطيفو ياد رهيو اٿم. انهيءَ ڪري مون رڳو پئي انهن جا شعر ۽ لطيفا ٻڌا. شنڪر بہ ماٺ ڪيو ويٺو هو، نہ ڪنهن شعر تي داد ڏنائين ۽ نہ وري ڪنهن لطيفي کيس ريجهايو. نہ ڄاڻ هو ڪهڙي سوچ ۾ پري اونداهي سمنڊ ڏانهن نهاري رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن کي گهنج هن جي پيشانيءَ تي اُڀريا ٿي، ۽ وري سمنڊ جي لهر وانگر لهي ٿي ويا. ڪا آنڌ مانڌ هئي ضرور، جيڪا هنجي جسم ۾ هلچل مچائي رهي هئي. مون کان رهيو نہ ٿيو، نيٺ پڇي ويٺس، ”ڇو شنڪر، ڪنڊ جو جهاز ٻڏي ويو اٿئي ڇا؟“

”ڪنڊ سوڌو جهاز تہ ڪڏهن ڪو ٻڏي ويو، هاڻ تہ فقط ڪارو، ڪسارو ۽ ڪَڙو پاڻي بچي ويو آهي ڍُڪَ پرڻ لاءِ.“ دليپ جو نقلي ٽهڪ گونجيو. شنڪر جي ڇپن تي هڪ مُرڪ اُڀري ۽ غائب ٿي وئي. اهڙي زهر ڀري مرڪ مون اڳ ڪڏهن ڪنهن جي ڇپن تي نہ ڏٺي هئي. اهڙي مرڪ تہ ڪئين ڀيرا ڏٺي اٿم، جيڪا زندگي ڏيو وڃي، پر اهڙي مرڪ ڪڏهن نہ ڏٺي هئم، جيڪا ڦاڻءُ ۾ ڏنگ هڻي وڃي. شنڪر جي اُها مرڪ ڏسي مان بہ ڦٽڪي پيس. مرڪ ۾ اهڙو درد! دل ۾ ڪهڙو نہ درد هوندس. سوچيم ڪجھ نہ پڇان، پر وري خيال آيم، ڪڏهن ڪڏهن پڇڻ سان بہ درد گهٽ ٿي ويندو آهي، ڀلا پڇي ڏسان.

”شنڪر، ڪهڙو درد دل ۾ لِڪايو هلين؟ اسين بہ تہ ڏسون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"درد! ڪوبہ ڪونهي، ۽ هزارين آهن بہ، ڪهڙو ڏسي ڪهڙو ڏسندين؟"

"سيئي. مان جيڪر تنهنجي ڪا مدد ڪري نہ سگهيس، تہ تنهنجي درد ۾ شريڪ تہ ٿيندس." شنڪر جي چپن تي وري مرڪ آئي، پر اها زهر پيري نہ، بلڪ ڦڪي مرڪ هئي.

"هنجو دماغ خراب ٿيو آهي." جويريءَ چيو.

"ڇو؟" مون حيرانيءَ ۾ پڇيو.

"ڇگني موچاري زال گهر ۾ ويٺي آهي ۽ پاڻ ٿي ويو عشق ڪمائڻ."

مون کي اها خبر هئي تہ شنڪر کي پنهنجي زال سان محبت ڪانهي. مون کي اها ڳالهہ هن خطن ۾، سنڌ ۾ بہ لکي هئي. مون سوچيو هو شنڪر جي زال شڪل جي سهڻي نہ هوندي يا وري بدلڇڻي هوندي. جيڪڏهن اِهي بہ ڳالهيون نہ هجن تہ شايد نافرمان هجي. پر جڏهن مان بمبئي ويس، ۽ شنڪر جي زال سان مليس تہ مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو. شنڪر جي زال نہ فقط شڪل جي سٺي هئي، بلڪ تمام گهڻي محبت واري، سلڇڻي ۽ مڙس جي فرمانبردار هئي. هن وٽ اهڙي ئي نرم دل هئي جهڙي ڪنهن عورت وٽ. شنڪر جي زال لاءِ تصور ۾ مون جيڪو سوچيو هو، هوءَ انهيءَ جي بلڪل اُبتڙ نڪتي. سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ آخر ڇو شنڪر کي پنهنجي زال نٿي وڻي. هڪڙي ڏينهن اپالو بندر تي گيٽ آف انڊيا جي سامهون بينچ تي ويٺا هئاسين تہ شنڪر کان پڇيم، "شنڪر تنهنجي زال سان نہ پوندي آهي نہ؟"

"تون ٺيڪ ٿو چوين." شنڪر مختصر جواب ڏنو.

"پر ڇو؟ تنهنجي زال تہ شڪل جي سٺي آهي."

"تون پليل آهين. ڇا پيار ڪرڻ لاءِ فقط سونهن ئي ڪافي آهي. نہ اَدل، محبت کي سونهن جي گهرج نہ آهي. محبت ڪجهہ ٻيو بہ چاهي ٿي، جيڪو مون کي هن وٽان نہ ملي سگهيو آهي."

شايد شنڪر سچ ٿي چيو، عورت جو خوبصورت، سلڇڻي ۽ فرمانبردار هئڻ بہ مرد لاءِ گهٽ هجي. پر انهيءَ ڳالهہ تي مون کي پورو وشواس بہ ڪونہ ٿي آيو ۽ اچي بہ ڪيئن، مون ڪنهن سان محبت نہ ڪئي آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ مون کي ڪنهن سان محبت ٿي ئي ڪانهي.

جويريءَ کي جواب ڏيندي چيم، "شنڪر جي زال سان نہ پوندي آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شنڪر وٽ انهيءَ جو ڪو ته سبب هوندو.“

”ڪهڙو؟“ هن شنڪر ڏانهن منهن ڪري پڇيو.

پر جواب مون ڏنو، ”اهو شنڪر جو ذاتي مسئلو آهي، پاڻ کي نه پڇڻ گهرجي.“

”مان تو ٻڌايان.“ دليپ چيو. ۽ پوءِ هو رومانوي ڪهاڻيءَ وانگر قصو ٻڌائڻ لڳو: ”شنڪر جي پتنيءَ سان شروع کان ئي نه پوندي آهي، ڇو جو جڏهن شنڪر جي شادي ٿي، انهيءَ وقت شنڪر کي خبر به نه هئي ته شادي ڇا ٿيندي آهي. ۽ جڏهن خبر پيس تڏهن شادي ٿيئي اَٺ ڏهه سال گذري چڪا هئا. شادي ٿيڻ وقت جيڪا خوشي مرد کي ٿيندي آهي، شنڪر کي اُها خوشي نصيب ئي نه ٿي، انهيءَ ڪري هن پتنيءَ کي پتني سمجهيوئي ڪونه. پر پتنيءَ سان نفرت انهيءَ وقت زور ورتو، جڏهن ڪجھ سال اڳ شنڪر اجمير پنهنجي ناناڻي ويو هو. اُتي شنڪر جي ملاقات ٻاهران آيل ’ريکا‘ سان ٿي هئي. ريکا کي ڏسي شنڪر جي دل پڪاري اُٿي، ’ها، اهائي ته اُها ڇوڪري آهي، جنهن جي مون کي تلاش هئي. اها اُهائي ته آهي، جيڪا منهنجي سپنن ۾ ايندي آهي. منهنجي ڪنوار ته انهيءَ کي ٿيڻ گهرجي ها.‘ پر ريکا شنڪر جي ڪنوار نٿي ٿي سگهي. هو هڪ ٻئي جي تمام گهڻو ويجهو اچي ويا، شام جو ڍنڍ جي ڪناري تي ريکا سان گڏ هلندي وقت شنڪر پاڻ کي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ خوش قسمت انسان سمجهندو هو. پر جڏهن ريکا کي خبر پئي ته شنڪر پرڻيل آهي، ته هن جون خوشيون موتي ويون، ۽ انهيءَ سان گڏ ريکا به موٽي وئي، ڇاڪاڻ ته هنجا ڪاليج کلي ويا هئا، ۽ وري ريکا سان ملڻ شنڪر لاءِ ناممڪن ٿي پيو. اها آهي شنڪر جي ڪهاڻي، جنهن شنڪر کان سندس سک ۽ چين ڦري ورتو. پر اها نئين ڪهاڻي ڪانهي، اسان وٽ اهڙيون ڪهاڻيون سوين، هزارين بلڪ لکين آهن.“

دليپ ڳالھ ختم ڪري سگريٽ دکايو. مون شنڪر ڏانهن ڏٺو، شنڪر اڃا به اُونداهي سمنڊ ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڄڻ ته هن دليپ جي ڳالھ ٻڌي ئي ڪانهي. پر مون ڏٺو پئي ته شنڪر جي اکين ۾ پاڻي لهر کائي رهيو هو.

ڪجھ دير خاموشي رهي، ڄڻ سڀئي شنڪر جي ڏک ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ ڪجھ دير ماٺ ٿيا. دليپ ڏنگيندڙ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي مون کان پڇيو، ”تون اڃان هندستان ۾ گهڻو وقت آهين؟“

”مان ٻارهين تاريخ سنڌ موٽي ويندس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي يا نہ، پر منھنجي دل چاھيو ٿي تہ دليپ جي شادي ھن پيري ضرور ٿي وڃڻ گھرجي. مون ڏٺو پئي، دليپ انھن ڏينھن ۾ ڏاڍو خوش ھو. ھن جي نقلي ٿھڪن سان گڏ اصلي ٿھڪ بہ ٻڌڻ ۾ آيا پئي. ھو پنھنجي محبوبہ کي اسان جي سامھون صاحبزادي [صاحب جي ڌيءُ] چوندو ھو ۽ جڏھن بہ انھيءَ جو ذڪر ايندو ھو تہ مڙس نري پوندو ھو. دليپ وٽ انھن ڏينھن ۾ ھر وقت صاحبزاديءَ جي ڳالھ ھوندي ھئي. ھڪ پيري ھڪ دوست ماڏوءَ جي دعوت تي ڪانديولي ويس پئي، دليپ کي بہ ھلڻ لاءِ چيم. چيائين، "تون چئين نہ ھلان، ائين ڪڏھن بہ نہ ٿئي ھا، پر اڄ صاحبزاديءَ سان چوپاٽيءَ تي پروگرام آھي، پھرين بہ ٽي- چار پيرا صاحبزاديءَ مون کي چيو ھو، پر مان نہ پھچي سگھيس. اڄ جيڪر نہ پھچندس تہ ھوءَ ڏاڍي ناراض ٿيندي."

مون ڪنھن کي ناراض ڪرڻ نٿي چاھيو. سو بہ ھن کي، جيڪو پنھنجي محبوب جي انتظار ۾ ھجي. اھڙو پاپ ڪيئن ڪريان ھا.

مان دليپ جي شاديءَ ڪري ڪجھ ڏينھن بمبئي ۾ رھي پيس. پر دليپ انھيءَ رات کان پوءِ گڏيو ئي نہ. جنھن کان ڪٿي پڇان، "دليپ جي شادي تہ ٿي رھي آھي نہ؟" تہ اُھو پاڻ بہ سوال تي ٻنجي پيو. دليپ مليو. اُوٺھين تاريخ جي صبح جو، آفيس پئي ويو جو رستي ۾ ملاقات ٿي وئي، پڇيومانس تہ "اڄ تہ تنھنجي شادي آھي نہ؟"

کلي چيائين، "اڙي،... ھا، اڄ تہ منھنجي شادي ٿيڻي ھئي، پر مون کي تہ اھا ڳالھ وسري وئي ھئي. مون کي معاف ڪجانءِ، جو توکي ترسائڻ جي باوجود بہ شادي اڄوڪي ڏينھن تي نہ ٿي سگھي، دراصل منھنجي صاحبزاديءَ جو صاحب، يعني پتا ٻاھر ويل آھي، ھن جي اچڻ کان پوءِ شادي ٿيندي. ھاڻ اڳئين مھيني جي چوويھن تاريخ تي شادي آھي... تون تيستائين ترسندين نہ؟"

"جيڪر ھاڻ تنھنجي شادي ٻن ڏينھن کان پوءِ ٿئي، تہ بہ مان نہ ترسندس. جھاز سياٽي وڃڻو آھي، مان انھيءَ ۾ وڃي رھيو آھيان. تون وڏو ٺڳ آھين. تنھنجي زبان ۽ تنھنجي شادي تي ڪھڙو پروسو."

دليپ ھڪ وڏو نقلي ٿھڪ ڏنو ۽ چيائين، "مان ٺڳ ضرور آھيان، پر وڏو نہ."

مان ٻئي ڏينھن سنڌ موٽي آيس. پارت مان خط ايندا رھيا سيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن جا. پر دليپ جو خط نہ آيو. مان بہ انهن ڏينهن ۾ گهڻو مصروف هوس، ڪيس خط نہ لکي سگهيس. هڪ ڏينهن شنڪر جو خط آيو، سارو خط غيرضروري ڳالهين سان ڀريل هو. هيٺ 'قلم تازو' ۾ لکيو هئين، 'ڪلهہ چوويهين تاريخ هئي. دليپ جي صاحبزاديءَ جي شادي ٿي وئي. پر دليپ سان نہ ڪنهن ڀئي سان. نہ ڄاڻ ڇو!'

مون ڪي اهو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇڻ منهنجي محبوبہ ڪسجي وئي هجي. دليپ جو خيال آيم، سندس چيل ڳالهہ بہ ياد پيم.... 'اها نئين ڪهاڻي ڪانهي، اسان وٽ اهڙيون ڪهاڻيون سوين، هزارين بلڪ لکين آهين.'

انهيءَ ڏينهن جڏهن ناز هوٽل جي وڻندڙ ماحول مان اٿيا هئاسين، تہ شنڪر ڏاڍو اُداس هو، پنڪج جو پتو ئي ٿي پيو، جوهريءَ جي اُداس ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو، دليپ تمام گهڻو خوش هو، ۽ منهنجي بہ شادي ٿيڻ واري هئي. اج سوچيان پيو: 'شنڪر اُداس آهي، دليپ بہ اُداس هوندو، منهنجي شادي ٿي وئي، پر مان بہ اُداس آهيان، ڪجهہ پائي بہ ائين ٿو لڳي تہ ڇڻ ڪجهہ وڃائي ويٺو آهيان. تہ پوءِ ڪير خوش هوندو؟.... جوهري- جيڪو جواهرات جو ڪاروبار ڪندو آهي- يا ڪوئي ٻيو ئي- نہ ڄاڻ ڪير؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سونهن - پٿر ۽ پيار

## سونهن

”تو هي ٻانهن ڀڳل بُت، هتي ميز تي ڇو ڪٽي سينگاريو آهي؟“

”اڙي صنوبر تو هي ڇا چيو. تون هن کي ڄاڻين ته ڏس، هي آهي ڪير. هن بت لاءِ، اهڙا ڪُهرا ۽ اٽوٽندڙ لفظ پنهنجي منڙي زبان مان نه ڪڍ.“

”ڏاڍو ڦـو وٺي اِهو بت. اَهڙو اُگهاڙو بت گهر ۾ رکيو اٿئي، ماسي ٿي ڪاوڙجي؟“

”وري به اياڻي ڳالهه ڪئي تو. هن کي اُگهاڙپ نه سمجهه. اهو ته آرٽ آهي، لاجواب آرٽ. آرٽ جي پَرک ته امي کي به آهي. خبر اٿئي اهو بت ڪنهن جو آهي.“

”مون کي ڪهڙي خبر. مون وٽ اهڙا اگهاڙا آرٽ ڪونهن،“ صنوبر مرڪندي چيو، ”چڱو تون ئي ٻڌاءِ.“

”هي وينس Venus جو بت آهي، جيڪا سونهن ۽ پيار جي ديوي آهي.“

”ته ڇا اِهو بت پوڄڻ لاءِ رکيو اٿئي؟“ صنوبر جي چپن تي شرارتي مرڪ ڦهلجي ويئي.

”سونهن ۽ پيار، اِهي ٻئي شيون پوڄڻ جون ئي ته آهن. ڪير آهي، جيڪو سونهن ۽ پيار کي نٿو پوڄي. ڇا تون پيار نٿي ڪرين؟ پيار ڪرڻ به ته هڪ پوڄا ئي آهي. تون به ته ڪنهن کي پوڄين ٿي نه؟“

صنوبر شرمائجي ويئي. ڪنڌ جُهڪائي، پنهنجن ڪارن ريشمي وارن کي آڱر تي ويڙهي چيائين، ”پوڄڻو اٿئي ته ڪو سچو بت وٺين ها. هي اُگهاڙو ۽ ٻانهن ڀڳل بت وٺڻ جو مطلب؟“

”ٻڌايم ته هي سونهن ۽ پيار جي ديوي وينس جو بُت آهي. قديم يوناني مذهب ۾ وينس کي سونهن ۽ پيار جي ديويءَ جو رتبو حاصل آهي، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو به عقيدو آهي ته وينس ئي سونهن جي ديوي آهي. اهو بت وينس جو آهي، ۽ وينس جي بت کي دنيا ۾ آرٽ جو شاهڪار ڇيو وڃي ٿو. تون هن کي چتائي ڏس، هيءَ سونهن جي انتها آهي، اتي سونهن ختم ٿئي ٿي، ۽ حقيقت اها آهي ته هيءَ تون آهين.“

”ڇا پيو چئين، برابري ڪيئي ته هن اگهاڙي بت سان.“ هن شرمائيندي چيو.

”هن جي اُگهاڙپ کي نه ڏس صنوبر، هن جي سونهن کي ڏس. هن کي جانچي ڏس، هيءَ تون آهين. مان هڪان تان ڪجهه ٻيو ئي ونڻ ويو هوس، پر هن بت کي ڏسي، پاڻ به بت بڻجي پيس. هن جي، ۽ تنهنجي شڪل ۾ ڪيتري گهڻي مشابهت آهي. فرق فقط اهو آهي ته هاڻ هي فقط هڪڙو پٿر جو بت آهي، ۽ تون حقيقت.“

”ڇا سچ پچ وينس سونهن ۽ پيار جي ديوي هئي؟“ صنوبر معصوميت سان پڇيو.

”ها، مون کي انهيءَ تي يقين آهي. تون سندس بت کي ڏس، هيءَ ڪيڏي نه حسين آهي، ۽ سندس منهن مان ڪيئن نه پيو پيار بکي. اڄ کان هزارين سال اڳ، جڏهن آسمان تي، اولمپس (Olympus) ۾ ديوتا ۽ ديويون رهنديون هيون، وينس به اُتي پيدا ٿي، وينس زيوس ديوتا (Zeus) جي ڌيءَ هئي. زيوس سڀني کان وڏو ديوتا هو، ڪيس آسمان جو خدا چئبو هو، ۽ سڀني کان وڌيڪ اختيارات انهيءَ کي هئا.

”پر ڪن قصن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته زيوس ديوتا هيوج (Huge) سمنڊ جي ڪناري تان لهرن ۾ لڙهندڙ وينس کي کنيو هو. سڀني اولمپين (Olympians) ديوتائن جي اها خواهش هئي ته وينس کين ملي، پر زيوس، وينس، ولڪن (Vulcan) ديوتا کي ڏني. وينس جو پٽ ڪيوپڊ (Cupid) جنهن کي ايروز (Eros) به چوندا آهن، اُهو عشق جو ديوتا هو. هن کي ماٿس هڪ تير ڪمان ڏنو هو، جنهن کي هو ڪڏهن ڪم آڻيندو هو. هن وٽ جيڪي تير هئا، انهن مان ڪجهه تير سونا هئا، اهي جن کي لڳندا هئا، انهن جي دل ۾ عشق جي باهه ٻري پوندي هئي، ۽ انهن جون آرزوئون پوريون ٿينديون هيون، ۽ ٻيا تير انهيءَ جي اُبتڙ هئا، اُهي تير جن کي لڳندا هئا، انهن جي محبت ناڪام ٿيندي هئي. هڪ ڀيري ڪيوپڊ جو ڇوڙيل سونو تير ماٿس جي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳو ۽ هوءَ ايڊانز (Adonis) ديوتا جي محبت ۾ گرفتار ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"صنوبر، توکي انهن ڳالهين سان دلچسپي نہ آهي، يا مان ائين ئي وينو متو هڻان؟"

"تون ٻڌاءِ، مون کي اهي ڳالهيون ڏاڍيون عجيب پيون لڳن."

"هاڻ وينس ديوي هڪڙو ستارو بڻجي آسمان ۾ چمڪندي آهي. وينس کي گهڻا ايفروڊيٽي (Aphrodite) بہ چوندا آهن. وينس سونهن جي ديوي هئي، پر ڪيس پيار جي ديويءَ جو رتبو تڏهن مليو، جڏهن اولمپس ۾، سمنڊ جي ڪناري تي وينس سير ڪري رهي هئي، انهيءَ وقت وينس پوري سينگار سان هئي، ۽ بي انتها حسين پئي لڳي. انهيءَ وقت اتي جي سيني ديوتائن وينس کي پنهنجي محبوبہ چونڊيو ۽ صنو.... مون توکي پنهنجي محبوبہ چونڊيو آهي. وينس وانگر تون بہ حسين آهين، ديوتائن وانگر، مون کي تو سان پيار آهي. منهنجي وينس تون ئي آهين."

"پر هن جون ٻانهون پڳل آهن، ۽ منهنجيون ٻانهون سڄيون آهن."

صنوبر ٽلندي چيو.

"صنوبر، ٻانهون تنهنجيون بہ پڳل آهن، پيار دنيا ۾ ابد کان مجبور رهيو آهي ۽ ازل تائين مجبور رهندو. سونهن کي سدائين قيد ۾ رکيو ويو آهي، ۽ سدائين سونهن قيد ۾ رهندي. جيئن هي بت هاڻ مجبور آهي، هن جي وس ۾ ڪجھ ڪونهي، ائين تون بہ مجبور آهين، تنهنجي وس ۾ بہ ڪجھ ڪونهي. پيار جي رستي ۾ سدائين پٿر ايندو آهي. تنهنجي منهنجي پيار جي رستي ۾ بہ تہ پٿر آيو آهي. ڇا تون پنهنجي مرضيءَ سان ڪجھ ڪري سگهين ٿي."

صنوبر خاموشيءَ سان بُت جي پرسان ويهي رهي. هن جي مرڪندڙ چهري تي گنڀيرتا ۽ ڏک ڇانئجي ويو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. وينس جي بُتَ پرسان وينل صنوبر پاڻ بہ وينس پئي لڳي. مان بہ هن جي پرسان ويهي رهيس ۽ سندس مُنهن کي پنهنجي هٿ سان مٿي ڪري آهستي سان پڇيومانس، "ڇا پئي سوچين؟"

"ڪجھ بہ نہ." صنوبر جي اندر جي اونهائيءَ مان ڏک ۾ ٻڏل آواز آيو.

"مان ڄاڻان ٿو صنوبر، تون پنهنجي بي وسيءَ ۽ ويچارگيءَ تي سوچين پئي."

"نہ سوچ صنوبر، نہ سوچ. پيار تان پهرو ڪڏهن تہ لهندو. جيڪر نہ بہ لٿو تہ ڇا ٿي پيو. تون ۽ مان سدائين ڪان هڪ آهيون، ۽ سدائين هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهنداسين. پنهنجو پيار، پنهنجي دل، پنهنجو روح هڪ آهي. جيڪر جسم گڏجي هڪ نه ٿيا، ته ڇا ٿيو."

صنوبر جي چهري تي بي پناه ڏک ڇانئجي ويو، هن ڏڪندڙ لهجي ۾ چيو، "سعيد، جڏهن مان اهو سوچيان ٿي ته مان تنهنجي آهيان، منهنجو پيار، منهنجي دل تنهنجي آهي، پر تنهن هوندي به مان توکي، تون مون کي حاصل نٿو ڪري سگهين، ته منهنجو هانءُ ڏرجي ٿو پئي، منهنجو روح ڦٿڪيو پوي."

"صنوبر تون پليل آهين. تون منهنجي آهين ۽ مون کي حاصل آهين. ڪير ٿو چوي ته مان توکي حاصل نه ڪري سگهيو آهيان. دل کي جيئڻ وڏي ڳالهه آهي، ۽ تنهنجي دل ۾ فقط مان آهيان. اهو صحيح آهي ته پيار فقط روح سان نه ٿيندو آهي، سُونهن، جسم، جذباتَ، احساسات ۽ سڀ ڪان وڌيڪ محبوب جي ويجهڙائي، پيار لاءِ ضروري آهي. مان ۽ تون چاٽون ٿا ته پنهنجي دل، پنهنجو پيار، پنهنجا جذبا ۽ احساس فقط هڪٻئي لاءِ آهن."

"صنوبر، پاڻ هڪٻئي جي دلين جي ويجهو آهيون. جسم جي ويجهو نه ٿياسين ته ڇا ٿيو. منهنجي لاءِ اُهو آسروئي منهنجي زندگي آهي ته تون منهنجي ۽ فقط منهنجي آهين. پيار فقط ظاهري سونهن سان نه ٿيندو آهي. ڪا اڻچاتل ۽ اڻڏٺل شيءِ به پيار جو سبب بڻبي آهي، جيڪا فقط محسوس ڪري سگهجي ٿي، ڏسي نٿي سگهجي. جنهن جو تعلق فقط جسم سان، ظاهري سونهن سان رهيو، اهو پيار نه، هوس آهي. ۽ مان هوس جو پوڄاري نه، سونهن جو پوڄاري آهيان."

"تون منهنجي آهين. ڇاٽان ٿو تون قيد ۾ آهين، تو تي پابنديون آهن، پر اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي، پيار تي هميشه پهرو لڳو آهي. تنهنجا وڏا ظالم، سنگدل ۽ بي رحم آهن. اُهي پنهنجيون خوشيون زوري به حاصل ڪري وٺن ٿا، پنهنجيون جائز ۽ ناجائز خواهشون پوريون ڪن ٿا. پر پنهنجي ڪوڙي عزت، هٺرادو نااهيل بندن، نلهي ناموس خاطر پنهنجي ڌين ۽ ڀينڻ جون خوشيون، سندن پيار، انهن جي وفا ۽ جفا کي قربان ڪيو ڇڏين. اُهي پنهنجون خوشيون پوريون ڪرڻ لاءِ، جيترين عورتن جي عزت وٺڻ چاهين وٺيو ڇڏين، پر پنهنجي در تي اهڙو ڪوبه مرد ڏسڻ پسند نٿا ڪن، جيڪو سندن ڌيءَ يا ڀيڻ لاءِ خوشيون کڻي آيو هجي. اها انهن جي بيعزتي آهي، ته نانءِ انهن جي در تي اچي."

"پر صنوبر، ياد رک، مان اِها قيد جي ديوار ضرور ٽوڙيندس. مون کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي پاءُ سان مقابلو ڪرڻو ئي پوندو، پوءِ پل مان تباه ٿي وڃان. پر توکي، تو جهڙين کي پتين جي پيڙ مان ضرور ڪڍندس. ٿي سگهي ٿو مان توکي حاصل نہ ڪري سگهان. پر پيار- اڳتي هلي ڪنهن ٻئي جو پيار تہ پنهنجي پيار کي حاصل ڪري وٺندو. ۽ اها منهنجي پيار جي جيت آهي. ائين بہ دنيا ۾ پيار ايتري تہ هار کاڌي آهي، جو هاڻ پيار جي هار بہ پيار جي جيت آهي."

مان خاموش ٿيس تہ صنوبر چيو،

"تون سمجهين پيو تہ ڇا پيو ڳالهائين؟"

"مون هينئر جيڪو بہ ڪجھ چيو آهي، سوچي سمجهي چيو آهي. اهو ڪم ڏکيو ضرور آهي. پر ناممڪن ڪونهي. منهنجي پيار جي راه ۾ آيل جيڪا بہ آڏ آهي، مان انهيءَ کي ضرور هٽائيندس."

"اهي سڀئي فقط چوڻ جون ڳالهيون آهن، منهنجي پاءُ اڳيان توکي ڳالهائڻ جي همٿ نہ ٿيندي ۽ نہ ئي منهنجي پاءُ جهڙا پائر اهڙي ڪا ڳالھ ٻڌندا آهن."

"ڇو؟" مون پڇيو.

"انهيءَ ڪري تہ هنجي ٿلهي وڏائي، ٿلهو غرور انهن جي اکين تي انڌ جا پڙدا چاڙهيو ڇڏي."

مان ڪجھ دير تہ ماٺ ٿي ويس، پوءِ چيم، "اهو سچ آهي، پر مون کي اهي انڌ جا پڙدا لاهڻا پوندا."

"اهو ممڪن ئي نہ، بلڪ ناممڪن آهي." صنوبر چيو.

صنوبر جو اهو جواب مون کي نہ وڻيو، مان خاموش ٿي ويس.

صنوبر منهنجي پرسان آئي، منهنجي ڪُلهي تي مٿو رکي چيائين، "خير ڇڏ انهن ڳالهين کي. تون ڇا ڪندين، ڇا نہ ڪندين سو پاڻهي ئي وقت ٻڌائيندو. پر اهو ٻڌاءِ، اڄ تون فلم ڏيکاريندين نہ؟ تو چيو هو."

"ضرور ڏيکاريندس. پر ڊپ اهو اٿم تہ امي ۽ ماسي هلڻ لاءِ نہ تيار ٿي پون. جيڪر اهي هليون تہ پوءِ خاڪ مزو ايندو."

"اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي. ماسيءَ صبح جو امان کي چيو هو تہ، تون بہ وڃي فلم ڏسي اچ، توکي فلم ڏٺي پندرهن سورنهن سال ٿي ويا آهن، ۽ آءٌ سمجهان ٿي تہ امان ضرور هلندي."

"خدا ڪري نہ هلي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجيءَ يا وري صنوبر جي دعا قبول پئي، رات جو فلم ۾ هلڻ کان ڪجھ دير اڳ ماسيءَ جي طبيعت خراب ٿي پئي، انهيءَ ڪري هن فلم ۾ هلڻ کان انڪار ڪيو. پر صنوبر کي اجازت ملي ويئي. ۽ اها اجازت به اميءَ ماسيءَ کان ڏاڍي مشڪل سان وٺي ڏني. صنوبر جو پاءُ پردي جو تمام سخت آهي. اسان جي گهر، ڳوٺان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ايندا آهن. سڀي گاڏيءَ کي پردا ٻڌل هوندا آهن، ۽ گاڏي هلائيندو به صنوبر جو پاءُ پاڻ آهي، ته جيئن سندن زالن کي ڪو مرد برقعن ۾ به نه ڏسي، نه سندن آواز ٻڌي ۽ ويجهو وڃي.

اُهي مرد، جيڪي ٻاهر هر قسم جو عيش ڪندا آهن، پر پنهنجي عورتن کي سٺن پردن ۾ ويهاريندا آهن، مون کي انهن کان سخت نفرت آهي. مون کي يقين آهي ته اهي پنهنجين زالن کي فقط انهيءَ ڪري ڪوٺن ۾ قابو رکندا آهن، جو اهڙا ماڻهو تمام شڪي هوندا آهن. انهن وٽ ٻين عورتن جي عزت محفوظ نه هوندي آهي. اهي هر پرائي عورت سان پاسو گرمائڻ چاهين ٿا. انهيءَ ڪري انهن کي اهو ڊپ هوندو آهي، اندر ۾ چور هوندو اٿن ته متان ڪو انهن جي عورتن سان به اهڙو سلوڪ ڪري، يا اهڙيءَ نظر سان ڏسي، جنهن نظر سان اُهي ٻين عورتن کي ڏسندا آهن.

صنوبر وارن جي گهر ۾ نئين چوڪرو به نه ايندو آهي، ۽ نه ڪنهن مائٽ کي گهر ۾ اچڻ جي اجازت آهي، پوءِ ڀل اهو ڪيترو به ويجهو مائٽ هجي. فقط مان ئي اهڙو خوش قسمت آهيان، جنهن کي انهن جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ جي اجازت آهي، ۽ گهر جون سيئي عورتون منهنجي مُنهن پونديون آهن. مون تي به شايد صنوبر جو پاءُ اعتراض ڪري ها، پر منهنجو ماسڙ پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي مون تان اها پابندي هٽائي ويو هو. ۽ اهي وڏ گهراڻا اُهي ئي ڪم ڪندا آهن، جيڪي ڪم سندن وڏا ڪري ويندا آهن. ڀل وڏن غلط ڪم ڪيو هجي يا صحيح.

انهيءَ ڪري ڪجھ حيل حجت کان پوءِ ماسيءَ صنوبر کي فلم ۾ وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. اهو پهريون موقعو هو، جو صنوبر فلم ٿي ڏٺي، ۽ اهو به حسن اتفاق هو، جو صنوبر مون سان ڪجھ ڪلاڪن لاءِ اڪيلي هلي رهي هئي. مان انهيءَ وقت ڪيترو خوش هوس، انهيءَ لاءِ لفظ ڪونه ٿا ملن. بس اهو چوندس ته انهيءَ کان اڳ ايترو خوش ڪڏهن به نه ٿيو هوس. صنوبر به ڏاڍي خوشي هئي، ڪيس به فلم کان وڌيڪ مون سان گڏ ڪجھ ڪلاڪ گذارڻ جي خواهش هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙا مٽائڻ ويس. صنوبر بہ ٻئي ڪمري ۾ وئي. مان ڪپڙا مٽائي ٻاهر اچي پنهنجي کٽ تي سُتس، پر صنوبر گهڻو وقت گذرڻ کان پوءِ بہ ٻاهر نہ نڪتي. مان اُٿي ويٺس، هيڏانهن هوڏانهن نهاريم، پر سڀئي سُتل هئا، مان ٻنان جتيءَ جي پير پير ۾ ڏيندو صنوبر واري ڪمري ۾ ويس. پر اُونده سبب صنوبر نظر نہ پئي آئي. اکيون ڦاڙي هر طرف ڏٺم، پر وري بہ نظر نہ آئي. ڪجھ دير ڪان پوءِ محسوس ڪيم تہ صنوبر اندر روئي رهي آهي، ڇو تہ ڪنهن ڪنهن وقت سندس سڏڪن جو هلڪو آواز اُڀريو ٿي. مون آهستي سان سڏ ڪيو، "صنو.... او صنو." پر جواب نہ مليم. البت سڏڪن جو آواز ڪجھ وڌي ويو. مان آواز جي سهاري، اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيندو وڌيس. نيٺ هٿ صنوبر جي جسم سان ٽڪرايا. صنوبر پلنگ تي گوڏن ۾ مٿو ڏيو رُني ويٺي. مون صنوبر جي ڪاڌيءَ کي هٿ سان زور ڏئي، منهن مٿي ڪيومانس. "ڇو صنوبر، روئين ڇو پئي؟"

پر جواب نہ مليو. سڏڪا وڌيڪ تيز ٿي ويا. "نہ روءِ صنو....نہ روءِ. مان ڪنهن بہ عورت جو روئڻ ڏسي نہ سگهندو آهيان. ۽ تنهنجو روئڻ تہ دل چيري پيو.... ڳالھ ڪهڙي آهي.... مونکي بہ تہ ٻڌاءِ؟"

پر صنوبر وري بہ جواب نہ ڏنو.

"صنوبر توکي منهنجو قسم آهي، نہ روءِ. ٻڌاءِ ڳالھ ڪهڙي آهي؟"

صنوبر جو روئڻ مس مس بند ٿيو. هن مٿو منهنجي ڪڇ ۾ رکي ڇڏيو ۽ آهستي آهستي چوڻ لڳي، "سعيد، ڇا توکي وسري ويو، اڄ آخري رات آهي. سڀاڻي اسين ڳوٺ موٽي ويندا سين. وري ڪڏهن اچڻ ٿيندو؟ انهيءَ جي خبر نہ مون کي آهي نہ توکي آهي." صنوبر وري روئڻ لڳي. سندس اکين مان نڪتل گرم گرم ڳوڙها، منهنجي ڪپڙن ۾ جذب ٿي رهيا هئا.

مون سندس ڳوڙها پنهنجي هٿن سان اگهندي چيو، "مان ڄاڻان ٿو، تون سڀاڻي وڃڻ پئي. پر تون سدائين لاءِ تہ نہ پئي وڃين، وري بہ تہ ايندينءَ نہ تہ مان اچي سگهان ٿو. دل ڇو ٿي لاهين."

"تون اسان جي گهر اچي تہ سگهين ٿو، پر اُتي مان تو سان ٻن اکرن کان وڌيڪ ڳالهائي بہ نہ سگهنديس؟ ۽ ڇا تون اندازو لڳائي سگهندين تہ اوڏيءَ مهل مون کي ڪيڏو ڏک ٿيندو هوندو، جڏهن توهين مون سان، مان توسان دل جي ڳالھ بہ نہ ڪري سگهندا سين."

"صنوبر، هن پيري تون روئندي نہ، کلندي وڃ، مان پنهنجي پيار کي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ضرور حاصل ڪري وٺندس.“

صنوبر پنهنجو مٿو منهنجي ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو، مون پنهنجيون ٻانهون هنجي چيله ۾ وجهي هن کي ڇڪي ڪٽي پاڻ سان لاتو. ”صنو- او صنو. مون کي نه ڄاڻ ڇا پيو ٿئي، مون کي ائين پيو لڳي ته منهنجو سارو جسم باھ ۾ جلي پيو، ۽ جلي جلي رک ٿي پوندو.“

صنوبر ڪو به جواب نه ڏنو، هن پنهنجون ٻانهون منهنجي ڪنڌ ۾ وجهي ڇڏيون ۽ ٻنهين ڇپ ٻانهن جو گهيرو تنگ ٿيندو ويو. ائين پيو ڇاهيان ته صنوبر کي ايترو زور ڏيان، جو سندس هڏ هڏ تڙڪي پوي ۽ نس نس ڇڃي ڌار ٿي وڃي. هوءَ مون سان ائين ڇُهٽيل هئي ڄڻ اسين ٻه نه، هڪ ئي جسم آهيون. مون پنهنجا ٻرندڙ چپ هنجي بند اکين تي رکي ڇڏيا. چپ ترڪي هن جي ڳلن تان ٿيندا، هن جي ٿانڊن وانگر تپيل نازڪ چپن تي اچي ويا. منهنجي جسم ۾ باھ ڀڙڪو کاڌو. اکين مان چڻگون نڪرڻ لڳيون، ۽ نڪ مان گرم گرم دونهون ٿي نڪتو. صنوبر جو به اهوئي حال هو. هن جو گرم گرم ساھ منهنجي جسم سان ٽڪرائي مون کي گرمائي رهيو هو.

مون صنوبر جي ڳلن، چپن، ڪنڌ ۽ ڪاڏيءَ تي ايترا ته ۽ اهڙي زور سان چڪ پاتا هئا، جو صبح جو ڏٺم ته ڪيترن هنڌن تي نيرا نشان اُڀري بيٺا هئا. ماسي ۽ اميءَ، منهنجي انهن پيار جي نشانن کي ڏسي چيو ته: شايد صنوبر کي رات جو ڪنهن زهري جيت چڪ پاتو آهي، جنهنجو زهر صنوبر ۾ ڦهلجي ويو آهي.

انهيءَ ڏينهن صوبر ڏاڍي اُداس هئي. مون سان به تمام گهٽ ڳالهائين، ۽ اسان کي اڪيلائي به نه ملي، رات جو جڏهن بتيون ٻري ڪافي وقت ٿي چڪو هو، صنوبر جو پاءُ گاڏي وٺي آيو. پاڻس کي ڏسندي ئي صنوبر جو منهن لهي ويو، ۽ جڏهن صنوبر برقعو پائي مون ڏانهن ڏٺو ته پنهنجن ڳوڙهن کي روڪي نه سگهي. تنهن ڪري جلديءَ سان نقاب هيٺ ڪري ورتائين. اميءَ کلي چيو، ”هن ڇوڪريءَ کي ته ڏسو، گهر ۾ ئي نقاب هيٺ ڪيو اٿس. امان مون کان ٿي پردو ڪرين ڇا؟“

صنوبر جواب نه ڏنو ۽ اڳيان وڌي وئي. گاڏيءَ کي چئني طرف پردو ٻڌل هو. صنوبر پردي جي اندر هلي وئي. قيد جي سرحد وري شروع ٿي ويئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پٿر**

صنوبر منهنجي ماسيءَ جي ڌيءَ آهي. ائين ته سڀئي انسان برابر آهن، سڀئي سيد هڪجهڙا آهن. پر منهنجي ماسي جن سيدن ۾ پرڻجي ويئي، اُهي به انهن ڪجهه وڏگهراڻي سيدن مان آهن، جيڪي پنهنجو مَٽُ ڪنهن کي نٿا سمجهن. غير ته نهيو، هڪ مائٽ به ٻئي مائٽ کي پاڻ کان گهٽ سمجهندو آهي. اهي پنهنجي پيٽن ۽ ڌين جون شاديون ڪونه ڪن، ڇو ته انهن جو ڪو ثاني شريڪ ڪونهي. پاڻ کان گهٽ کي سڱ ڪيئن ڏين، البت سڱ وٺي سگهجي ٿو. منهنجي ماسيءَ جون به ڌيون، وڏي اختر چوويهن سالن جي ۽ ننڍي صنوبر ويهن سالن جي آهي. ماسيءَ جون چار نياڻيون آهن، جن مان سڀ کان وڏي اٺيتاليهه ڪن سالن جي آهي، ۽ سڀ کان ننڍي ٽيهن سالن جي. انهن کان علاوه گهر ۾ منهنجي ماسڙ جي ڦُڦي به آهي، صنوبر کان وٺي ماسڙ جي ڦُڦيءَ تائين سڀئي ڪنواريون آهن،– ڇو ته انهن جو ڪو ثاني شريڪ ڪونهي. مان انهيءَ جي سخت خلاف آهيان ته اسين ته شاديون ڪريون، عيش عشرت ڪريون. پر پنهنجي عورتن جون خوشيون، آرزوئون ۽ اميدون دفن ڪري ڇڏيون. جڏهن ماسڙ جيئرو هو ته هڪ ڀيري ڪاوڙ ۾ چيومانس: ”جڏهن پنهنجين ڌين ۽ ڀيڻن کي انهيءَ ڪري نٿا پرڻايو ته اوهان جو ڪو ثاني شريڪ ڪونهي. ته پوءِ اوهان کي پاڻ کان گهٽ وارن مان شاديون به نه ڪرڻ گهرجن.“ ماسڙ مون کي ڪاوڙ ۾ ڏٺو، پر يڪدم کِلي چيائين، ”اهو تون آهين. جيڪر ٻيو ڪو اها ڳالهه چوڻ جي همت ڪري ها ته شُوٽ ڪريانس ها.“

پر مان باز نه آيس، وقت بوقت ٻيو ماسڙ کي چوندو هوس. ماسڙ کي مون سان ڏاڍي محبت هئي، ۽ نيٺ منهنجين ڳالهين هن تي ايترو اثر ڪيو، جو هڪ ڀيري، جڏهن اُتي ٻيو ڪير نه هو، مون کي آهستي سان چيائين: ”سعيد، تون ٺيڪ ٿو چوين. منهنجا خيال به توکان گهٽا ڦريل ڪونهن. مان ڄاڻان ٿو اهو وڏو گناه آهي، اخلاقي به ۽ مذهبي به. پر آءُ مجبور آهيان. اسان جي ستن پيڙهين ۾ اسان جي در تي ڪو ناتي نه آيو آهي. هاڻ مان وڏن جي روايت ڪيئن ٿو ٽوڙي سگهان. اسان جا مريد، مائٽ ۽ دوست نه کلندا؟ اسين گهٽ ڪري سمجهباسين.“

”اوهين ڪوڙي عزت، ٺلهي ناموس ۽ پنهنجن مائٽن جي وڏائي، سندس ڪنيل`غلط قدم ڪري ايڏو وڏو گناه ڪرڻ پسند ڪريو ٿا. پر پنهنجين عورتن جي جذبن ۽ احساسن کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪريو. آخر اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ تہ انسان آهن. زمانو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پيو ترقي ڪندو، ۽ اوهين هزارين سال پٺتي پيا وڃو. اوهان جي وڏن هڪڙو غلط ڪم ڪيو آهي، پر اوهين اهو ساڳيو ڪم ڇو ٿا ڪريو، اوهان کي گهرجي تہ اوهين صحيح قدم کڻي پنهنجن وڏن جي روح کي بہ سُڪون پهچايو."

"مان توسان بحث نٿو ڪرڻ چاهيان، پر مان مجبور آهيان. منهنجي مائٽن مان جيڪر ڪو هڪڙو بہ پنهنجي ڌي يا ڀيڻ جي شادي ڪري ڇڏي تہ مان پنهنجين سڀني ڀيڻن ۽ ڌين کي پرڻائي ڇڏيان– پر هينئر مان مجبور آهيان."

"تہ پوءِ اهو نيڪ ڪم اوهين ئي ڇو نٿا ڪريو. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان وانگر، اوهان جي ڪن مائٽن بہ اهو ئي سوچيو هجي. ۽ اُهي بہ انتظار ۾ هجن. اوهان پهرين قدم کڻو تہ شايد اُهي بہ اوهان جو ساٿ ڏين."

"اڳ ۾ منهنجي لاءِ اهو قدم کڻڻ ممڪن ڪونهي."

مان اجا بحث ڪريان ها. پر ماسڙ وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ بلڪل تيار نہ هو، ۽ اوڏيءَ مهل سندس ڪمدار بہ اچي ويو، جنهن ڪري مون کي ماٺ ڪرڻي پئي.

ماسڙ ۾ وري بہ ايتري انسانيت هئي، جو هن اها ڳالهہ محسوس ڪئي، ۽ انهيءَ تي ڳالهائين بہ، ۽ ٻڌئين بہ. پر سندس پٽ تہ انهيءَ ڳالهہ جو تصور ئي نٿي ڪري سگهيو، ۽ نہ ئي انهيءَ ۾ ايتري فضيلت آهي، جو انهيءَ سان بحث ڪجي يا ڪجھ سمجهائجي. ۽ مون کي انهيءَ ڳالهہ مُنجهائي ڇڏيو هو تہ هن کي ڪيئن راضي ڪجي.

ٻئي پاسي منهنجي ماءُ جا خيالات منهنجي ماسات جهڙا بلڪل پراڻا تہ نہ هئا، پر سندس هڪڙو خيال مون کي ٻنهہ ڪين وٽندو هو. اُهو، اهو تہ هوءَ فقط سيدن مان ننهن آڻيندي. اميءَ انهيءَ جو تصور ئي نٿي ڪري سگهي تہ سندس گهر ۾ غير سيد پرڻجي اچي. اميءَ جي نظر ۾ ٻيا سڀ انسان برابر آهن، پر سيد ٻين کان مٿي آهن. امي بہ صنوبر کي تمام گهڻو پسند ڪندي هئي. پر خبر هيس تہ صنوبر جو سڱ ملي نٿي سگهيس. جيتوڻيڪ صنوبر جو پيءُ اميءَ جي ذاتي عزت ڪندو آهي، پر اها ڳالهہ تہ ٻڌڻ بہ پسند نہ ڪندو. ٻيا گهڻا ئي سٺا سڱ آيا، ڇوڪريون سهڻيون، پڙهيل ۽ سليقي واريون هيون، پر هڪڙو عيب انهن ۾ هو، اُهو اِهو تہ اُهي سيد خاندان جون نہ هيون. انهيءَ ڪري پسند نہ پيون. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ مان صنوبر کان سواءِ ڪنهن سان بہ شاديءَ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس. مون اميءَ کي گهڻوئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهايو ته مون کي هينئر شاديءَ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. پر اميءَ ڪٿي ٿي منهنجي ڳالهه ٻڌي، جتي به ڪا سيد جي ڌيءَ ساماڻي يا سُجهيس، يڪدم شاديءَ جو پيغام پهچائي ڇڏيائين. هڪ، هائوڪار به ڪئي، پر مون انڪار ڪيو. هڪڙي ڇوڪريءَ لاءِ ته ڏاڍو زور پريائين. ڇوڪري شڪل جي سٺي نه هئي ۽ نه ئي پڙهيل، پر خاص ڳالهه اها هئي ته هوءَ نج سيد هئي، يعني سندس نانا ۽ ڏاڏا سيد هئا. پر مون ضد ڪري اميءَ کي انهيءَ ڳالهه تان لاٿو. مان ته پنهنجي ڪنوار پسند ڪري ڇڪو هوس، ٻي ڪيئن پسند ايندي. مان پنهنجي زندگي ٻئي کي ڪيئن ٿي ڏئي سگهيس، جنهن حالت ۾ منهنجي زندگي مون وٽ هئي ڪانه.

اميءَ شاديءَ لاءِ مون تي تمام گهڻو زور رکيو، ناراض ٿي، ڪجهه ڏينهن ڳالهائڻ به ڇڏي ڏنائين، پر پوءِ وري ڳالهائڻ لڳي. ماءُ جو هئي.

هڪ رات جڏهن مون سندس ٽنگن کي زور پئي ڏنا ته اميءَ چيو:
”تون ته ڪهاڻيون لکندو آهين. اديب آهين. ماڻهن جي جذبات ۽ احساسات جا چتر چٽيندو آهين، ٻين جا جذبا ۽ احساس سمجهي سگهين ٿو....
پر ڇا هڪ ماءُ جا احساس ۽ جذبا سمجهڻ ايڏي مشڪل ڳالهه آهي؟“

منهنجا هٿ رڪجي ويا. جواب نه اُڪليم.

”پُٽَ جواب ڏي. مان به جاهل نه آهيان. خبر اٿم ڪو به اديب نه چاهيندو ته ڪو انسان ڏکي رهي، ڪنهن سان زيادتي ٿئي، ڪنهن جو حق ماريو وڃي.“

”ڇا مون اوهان جو حق ماريو آهي؟“ مون هٻڪندي پڇيو.

”ها تو، تو منهنجو حق ماريو آهي. مائٽ جو اولاد تي وڏو حق آهي، خاص ڪري ماءُ جو. مون توکي نوَ مهينا پيٽ ۾ سانڍيو آهي، پنهنجو رت توکي پياريو اٿم، پنهنجيون راتيون، پنهنجن ڏينهن جو سک ۽ آرام قربان ڪيو اٿم. تنهنجي هر تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهيو اٿم، ڇا توتي منهنجو ڪو حق ڪونهي؟ ماءُ اولاد کي سڀ خوشيون ڏئي، فقط هڪ خوشي چاهيندي آهي، ۽ اُها آهي پُٽ جي مٿي تي مُوڙ ڏسڻ. هر اولاد جو فرض آهي ته مائٽ جو اهو قرض لاهي.“

”امي، مون سدائين اوهان کي خوش ڏسڻ چاهيو آهي، اوهان جي هر مرضي رکي اٿم. پر ناپسند جي شادي، اها منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏيندي. ڇا اوهين چاهيو ٿا ته منهنجي زندگي تباهه ٿي وڃي.“

”اولاد هميشه اهو سمجهندو آهي ته مائٽ اسان جو دشمن آهي. پر مائٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪڏهن اولاد جو دشمن ٿي سگهي ٿو؟ مان تنهنجي ڀلائي توکان وڌيڪ سمجهان ٿي. مان توکي ڪڏهن نه ڪيرائيندس.“ وري ٿورو ترسي چيائين، ”ماءُ جي خوشي فقط پُٽ جا موڙ ڏسڻ ۾ ٿيندي آهي، جنهن ماءُ کي اهي ڏسڻ نصيب نه ٿيا، اُها دنيا ۾ سڀ کان بدقسمت ماءُ آهي.“ اميءَ جو آواز ڀرجي آيو ۽ ڳوڙها ڳلن تان وهڻ لڳا.

منهجيون اکيون به ڀرجي آيون، آهستي آهستي چيم، ”امي، جيڪڏهن منهنجي مٿي تي موڙ ڏسڻ چاهيو ٿا، منهنجي، ۽ اوهان پنهنجي خوشي ڏسڻ چاهيو ٿا، ته اهو فقط انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي ٿو ته اوهين منهنجي شادي، منهنجي پسند تي ڪرايو.“

”ها، اها ڳالهه منظور اٿم، پر غير سيد نه هجي.“

”ها، اُها سيد ئي آهي.“

”ته پوءِ تون جلدي ٻڌاءِ، مان هينئر ئي ڪوشش ڪريان ٿي.“

”ته پوءِ ڪريو ڪوشش ۽ نالو به ٻڌي وٺو، اُها ’صنوبر‘ آهي، منهنجي ماساتهه. مان فقط انهيءَ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”چوين ڇا ٿو!“ اميءَ جي واتان رڙ نڪري وئي. ۽ هوءَ کٽ تي اُٿي ويهي رهي. ”ڪجھ سوچيو به اٿئي، تو ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟“

”سڀ سوچيو اٿم. سوچي ئي چيو اٿم. اوهين چئو ٿا شادي ڪر، هجي به سيد. ۽ مون کي پسند جي به اجازت ڏني اٿوَ، ته اهي سڀئي خاصيتون فقط صنوبر ۾ آهن.“

”توکي خبر آهي، انهن ۾ ڇوڪرين جي شادي نه ٿيندي آهي.“

”انهيءَ ڪري جو انهن جو ڪو شريڪ ڪونهي. اسين به سيد آهيون ۽ اهي به، پوءِ فرق ڪهڙو. منهنجي ماسي اتي پرڻجي وڃي سگهي ٿي، پر سندس ڌيءَ اسان ۾ نٿي اچي سگهي.“

”اهو انهن ۾ رواج آهي.“ امي چيو.

”ته اهو غلط رواج ختم ڪرڻ گهرجي.“

”انهن جي وڏن کان ائين ٿيندو آيو آهي، هاڻ به ائين ئي ڪندا. نڪو تنهنجو اثر ٿيندو، نه منهنجي ڳالهه مڃبي.“

”مان صنوبر جي پاءَ سان ڳالهائيندس. ڏسندس ڪيئن نٿو مڃي، جڏهن صنوبر تيار آهي ته هو ڇا ٿو ڪري سگهي.“

”چريو نه ٿي. هو بيوقوف ماڻهو آهي. اگر پوءِ سوچيندو ڪونهي، هوش مان نڪري ويندو. ڳالهه وڃي خون خرابي تي پهچندي. ڇا تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهين ٿو صنوبر مارجي وڃي. مونتي چئو ته مان پاڻهي ئي ڳالهه چوريندس.“

امي وري به مونکي گهڻو سمجهايو، پر مان نه مڙيس. ۽ لاچار ٿي امي ماسيءَ جي ڳوٺ ساڻس ڳالهائڻ وئي. مان به اميءَ سان گڏ ويس. ماسيءَ جو ڳوٺ شهر کان فقط ٽي ميل پري آهي، پر رستو خراب هئڻ ڪري مان اتفاق سان ئي سندن گهر ويندو هوس، سو به صنوبر خاطر. فقط ڪيس هڪ نظر ڏسڻ لاءِ. اڄ اوچتو اسان کي ڏسي، ماسي ۽ سندس گهر وارا ڏاڍا حيران ٿيا.

صنوبر ٿوري دير لاءِ اڪيلائي ۾ ملي ويئي، پڇيائين، ”اوچتو ڪيئن اچڻ ٿيو؟“

ٻڌايومانس، ”تنهنجو سڱ گهرڻ آيا آهيون.“ ٻڌي وات ڦاٽي ويس.

”ڇا پيو چئين! منهنجو سڱ!“

”ها، تنهنجو سڱ. ڇا مان توکي پسند نه آهيان؟“

”تون نه پسند ايندين ته پوءِ ٻيو ڪير پسند ايندو. پر مان ڄاڻان ٿي اهو سڱ ڪڏهن به نه ٿيندو. تو پاڻ ٻڌايو آهي ته پيار جي راهه ۾ سدائين پٿر ايندو آهي. ۽ پنهنجي راهه ۾ جيڪو پٿر آيو آهي، انهيءَ کي هٽائڻ ممڪن ڪونه ٿو ڏسجي.“

جڏهن امي، ماسيءَ سان صنوبر جي سڱ جي ڳالهه ڪئي، ته ماسي حيران ٿي ويئي. هن کي شايد تصور ۾ به اهو خيال نه آيو هو ته ڪو ڪانئس به ڌيءَ جو سڱ گهري سگهي ٿو. ڪافي دير هوءَ حيران رهي. پر پوءِ چيائين، ”ادي تو هيءَ ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي. توکي خبر ڪانهي مان ڪٿي پرڻجي آئي آهيان. هتي ڌيئون ڄمنديون آهن اونداهن کوهن ۾ اڇلائڻ لاءِ، مايوسين جي تاريڪ سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لاءِ، انهن جي قسمت ۾ خوشيون لکيل ئي ڪونهن.... توکي ته سڀ خبر آهي، پوءِ ڪيئن اهڙي ڳالهه ڪيئي. بند ٿيل ڦٽن کي ڇو اُکيليئي.“ ماسيءَ جي اکين مان ڳوڙها مينهن وانگر وسڻ لڳا.

”چري نه ٿي،“ اميءَ چيو، ”مڙس نه اٿئي، پٽ اٿئي، تنهنجي چئي کان ٻاهر نه ويندو.“

”اها ڳالهه غلط آهي، مڙس ته شايد ڳالهه ڪٽي ٻڌي به ها ۽ ٻڌي برداشت به ڪري وڃي ها. پر هي ته انهيءَ ڳالهه تي مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.“

”انهيءَ ۾ تنهنجو ڏوهه آهي. اولاد کي جهڙي تربيت ڏبي آهي، اولاد اهڙوئي ٿيندو آهي. توکي پنهنجي پٽ کي ننڍي هوندي کان ئي اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تربيت ڏيڻ گهرجي ها.“

”تنهنجي ڳالھ صحيح آهي. پر ٻار تي وڏو اثر ماحول جو به ٿيندو آهي. منهنجو پٽ اهڙي ماحول ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو آهي، جنهن ۾ قدم تي ڪيس ٻڌايو ويو تہ، اسين اُچ گهراڻي جا آهيون، اسان جو ڪو ثاني شريڪ ڪونهي، مان ڇا ٿي ڪري سگهيس.“

”پر هاڻ تہ ڪجھ ڪر. ڇا تون چاهين ٿي تہ تنهنجي نٽاڻن وانگر تنهنجين ڌين جي ارمانن جو بہ جنازو نڪري. سدائين پاءَ جي رحم ڪرم تي رهن. اهي انسان آهن. انهن جون بہ ڪي اميدون ۽ خواهشون هونديون، تون انهن جو گلو ڇو ٿي گهٽين.“

”مان مجبور آهيان. منهنجي وس ۾ ڪجھ ڪونهي. ڄاڻان ٿي تہ هاڻ زمانو ڏاڍو خراب آهي، جوان ڌيون ڪنواريون ويهارڻ خطري جي ڳالھ آهي. اهو بہ ڏسان پئي تہ گهر ۾ ڇا پيو وهي واپري. بہ نٽانون ساهيڙيون ويهاري ويٺيون آهن، ۽ هڪ در جي نوڪر پنيان ڇتي ٿي پئي آهي، انهن جي ڪري ڪيتري خرابي ٿي آهي، سو بہ مان ڄاڻان ٿي. هاڻ منهنجيون ڌيون بہ پڪين جا اهي افعال ڏسي اهڙائي ڪم سکنديون. پر مون کي ڳالهائڻ جي بہ اجازت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ مان ڌاري آهيان، انهن کان گهٽ.“

”مان ٿي پلا پنهين سان ڳالهايان.“ اميءَ کيس چيو.

”نہ نہ، خدا جي واسطي اهڙو ڪم نہ ڪجان. منهنجي لاءِ مصيبت کڙي ٿي پوندي. چوندا: غير هئي، انهيءَ ڪري اهڙي ڳالھ پيدا ٿي. ائين بہ گهر ۾ منهنجي عزت نوڪرياڻيءَ مثل آهي. باقي جي تو اها ڳالھ ڪئي تہ گهر ۾ رهڻ بہ مشڪل ٿي پوندو.“

امي لاچار ٿي پئي ۽ انهيءَ ڏينهن موٽي آئي. گهر جي سيني پاتين روڪيس، صنوبر جي پاءُ بہ زور رکيو، پر امي نہ ترسي. اميءَ کي سخت صدمو رسيو هو.

جڏهن کان ماسيءَ جي گهران آئي هئي، وري مون کي شاديءَ جو نہ چيائين. هن کي يڪي ماٺ لڳي ويئي. ۽ پوءِ آهستي آهستي سندس صحت بہ خراب رهڻ لڳي. گهڻوئي علاج ڪرايم. ڪئين ڊاڪٽر آيا، پر فائدو نہ ٿيو، امي ڏينهون ڏينهن ويئي ٿي لڙهندي. سيني ڊاڪٽرن هڪ ئي ڳالھ ٿي چئي، ’ڪو صدمو رسيو اٿس.‘ ۽ اهو صدمو ڪهڙو هو، انهيءَ جي ڄاڻ نہ فقط مون کي، بلڪ منهنجن ڪن مائٽن کي بہ هئي. ۽ هڪ رات اوچتو اميءَ جي طبيعت تمام گهڻي خراب ٿي ويئي. اصل جهڙي سڪرات لڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس، يڪدم ڊاڪٽر گهرايم، ڊاڪٽر ڏسي چيو، "صدمو اندر گهر ڪري ويو آهي، هاڻ ڪيس اندر ئي اندر پيو ڳائي، اوهين جيڪڏهن هن جي حياتي بچائڻ چاهيو ٿا ته ڪيئن به ڪري هن کي پهتل صدمو دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، شايد هيءَ نيڪ ٿي وڃي."

انهيءَ رات اميءَ مون کي پنهنجي بلڪل پرسان ويهاري ڏڪندڙ زبان ۾ چيو، "پٽ، هاڻ مان وڃڻ واري آهيان، مون تنهنجي لاءِ ڏاڍا سور سٺا آهن، مون پنهنجي ساري زندگي تڪليف ۾ گذاري ڇڏي، فقط انهيءَ ڪري، ته توکي سُکي ڏسان. مون تو کان پنهنجي لاءِ ڪجھ نه گهريو، پنهنجي خوشيءَ لاءِ فقط هڪ ڳالھ ڇيم، پر پٽ، وس ۾ هوندي به تو اِها خوشي نه ڏني.

"پٽ، مان توکي پِٽَ پاراتو نه ڏيندس، ڇو ته تون دکي رهندين، ته منهنجو روح به سکي نه رهندو."

مان جواب نه ڏئي سگهيس، جواب به ڪهڙو ڏيان. اميءَ جي خوشيءَ منهنجي زندگي جي خوشي تي ڪسي ورتي، منهنجي زندگي برباد ٿي ٿي.

پر پوءِ اهو فيصلو ڪيم ته پنهنجا سک ڏئي، پنهنجي زندگي برباد ڪري به جيڪر ماءُ جي زندگي بچائي وٺم ته اِهي منهنجا ڀاڳ ٿيندا.

۽ آخر پنهنجي سونهن جي ديوي، پيار جي ديويءَ کان منهن موڙي، پنهنجي پيار جي راه جو پاڻ ئي پٿر بڻيس، پاڻ کي دکي ڪري، اميءَ کي خوشي ۽ زندگي ڏيئي ڇڏيم.

جيئن جيئن منهنجي شاديءَ جا ڏينهن ويجها ٿيندا ٿي ويا، اميءَ جي صحت نيڪ ٿيندي ٿي وئي ۽ شاديءَ جي ڏينهن ته بلڪل نيڪ ٿي وئي، ڄڻ ته ڪجھ ٿيو ئي ڪونه هوس.

جنهن وقت لانئن لاءِ مون کي اندر ڪنوار وٽ آندائون، منهنجي نظر سامهون بيٺل صنوبر تي پئي. صنوبر ائين بيٺي هئي، ڄڻ پٿر جو بت، چهري تي اُداسي ۽ اکين مان مايوسي صاف نظر آئي پئي. منهنجا قدم ڏڪڻ لڳا، پرسان بيٺل صنوبر جي ماءُ مون کي سهارو ڏئي، ڪنوار وٽ ويهاريو. سانث سوڻ ٿيڻ لڳا، پر منهنجي دل ۽ دماغ تي فقط صنوبر سمايل هئي، جيڏيءَ مهل آرسيءَ ۾ ڪنوار جو منهن ڏيکاريائون، ته مون ڪي آرسيءَ ۾ صنوبر جو اُداس چهرو نظر آيو، ۽ مون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ڪنوار کي گهر وٺي آيا، ۽ جڏهن سيج تي ويهاري سڀ ڪمري مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري ويا ته مون ڪنوار ڏانهن ڏٺو. هوءَ ڪنڌ جهڪايو گهونگهٽ ڪيو ويٺي هئي. سامهون سيج تي منهنجي ڪنوار ويٺي هئي، ۽ پريان مان بيٺو اهو سوچي رهيو هوس: 'ڇا هيءَ منهنجي آرزو آهي؟ ڇا مون انهيءَ جي گهر ڪئي هئي- نه، مون اهو نٿي چاهيو، جيڪو مون کي مليو آهي.' مون کي صنوبر جو خيال آيو. هينئر صنوبر جي دل تي ڇا گذرندو هوندو، اڄ هن جون اميدون ۽ خواهشون سڀ خاڪ ۾ ملي ويون هونديون. هوءَ سوچيندي هوندي ته مون ساڻس جيڪي ڳالهيون ڪيون، اُهو سڀ دوکو ۽ فريب هو. ۽ پوءِ ڪنوار ڏانهن ڏٺم، جيڪا ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي. نه ڄاڻ هيءَ منهنجي متعلق ڇا سوچي رهي هوندي. هڪ اهڙو مرد، جنهن کي هن ڪڏهن ڏٺو به نه آهي، پنهنجي زندگي انهيءَ جي حوالي ڪئي اٿس. ٿوري دير لاءِ مون کي انهيءَ تي رحم اچي ويو. مان آهستي آهستي هلندو پلنگ وٽ آيس، ۽ ڪنوار جي پرسان ويهي رهيس، ڏڪندڙ هٿن سان مون هن جو گهونگهٽ مٿي ڪنيو، جنهن سان گڏ نئين زندگي شروع ڪرڻي هئم.

گهونگهٽ کنيم، اتي اُونداهه هئي، ڪاري ٻاٽ. منهنجي دل ۾ جيڪي آرزوئون ۽ اميدون هيون، سي اهڙيون ڪاريون ته نه هيون، جهڙي هيءَ ڪنوار آهي. مون ڪنيل گهونگهٽ وري هيٺ ڪري ڇڏيو. پلنگ تان اُٿي وينس جو بت کنيم، وينس جي چپن تي جيڪا مُرڪ هئي، جنهن کي مان سدائين پيار جي مُرڪ چوندو هوس، مون کي انهيءَ ۾ طنز محسوس ٿيو، ڇڻ وينس، پيار جي ديوي، منهنجي بي وسيءَ تي مرڪي رهي هئي. مون بت کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي، سيج جي پائي تي هنيو. بت اڌ مان ڀڄي پيو. شايد ڪنوار گهونگهٽ کڻي مون کي ڏٺو هو ڇو ته سندس چوڙين جي ڇڻ ڇڻ ٿي هئي.

ٻئي ڏينهن، رات جو صنوبر وارا ويا ٿي. شام جو صنوبر مون کي اڪيلي ملي وئي. مون کي ڏسي پاسو ڏئي وڃڻ ٿي چاهيائين، پر مون ٻانهن کان جهلي ورتومانس.

"صنوبر، مون کي توسان ڪجهه ڳالهائڻو آهي."

"هاڻ ڳالهائي ڇا ڪندين سعيد؟ هاڻ بچيو ئي ڇا آهي."

"ائين نه چئو صنوبر، ائين نه چئو. توکي ته سڀ خبر آهي، مان ڪيڏو مجبور ٿي پيس. مون کي ماءُ جي زندگي بچائڻ لاءِ، پنهنجي پيار کي قربان ڪرڻو پيو. صنوبر هيءَ منهنجي شادي نه ٿي آهي، منهنجي آرزوئن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميدن جو گلو گهٽيو ويو آهي، منهنجو پيار فقط تنهنجي لاءِ آهي، مان فقط تنهنجو آهيان. تون غلط فهميءَ ۾ نه پوءُ.“

”هاڻ غلط فهميءَ ۾ پيس ته چا، نه پيس ته چا. مان تنهنجي مجبوري ڄاڻان ٿي، سمجهي سگهان ٿي، مون کي تو سان ڪا به شڪايت ڪانهي. تو مون کي قيد مان آزاد ڪرائڻ ٿي چاهيو، پر نه ڪرائي سگهئين. تون مون کي، مان توکي حاصل نه ڪري سگهياسين. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. توئي ته چيو هو: ’پيار دنيا ۾ ايتري شڪست کاڌي آهي، جو هاڻ پيار جي هار به جيت ئي آهي.‘ تنهنجو ئي چوڻ آهي ته ’پيار لاءِ جسم ئي نه، پر دل ۾ پيار هئڻ وڏي ڳالهه آهي.‘ مان ڪلهه به تنهنجي هئس، اڄ به تنهنجي آهيان، منهنجي دل ۾ فقط تون آهين.

مون کي فقط هڪڙو ڏک آهي، تو وينس جو بت پيجي ڇڏيو، تون چوندو هئين ته مان وينس آهيان، ۽ اهو بت به انهيءَ ڪري ونيو آيو هئين ته توکي انهيءَ ۾ منهنجو ئي روپ نظر آيو هو، ۽ مان به سدائين انهيءَ خوش فهميءَ ۾ هيس، ته هي بت منهنجو ئي پيو روپ آهي. پر منهنجي دل وانگر تو هن بت جا به ٽڪر ڪري ڇڏيا.

”پر چڱو ٿيو. اهو پٿر جو بت هو، ۽ اهو پٿر به تنهنجي ۽ پاپيءَ جي رستي ۾ اچي ها، جڏهن به تون هن کي ڏسين ها، توکي مان ياد اچان ها. چڱو ٿيو اهو پٿر به هٽي ويو. مان نٿي چاهيان ته مان ڪنهنجي رستي جو پٿر بڻجان. مون پاپيءَ کي ڏنو آهي. هوءَ تمام سٺي ڇوڪري آهي. مون کي ڏاڍي وٺي. مان نه چاهيندس ته منهنجي ڪري هوءَ دکي ٿئي. اسين اڄ وڃون پيا، ۽ ڪوشش ڪندس ته وري نه اچان.“

# پيار

”صنوبر، مون کي توسان پيار هو، آهي ۽ سدائين رهندو. مان پيار جي رستي ۾ آيل پٿر هٽائي نه سگهيس، انهيءَ جو ڏک مون کي سدائين رهندو. پيار جي ديوتا جيڪو تير منهنجي ۽ تنهنجي دل ۾ هنيو هو، اُهو سونو نه هو- هاڻ منهنجي نئين زندگي شروع ٿي آهي، پر اها زندگي هڪ اونداهو رستو آهي. تنهنجي دل ۾، منهنجي لاءِ جيڪو پيار جو ڏيو ٻري پيو، مان انهيءَ جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي اونداهي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪندس. منهنجي لاءِ اهو آسرو ئي زندگي آهي، ته تنهنجي دل ۾ مان آهيان. تنهنجو پيار فقط منهنجي لاءِ آهي.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com